ھُوچي مُنھجي آتمڪھاڻي

سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي
گاڏي کاتو حيدرآباد

هوچي منهن جي آتم ڪهاڻي

سنڌيڪار :

رسول بخش پليجو

سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي
گاڏي کاتو حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهريون ڇاپو	اپريل ۱۹۷۲ع
ٻيو ڇاپو	جنوري ۱۹۷۵ع
ٽيون ڇاپو	مارچ ۱۹۸۲ع
ڇپائيندڙ	محمد اشرف لاکو
ٻانهن ٻيلي	منير احمد ٻوڳڙي

قيمت ۹-۰۰

هي ڪتاب محمد اشرف لاکي "غني جي پرنٽرس" هوم اسٽيڊ هال اڇڙهي کان ڇپائي سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي گاڏي کاتو حيدرآباد مان پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

دنيا جي ڪيترن مظلوم ملڪن جي عوام وانگر سنڌي عوام به پنهنجي وطن جي ڇوٽڪاري، ترقي ۽ شان لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي.

سنڌ جي نوجوان نسل، سنڌي اديبن، شاعرن، دانشورن، شاگردن ۽ قومي ڪارڪنن ان جدوجهد ۾ وڏو حصو ورتو ۽ ڪافي ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. گذريل تجربي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته اسان جي جدوجهد جي راهه ۾ گهڻيون رڪاوٽون به آهن. انهن مان هڪڙي وڏي رڪاوٽ اها به آهي جو اڃا اسان جي ڪارڪنن ۽ عوام کي انقلابي جهدوجهد جي لاهين چاڙهين، صحيح وات ۽ ان جي گس جي ورن وڪڙن، ڏاڪڻين ۽ اڻانگن لڪن جي پوري خبر ناهي. ان ڪري اسين بار بار ڪيتريون غلطيون ڪريون ٿا، پاڻ ۾ ٻڌي ڪري نٿا سگهون، لڳاتار جدوجهد نٿا ڪري سگهون، پنهنجي ۽ پرائي جي پوري ڇاڻ ڪري نٿا سگهون، پيري پيري سان دوکا کائون ٿا ۽ پڇتايون ٿا.

دنيا جي ٻين ملڪن ۽ ٻين قومن جي حالت به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهريائين اسان جهڙي هوندي هئي. انهن به اهڙيون ئي سنگين غلطيون ڪيون ۽ انهن جي ڪري ڳريون مصيبتون ۽ ناڪاميون سٺيون. آخر هنن پنهنجين غلطين مان سبق پرايو، نوان تجربا ۽ آزمائشون ڪيون. هنن اهڙا ڏاها دلير ۽ سرويچ ڪارڪن ۽ اڳواڻ پيدا ڪيا، جن ڪين لکن لانگهن مان لنگهائي پار ڪيو ۽ منزل تي رسايو.

ٻين قومن جي جدوجهد ۽ اسان جي جدوجهد ۾ گهڻا فرق آهن، زماني جا، ماحول جا ۽ حالتن جي پر اسان ۽ هنن جي وچ ۾ ڪيتريون ڳالهيون ساڳيون به آهن.

ان ڪري جيڪڏهن اسين پانيون ته سدائين پٺيل نه رهون ۽ اونداهي ۾ ٺوڪرون نه ڏيندا رهون ته پوءِ اسان کي گهرجي ته ٻنهن جي تجربي مان به سبق پرايون ۽ ساڳئي وقت ٻنهن جي ساٿي ۽ اڳواڻ قوم سندن سرواڻن جي جدوجهد جي ڄاڻ به حاصل ڪريون ۽ انهن جي تجربن مان سبق حاصل ڪريون. ائين ڪرڻ سان اسين بار بار ٿڦڻ کان بچي وينداسون.

انهيءَ مقصد لاءِ سنڌي عوامي ڪتاب گهر ”نئين دور جا برک انقلابي“ نالي ڪتابي سلسلو شروع ڪيو آهي. انهيءَ سلسلي جا ڪتاب اسان کي سيڪاريو ته دنيا جي مشهور انقلابي قومن ڪهڙيون واٽون وٺي انقلاب جي منزل ماڻي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ادب کي هن وقت هر قسم جي علم جي دولت سان مالا مال ڪرڻو آهي ۽ ان کي دنيا جي عظيم ٻولين جي صف ۾ بيهارڻو آهي. اسان کي اميد آهي ته هي ننڍڙي ڪوشش به ان سلسلي ۾ مدد ڏيندي.

رسول بخش پليجو

حيدرآباد
٣١ مارچ ١٩٧٢ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ڪاري ڪڪر هيٺ مون جهيڙيندي چڏيا
ڪـــارا ڪند هٿن ۾ اڙل وڇيرا هيـــٺ،

ٿي تنين سان ڏيـــــڻ مونٽڻ جنين ميهڻو. (شاهه)
آءٌ ويٽنام جـــو رهاڪو آهيان.... جي ها آءٌ ويٽنامي آهيان. مون کي انهيءَ ڳالهه تي فخر ۽ ناز آهي، ته مون اتي جي نيري پاڻيءَ، ساين ٻنين ۽ وڏن پربت جيڏن جبلن ۾ اک کولي. منهنجي ڏاڏاڻي ڏيهه جو نالو ”سيئن“ آهي پر آءٌ ”چاڊو“ نالي شهر ۾ جائس جيڪو ”ليم“ درياهه ۽ امان جي صوبيءَ جي شاهي سڙڪ جي وچ ۾ آهي. منهنجو وطن دلير ۽ بهادر انسانن جي سرزمين آهي. جڏهن ڪنهن به سامراجي قـوت ويٽنام ڏانهن اک کڻي نهاريو، تڏهن اسان جـي مٿير مڙس جهٽ ڏيئي هڪ ئي وار سان انهيءَ قوت جـــا هٿ ڪپي چڏيا. سائي هيڪ بي، ٿان ڊي تنگ، ٿان بوٿي چاڊو، تران ڦويه، جهڙا مانجهي مـــرد ۽ زالون به اتي ڄاوا. انهن مجاهدن کان سواءِ وڏن شاعرن پـڻ هتي جنم ورتو. انهن شاعرن مان هڪڙو ”نگويان ڊي“ پڻ هو.
اسان جي زمين ذوٽ، نيلي ۽ پڙپيانگ آهي. گرميءَ

جي موسم ۾ تپندڙ سج ۽ اتر اوڀر ڪان لڳندڙ لڪ
زمين جي پوسل ڪي چوسي ڇوٽ ڪري ڇڏيندي آهي:

[جت لڪ لڳي جت اڪ ٽپن، سو ديس مسافر
منهنجو ڙي!
جت سج ڦلا ٿي نڪري ٿو ۽ آڳ اُلا ٿي
نڪري ٿو!
جت ڏينهن ڪٽا هيءَ جئن ڪڙهن سو ديس.
مسافر منهنجو ڙي! (اياز)]

ونڌ ٿڌ سلا سڀ سڪي ويندا آهن. تنهن ڪانپوءِ
زبردست طوفان ۽ مينهن جي ڇڙ قيامت نازل ٿي
ويندي آهي ۽ دريائن جا وهڪرا ڦري ويندا آه
نگهواين جي ڄابلو علائقن جا ماڻهو ڳالهه
آهن ته:
"هڪ پيري الله سائين هتي جي ماڻهن
ڏمريو ۽ ڪاوڙجي انهن طوفاني هوائن جو
صوبي ڏانهن ڪري ڇڏيائين. انهن هوائن
کي ٻاڙان ٻٽي اکوڙي ڇڏيو، ۽ هزارين انس
جو شڪار ٿي ويا."
اها ڳالهه سچي هجي يا نه، پر
اسان جي وطن ويٽنام ۾ تمام خ
ايندڙيون آهن. خاص ڪري سر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طوفان سبب دهلجي ويئي هئي، ۽ ليم درياه جو پاڻي رت وانگر ڳاڙهو ٿي ويو هو. نگهواين جا رهاڪو اهڙين اوچتين مصيبتن کي منهن ڏيندا آهن. هنن جا حوصلا بلند آهن ۽ لڳاتار محنت سبب سندن لڳ رڳ جهڙا مضبوط آهن. تنيءَ تذيءَ ڪاهڻ وارا آهن. وڻن آرام لفظ هڪ گار مثل آهي. ڪين بهادريءَ، جفاڪشيءَ بک ڏک سهڻ وچڻ، بلند همتي، محنت ۽ جاڳڻ چڻ تاريخي طرح ورثي ۾ مليا آهن.

فطرت جي ڏاداين ۽ ڏاڍين قبضو ڪندڙ سامراجين خلاف منهنجي وطن جي ماڻهن کي هميشه جنگ جوڻي [illegible]وي. انهيءَ ڳالهه اسان جي ماڻهن جي دلين ۾ وطن [illegible] بهادريءَ ۽ بي ڊپائي جي جوت جاڳائي وڌي [illegible]ءَ ڪانسواءِ اسان جون جهوليون ثقافت ۽ [illegible] آملهه ماڻڪن سان پريون پيون آهن. اسان [illegible]ون آڪاڻيون، گيت ۽ ناچ سڀئي اسان جي [illegible]دلين، غيرتمند ۽ مجاهد فطرت جو آئينو [illegible]ن جي چٽاڻن ۽ گيتن جي سرن سان گونجندڙ [illegible]ون ٢٩ مئي ١٨٩٠ ۾ اک کولي. منهن [illegible] گهٽا ۽ آن ٿورو هو. هڪ ماڻهو [illegible] زمين جو ٽڪرو ملندو هو [illegible]نه ملندو هو.

[نڪي طعام تنين ۾، نڪي گبريـن،
موڙن پڻ ملاتن، حاصل هي حال ڪيو. (شاه)]

وڏا زميندار، جاگيردار ۽ سـردار ويهہ ويهہ هزار ايڪڙن ۽ هزارين ميڙهن ۽ مال تي قبضو ڪريو ويٺا هئا. ماڻهن کي گهٽو ڪري قاتل ۽ ميرا ڪپڙا پيل هوندا هئا. وٽن ايترو پئسو بچندو ئي ڪين هو، جنهن ڪٽي نوان ڪپڙا پائين:

[ننگـا آهيون نڪٽا اسين مـارو لوڪ،
ٿر کي پانيون ٿوڪ جو ڏيڪ ڏاتيئڙن جو.(شاه)]

تنهنڪري اسان جي بهادر ۽ محنتي ماڻهن اهـا اتڪل ويڙهائي جو شينهن کي ماري، ان جـي کلن مان تن ڍڪيندا هئا. تنهنڪري منهنجو ڳوٺ سڏبو ئي هو، "شينهن جي کلن وارو ڳوٺ."

هتي جي هوائن ۾ عجيب روايتن جنم ورتو آهي. مائون پنهنجي ٻارن کي ڇمندي ئي اها لولي ڏينديون آهن ته "پٽ وڏو ٿي پنهنجي ملڪ جي مٿان گهور ٿجائين." اسان جي هڪ مشهور لولي هيءَ آهي:

"سمهي رهہ منهنجا ننڍڙا سهڻا پـٽ!
'سمهي رهہ منهنجي اکين جـا نور!
'منهنجي دل جا ٺار اکيون بند ڪري سمهي رهہ،
'تنهنجي ملڪ اڃا آزاديءَ جو منهن نہ ڏٺو آهي،
'تنهنڪري تون اکيون ٻوٽي سمهي رهہ،
'توکي وڏي هوندي ڏاڍا اوجاڳا ڪرڻا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

' ۽ پنھنجي ملڪ جو سھاڳ واپس وٺو آهي،
"تنھنڪري ھينئر تنبون ڪري وٽ! منھنجا لال!"
اسان جو گھر به پنھنجي، وطن جي پيار ۽ خدمت ۾ پوئتي ڪونه هو.

[ماڙيون منھنجا سومرا، مارو ئي مير. (شاھ)]

منھنجي ماءُ ناني به مونکي اهڙيون لوليون ڏينديون هيون، ۽ انهن لولين جا اکر اڄ تائين منھنجي ڪنن ۾ پيا ٻرن. منھنجي ماءُ جو چاچو ايڪسيهن هڪ وڏو وطن دوست ۽ سرويچ ٿي گذريو آهي. جڏهن اسان جي ماڻهن ڏکڻ طرف دي ٿيم نالي جوڌي جي اڳواڻي هيٺ وطن جي ويري فرينچن خلاف بغاوت ڪئي، تڏهن هو سڀ ڪم ڦٽا ڪري گھر گھاٽ ڇڏي، وڃي ساڻن شامل ٿيو.

پر افسوس جو ان جدوجھد جو ڪوبه ظاهري جلد نتيجو نه نڪتو ۽ کيس گرفتار ڪري ٻيو ڪتب واري پيٽ جي قيد ۾ وڌائو. نيٺ کيس ڏکيا اين علائقي جي فرينچ حاڪم اڳيان پيش ڪيو ويو. اتي ساڻس تمام گھٽيون غتوبتون ۽ ڦھر ڪيا ويا ته جيئن هو مجبور ٿي قومي بغاوت جا راز فاش ڪري ۽ ڳوال ۽ چغل پنھنجن ساٿين کي جھلائي، پر هن آڻ نه مڃي:

[جي لوڻ لڱين لائين ڇيري ڇيري چم،
تون ڪر اڳي نه ڪيو اهڙو ڪوجھو ڪم،
ان جان دعوا دم تان تان پرت پنھوارن سان. (شاھ)]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن، پنهنجي جيپ ڏندن جي وچ ۾ ڪري، وٺي
جو زور ڏنو ته سندس جيپ جو اڳيون ٽڪر وڃي پٽ
تي ڪريو. ”هاڻ نه هوندو بانس ته وڄندي بانسري“.
جي جوٺي وانگر ننڍڙا هئي جيپ ۽ ننڍڙو هو ڳالهائي
تي سگهيو!

گورنر اها حالت ڏسي ڏڪي ويو. ماڻهو دنگ
رهجي ويا. سپني کي پڪ ٿي ويئي ته هن کان ڪجهه
ڳالهه پڇڻ جڙ ”بهرن کان ٻهر گهرڻ“ ٿيندو. تنهن
ڪري کيس جلاوطن ڪري ڇڏيائون.

اسان جو خاندان هڪ معزز خاندان هو. اسان جي
ملڪ جي لي گهراڻي جي حڪومت جيڪا ١٤٢٨ کان
١٥٢٧ تائين قائم رهي، تنهن ۾ اسان جي خاندان جا
ڪيترائي ماڻهو وڏن عهدن تي هئا. پر منهنجي پيءُ
شروعاتي زندگي ڏاڍي غربت ۾ گذاري. جڏهن منهنجي
ڏاڏي ۽ ڏاڏو وفات ڪري ويا، تڏهن بابا سائين اڃا
ننڍي ڄمار جو هو. مائٽن جي مري وڃڻ ڪري بابا
سائين پنهنجي مائٽلي ڀاءُ وٽ اچي رهيو. منهنجو چاچو
سخت طبيعت جو ۽ ڏاڍو ظالم انسان هو. سندس زال
ڏاڍي خوش ٿي ته گهر ويٺي مفت ۾ نوڪر ملي ويو
اٿئون، سو بابا کي نوڪر وانگر وهائيندا هئا. مٿان
وري ڇڙٻون، دڙڪا ۽ مار به ڏيندا هئا. تنهنڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بابا جي زندگي وهه تي پيئي. گهر جو رڌو پڪو بابا ڪندو هو، هڪڙي پيري سندس رڌل ٻوڙ چاچيءَ کي ڪونه وڻيو، سو ڪاوڙ ۾ رڙيون ڪري، ٻوڙ جو گرم ديگڙو ڪٺي بابا مٿان هاريائين. بابا سڄو سڙي ويو. پنهنجي بي عزتيءَ جو گهڻو ڏک ٿيس، سو پڪو پهه ڪيائين ته ”هن ظلم مان ڪيئن به ڪري جان ڇڏائجي.“

انهيءَ جو رڳو هڪڙو اهو طريقو هو ته ماڻهو پڙهي. چونه ان وقت پڙهيل ماڻهن جو ڏاڍو قدر هو. سو بابا به پڙهڻ جو فيصلو ڪيو. ان ڏينهن ڳوٺ ۾ ”هانگ ايڪس چائو“ نالي هڪڙو استاد آيو هو. جو هتي جي ڇوڪرن کي پڙهائيندو هو. بابا وڃي سندس شاگرد ٿيو ۽ صبح ڪانئس سبق وٺي مال ڪاهي جهنگ ۾ چارڻ ويندو هو. اتي وڃي مال چاريندي پنهنجو سبق ياد ڪندو. ٻئي ڏينهن وري استاد کان سبق وٺندو هو.

دماغ اڳي ئي سٺو هوس. وري جو رات ڏينهن محنت ڪيائين ته ٿورن سالن ۾ گهڻو ڪجهه پڙهي ويو. ائين جڏهن استاد هانگ پنهنجي ڳوٺ واپس وريو ته چاچا کان بابا جي پانهن گهريائين ته ”ڇڏينس ته وڃي پڙهايانس.“ چاچي اڳي ئي بابا مان بيزار هئي، سو چاچا يڪدم موڪل ڏنس.

هاڻي بابا ”چائو“ ۾ وڃي رهيو. اتي هو استاد جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مال بہ چاريندو هو ۽ وڌس پڙهندو بہ هو ۽ جلد ئي تمام هوشيار ٿي ويو.

هانگ کي ٻہ نياڻيون هيون. سندس وڏي ڌيءَ بابا تي ساهہ ڇڏيندي هئي. هانگ پنهنجي نياڻيءَ جو خيال ڏسي پنهنجي زال کي چيو تہ هن جو سڱ ڪٿي فلاڻي کي ڏيون؟ هانگ جي زال اها ڳالهہ ٻڌي باهہ ٿي ويئي ۽ چيئي ”چئي مت تہ ڪانہ کٿي اٿئي؟ خسيس نوڪر کي ڌيءَ جو سڱ ڏيڻ جو ڪهڙو لاچار اٿئون. ڳوٺ جا ٻيا نوجوان مري ويا آهن ڇا؟“

هانگ پنهنجي زال کي سمجهايو تہ ڇوڪرو ڏاڍو عقلمند ۽ محنتي آهي- منهنجي خيال ۾ تہ ايندڙ مقابلي واري امتحان ۾ شايد سنو ڪامياب ٿئي ۽ ڪنهن اعليٰ عهدي تي پهچي وڃي.“

نيٺ گهڻي بحث کان پوءِ منهنجي نانيءَ بابا کي ڌيءَ جو سڱ ڏنو. هانگ کين پنهنجي باغ ۾ رهڻ لاءِ جهوپڙي نهرائي ڏني ۽ ڪجهہ زمين بہ پوک لاءِ ڏني. منهنجي وڏي پيڻ تنهہ ۽ وڏو ڀاءُ ڪيم انهيءَ جهوپڙيءَ ۾ ڄاوا نپنا.

١٨٩٧ ۾ بابي کي يونيورسٽي مان بي اي جي ڊگري ملي. تنهن کان پوءِ اما ”هيو“ شهر ويئي هلي. آءٌ پنهنجي نانءِ وٽ رهيس. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ امان موٽي آئي ۽ پوءِ مون کي بہ پاڻ سان ”هيو“ شهر وٺي ويئي. بابا پڙهڻ کي لڳو پيو هو. پهريان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيا ۽ ڪاليج ۾ ۽ پوءِ زرعي ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. ١٩٠٠ ۾ ابا امتحان لاءِ تنهن شهر ويو ۽ وڏي ادا کي به وٺي ويو. امان گهر هئي ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هوءَ بابا جي غير حاضريءَ ۾ فوت ٿي ويئي. پوءِ بابا مونکي پاڻ سان وٺي ڏاني وٽ ڇڏي آيو. پاڻ دارالحڪومت هليو ويو، جتي وڃي ڊاڪٽريءَ جي سند حاصل ڪيائين. تنهن کانپوءِ جڏهن بابا موتي ڳوٺ آيو، تڏهن بابا جي اچڻ جو پڌي سڄي ڳوٺ جا ماڻهو مڪڙن وانگر مڙي ويا. انهيءَ زماني ۾ ڊاڪٽري جي ڊگري وڏي وڏي ڳالهه هئي. ڳوٺ جي ماڻهن بابا کي چيو ته ”اسين تنهنجي ڪاميابيءَ جي خوشيءَ ۾ ڪاچ ڪنداسين.“ پر امان جي وفات جو زخم اڃا بابا جي دل تي تازو بيٺو هو. سو کين چيائين ته ”هڪ ته منهنجي زال گذاري ويئي آهي، ٻيو ته مون غريب وٽ رهڻ لاءِ جهوپڙي به ڪانه آهي، سو ڪاچ وارن هيٺن ماڻهن کي ڪٿي ويهاريندس؟“ پر ڳوٺ وارا نه مڙيا، چندو گڏ ڪري ڪاچ به ڪيائون ۽ بابا کي گهر به وٺي ڏنائون.

پوءِ ته اسين هميشه لاءِ اچي ”سين“ ۾ رهياسين. بابا جي علم جي پري پري تائين هاڪ ٿي ويئي، پر بابا کي اها ڪوڙي ڏيکاءُ ويک واري حياتي پسند ئي ڪانه هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ڏينهن . ڪيترائي پڙهيل نوجوان وطن آزاد ڪرائڻ جي انقلابي تحريڪ ۾ وڃي شامل ٿيا. ان ڪري اسانجي وطن تي زوري راڄ ڪندڙ فرينچن کي اچي ڊپ لڳو ته متان منهنجو پيءُ به انقلابين سان نه ملي وڃي. تنهنڪري ڪيس ڪٽي وزير جي سيڪريٽري جو عهدو ڏنائون. بابا نوڪريءَ جي ڪري وڃي "هيو" ۾ رهيو، ۽ اتي تعليمي ڪم ۾ جنبي ويو. سن ١٩٠٩ ۾ کيس "بن ڪيچ" جي علائقي جو وڏو آفيسر مقرر ڪيو ويو.

نئين عهدي سنڀالڻ کان پوءِ بابا ڪيسن جي فيصلن جو نئون طريقو اختيار ڪيو. جڏهن به اتي جا ماڻهو ڪنهن تڪرار جي فيصلي ڪرائڻ لاءِ وٽس پيش ٿيندا هئا، ته بابا کين ڪيس هلائڻ کان پهرين چوندو هو: "ابا چيو ته پنهنجا گهر ڦٽايو، ڏاڍا تيو. پاڻ ۾ نهي وڃو!" نيٺ کين ڳالهيون پولهيون ڪرائي، سندن پاڻ ۾ صلح ڪرائي، کين گهر اماڻيندو هو.

هڪڙي پيري "بن ڊير" علائقي جو فرينچ ريزيڊنٽ دوري تي "بن ڪيچ" آيو ۽ اتي جي ماڻهن کان پڇائين ته "هتي جو آفيسر سواءِ ڪيس هلائڻ جي ماڻهن جا فيصلا ڪري ٿو. ڇڏي، ۽ ماڻهو به سندس چيو مڃين ٿا." اهو ٻڌي هن سوچيو ته "مارا- هي ماڻهن کي ٻڌي ۽ اتفاق پيو سيکاري، انهن ماڻهن جو پاڻ ۾ نهڻ

تہ اسان لاءِ نقصانڪار ۽ ڏاڍو خطرناڪ ٿيندو.“ سو هڪدم ڪونہ ڪو ٿيا، ۽ ڪري بابا ڪي نوڪريءَ تان لاهي ڇڏيائين. بابا پنهنجي ڳوٺ موٽي بدران پرڀاهروئي ڏکڻ ونئام ڏانهن هليو ويو، ۽ وري نہ موٽيو، ۽ نہ وري سڄي حياتي اسان سندس منهن ڏٺو:

[آديسي آديس، هٿائين ڪري هليا،
ڪاپڙين قلب ۾ ڪيو ڏوراٽو ڏيس،
ويراڳي نئون ويس، راول ڏيکي رميا.

....

نانگا نانيءَ هليا، ويچارا ويا،
هوجي هت هئا، آءُ نہ جيئندي آن ري. (شاہ)]

هڪڙو ماڻهو جيڪو ويٽنام جي ڪنهن بئنڪ ۾ نوڪري ڪندو هو. تنهن هڪ دفعي مونکي چيو تہ ”مون تنهنجي پيءُ کي سائيگان شهر ۾ ڏٺو آهي. هو عام ڳوٺاڻن وانگر رهندو ۽ سادا ڪپڙا پائيندو آهي. رڪي سکي تي وقت گذاريندو ۽ ماڻهن جو علاج مفت ۾ ڪندو آهي. مندرن ۽ اسڪولن ۾ ماڻهن کي مفت پڙهائيندو آهي. جنهنڪري ماڻهن عبادتگاهن ۾ رهڻ لاءِ جاءِ ڏني اٿس، اتي پيو رهي.

بابا کي گهمڻ ڦرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هميشه پري پري علائقن ۾ گهمڻ ويندو هو. انهن علائقن ۾ مڇرن جي مصيبت هوندي هئي. ماڻهو مڇرن کان بچڻ لاءِ سرن جي ٺهيل تنبوءَ ۾ سمهندا آهن. بابا هڪڙو ”سرن جي تنبوءَ وارو ڊاڪٽر.“ سن ١٩٣٠ ۾ بابا ڇولي وينام ۾ پنهنجي ڪنهن دوست سان ملڻ لاءِ ”چاءِ ڊاڪ“ پئي ويو ته واٽ تي بيمار ٿي پيو ۽ رستي تي ڪري بيهوش ٿي ويو. ”نام گياڌو“ نالي هڪ شخص کيس سڃاڻي ورتو ۽ کيس گهر کڻائي ويو. نيٺ هو هوش ۾ آيو، پر دوا پيئڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين. پوءِ کيس مندر ۾ وٺي ويا، جتي هو گذاري ويو.

[ڪڇين ڪاڇوٽي، نانگن پڌي نينهن جي،
جهڙا آيا جڳ ۾ تهڙا ويا موٽي،
تنين جي چوٽي، پورب ٿيندي پڌري! (شاهه)]

جڏهن بابا ذڪر پاسي پئڪندو هو، تڏهن منهنجي پيءُ تنهن، پاءُ اروڪيم پنهن جي ابائي ڳوٺ ۾ آزادي پسندن سان جدوجهد ۾ مشغول هئا.

ادي ٿنهه ڪلمڪ ۽ ڏاڍير زال هئي، کيس چيني ٻولي ڏاڍي سٺي پڙهڻ ايندي هئي. طبابت ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هئي. هن ”وتهن“ شهر ۾ هڪڙو مسافرخانو

ڪوليون جتي آزادي پسند سپاهي اڇي ٻڪندا هئا ۽ هوءُ ڪين ڪجهه ڪُوهه ۾ هٿيار پهوهار ڏيندي هئي. هوءُ اٿان جا ٽپڙ ٽاڙي ۽ سامان سڙو ڪٽي اچڻ لاءِ "هيو" ويئي. پر سندس اصل مطلب پيو هو. حقيقت ۾ ڪيس "هيو" جي انقلابي وطن دوستن ڪي هٿيار پهچائڻا هئا. نيٺ هڪڙي ڏينهن هوءُ پڪڙجي پيئي ۽ جلاوطنيءَ جي سزا مليس. گهڻي وقت کان پوءِ ڪيس وطن اچڻ جي اجازت ملي. پر سندس اٿڻ ويهڻ ۽ چرپر تي سخت بندش وڌي ويئي. اُن ڪيس هلندي فرينچ سيڪريٽري شاهديون پڌي باهه ٽسي ويو ۽ ادي ڪي چيائين ته "جڏهن پيون زالون پيٽ سان ٽيڪنديون آهن ته سندن پيٽ مان ٻار ڄمندا آهن، پر تون اهڙي رهزن آهين جنهن جي تون پيٽ سان ٽيڪيندينءَ ته تنهنجي پيٽ مان ٻارن بدران خوفناڪ هٿيار نڪرندا."

آگسٽ واري انقلاب * کان پوءِ هوءَ مون سان ملڻ آئي ۽ منهن جي لاءِ ٻه بدڪون ۽ ويهه ڪڪڙ جا آنا سوکڙي ڪري کڻي آئي.

مون ٻڌو هو ته ادي "ٿنهه" قوم جواني ۾ هئي، تڏهن هڪڙي نوجوان ڏانهن پيار جو هٿ وڌايو. انهن ڏينهن اديءَ جي چرپر تي بندش هئي. جڏهن

---

* جڏهن هوچي منهن صدر ٿيو. سنڌيڪار

اهو نوجوان هڪ ٻه دفعا ٻاڻس اچي مليو. ته ضلع جي آفيسرن کي شڪ پيو ته متان هي ڪو انقلابي قاصد هجي، سو کيس گرفتار ڪري تمام گهڻيون تڪليفون ڏنائون. انهيءَ وچ ۾ هن جو پيءُ گذاري ويو. پر کيس پنهنجي پيءُ جو آخري دفعو منهن ڏسڻ به نه ڏنائون. آخر ادي آتي جي آفيسرن وٽ، ويئي ۽ کين چيائين ته ”هن کي ڇڏيو ته پنهنجي پيءُ جو آخري دفعو منهن ڏسي ۽ ڪلهي ڪانڌي ٿئي. هن جي بدران مون کي ڪٽي قيد ڪري ڇڏيو.“

اها ڳالهه ٻڌي آفيسر کي ڪو قياس اچي ويو ۽ هن انهي نوجوان کي آزاد ڪري ڇڏيو. جڏهن اهو نوجوان آزاد ٿيو ته اديءَ کيس چيو ته ”تون وري مون سان ملڻ نه اچجان! منهنجي ڪري پنهنجي زندگي عذاب ۾ نه وجهه.“

اها ڳالهه پري تائين پکڙجي ويئي.

مادر وطن ويٽنام جي سرزمين کي هميشه پنهنجي ڌيءَ جي متان ناز رهندو. هر هنڌ منهنجي ڀيڻ جي ڀهادري ۽ حب الوطنيءَ جي هاڪ هوندي هئي. پر نه ڪنهن به پڙهيل ڳڙهيل نوجوان کي همت نه ٿي جو منهنجي ڀيڻ جو سڱ گهري. جو ته منهنجي ڀيڻ سان شادي ڪرڻ جي معنيٰ هئي موت کي دعوت ڏيڻ، يا گهٽ ۾ گهٽ نوڪري وڃائڻ ۽ گذر ڪرڻ جي هٿ ڪڍڻ. منهنجي ڀيڻ جڏهن پنهنجي وطن ويٽنام سان نڪاح

ڪري ڇڏيو ۽ سڄي عمر شادي ڪين ڪئين.

منهنجي پاءُ "ڪيمر" فريڃ گورنر جنرل "البرٽ سروئنٽ" کي ويٽنام جي عوام تي ٿيل ظلمن خلاف زبردست احتجاج جو خط لکي موڪليو. ان تان فرينچ ڊپٽي ريزيڊنٽ کيس سڏائي ٿڌن سان ماريو، ۽ سندس ماڻهن کيس ٽنگن کان جهلي فرش تي گهليو.

ادي "ڪيمر" به سڄي عمر شادي ڪا نه ڪئي ۽ پنهنجي سڄي عمر عوام جي تعليم لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. ١٩٢٥ ۾ وفات ڪئي.

منهنجو پيءُ ڏکڻ ويٽنام ۾ سالن جا سال پٽڪندو رهيو ۽ آخر پرديسي ٿي پرديس ۾ مري ويو.

مون توهان کي پنهنجي پاءُ ۽ ڀيڻ سان ڄاڻ سڃاڻ ڪرائي آهي. پر منهنجي نانيءَ جواني ۽ انقلابي تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ جي ڳالهه ڪانه ٻڌائي آهي. اهو داستان ڏاڍو حيرت ۾ وجهندڙ آهي. اهو داستان ڏکهو برابر آهي، پر ڏاڍو ٻڙي وارو آهي. سو ٻڌايان ڏيئي ٻڌو:

مائٽن منهنجي نانو "نگوين سنهه ڪنگ" رکيو هو. منهنجي ناني چوندي هئي "تنهنجي ماءُ جي ڄاڻين ۾ اينڙي تيج ڪانه هوندي هئي، جنهن مان تو کي ڏيو ٿئي. تنهنڪري تون سدائين ماءُ کي ڇڏڻو پيو

هوندو هئين، ۽ سچو ڏينهن ٻيو رڙندو هئين." اسان
جي ٿڃ گهٽ هئي، تنهنڪري مون کي ڪير پيارڻ ۾
ماسي ٻه امان جي پائيوار ٿي. مون کي ننڍپڻ ۾ صدري
پارائيندا هئا. منهنجي صدريءَ جي هڪ پاسي پيڙا لڳل
هوندا هئا. مٿو ڪوڙيل ۽ ٻه چڳون وارن جون ڇڏيل
هونديون هيون. اسان جي پاسي تن ڏينهن سڀئي ڇوڪرا
ٻه چڳون ڇڏيندا هئا ۽ انهن چڳن تي فخر ڪندا هئا.
انهن چڳن کي بادشاهي تاج جهڙي اهميت ڏيندا هئا.
اهي چڳون اسان جي ڳوٺ جي ڇوڪرن جو هڪ
خاص نشان هيون. پر جڏهن آءٌ "هيو" شهر پهتس
ته ماڻهو انهن چڳن تان ٺٺوليون ڪرڻ لڳا، اتي ڪنهن
جي به مٿي تي اهڙيون چڳون نه هيون. ڪڏهن
ڪڏهن ته سندن ٺوڪون ٻڌي منهنجو منهن ٽپي ڳاڙهو
ٿي ويندو هو، پر آءٌ ڪاوڙ پي ويندو هئس.

هڪڙي ڏينهن بابا سان گڏجي اسڪول ويس پر
مون کي اتي سک نه آيو. ڪٿي ڳوٺن جون آزاد
هوائون ۽ ڪٿي شهر جي اسڪول جي گهٽ ٻوسات
آءٌ جلدئي اسڪول مان ڀڄي آيس ۽ گهر اچي راند روند
۾ لڳي ويس. جيڪي ماڻهو مڇيون مارڻ ويندا هئا،
تن سان گڏجي ويندو هئس، هڪڙيون مڇيون ساري
ٻين ٻرِيانِ ويندا هئا ته ڏوريان آءٌ مڇين تي پهرو ڏيندو
هوس ۽ انهن سان ويٺو راند روند ڪندو هئس.

آءٌ شروع کان ئي هر شيءِ کي جاچي سندس اڻت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لهڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. ويچار ڪندو هوس ته "هي ڪيئن پيدا ٿيون ۽ ڪٿان آيون ۽ اسان تائين ڪيئن پهتيون" مثلا سوچيندو هوس "ڪڪر ڇا آهن، هوا ڇا آهي، ڪيئن ٿي لڳي؟"

هڪڙي ڏينهن مون ڪنوڻ جي گوڙ ٻڌي ۽ انهيءَ تي ويچار ڪيم ته ڇا ڳالهه آهي، پر اها ڳالهه منهنجي ننڍڙي ذهن کان تمام مٿي هئي. هڪڙي پڙهيل ماڻهوءَ کان پڇيم ته "گوڙ ڪٿان ٿي اچي؟" اها ڳالهه ٻڌي هو حيران ٿي ويو پر پوءِ چيائين "آسمان مان." ته اها ڳالهه ٻڌي مون کي عجب لڳو ۽ پڇيومانس "ڇا آسمان وارا ماڻهو به پنهنجي آزاديءَ لاءِ جنگ پيا ڪن؟"

منهنجو سوال ٻڌي هو منجهي پيو. پهرين ڪجهه سوچڻ لڳو ۽ پوءِ مشڪي ڪٿي چپ ڪيائين. شايد سمجهائين ته "هي ٻار ڇريو آهي."

تن ڏينهن "فان ڊنگ فنگ" جي هٿ هيٺ "هاتنه" علائقي ۾ "هونگ" جي اڳواڻيءَ ۾ "ين ٿي" علائقي اندر فرينچ سامراجين خلاف بغاوت جي باهه ڀڙڪي پئي. "هاتنه" ۽ "ين ٿي" علائقن جا ماڻهو پنهنجي آزاديءَ تي ڪري ظالم دشمن جي خلاف مورچو بڻايو ويٺا هئا. انهن ڏينهن مون کي آزادي لاءِ لڙندڙ مجاهدن جي باري ۾ گهڻي خبر ڪانه هوندي هئي. پر تنهن هوندي به سندن بهادريءَ ۽ دليريءَ جون ڳالهيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڊي ڏاڍو خوش ٿيندو هوس.

منهن جي رڳ رڳ ۾ اها ڳالهه گهر ڪري ويئي ته منهن جو پاڪ وطن جي هي زمين ڌارين جي غلام آهي، ۽ ڪيس هر قيمت تي آزاد ڪرائڻو آهي.

منهن جي عمر ست يا اٺ سال هئي. اسين بابا سان گڏ "هيو" ۾ اچي رهيا هئاسين. "هيو" پهچڻ تي مون تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪئي. منهن جو وڏو ڀاءُ پڻ مون سان گڏ هو. اسين ڪلاس ۾ ڪجهه پڙهڻ بدران گهڻو وقت گهمڻ ڦرڻ ۾ مشغول هوندا هئاسين. منهن جي دوستن مان هڪڙي جو پيءُ هڪ ننڍڙي علائقي جو حاڪم هو، وٽس هڪ ننڍو هڪو خچر هو، اسين ان خچر تي چڙهيو مزي سان چڪر پيا هڻندا هئاسون.

"هيو" ۾ مون ڪيتريون اهڙيون شيون به ڏٺيون، جيڪي مون اڳي پنهنجي ڳوٺ ۾ نه ڏٺيون هيون. اتي مون وڏا وڏا قلعا، وڏا وڏا گهر ۽ فرينچ سپاهين جا وڏا وڏا ميڙ ڏٺا. اهي سپاهي گهڻو ڪري نشي ۾ چور هوندا هئا. سندن ڪنڌ اڪڙ ۾ مٿي هوندا هئا. هو ائين هلندا هئا ڄڻ ويٽنام جو ملڪ سندن ابائي جاگير آهي. آءٌ سندن اڪڙ ۽ رعب ڏسي ڏاڍا خار ڪندو هوس. هٿن جون مٺيون بند ٿي وينديون هيون. مون کي سندن وجود گندو ۽ خراب ٿي لڳندو هو. منهنجي ته دل چوندي هئي ته "کين ماري ساري

اڏ مٺو ڪري ڇڏجي ته جيئن سندن غرور ۽ آڪڙ،
۾ ڀڙيل ڪنڌ هيٺ ٿي وڃن ۽ ڪين خبر پئجي وڃي
ته ٻين جي ملڪ تي فخر ۽ غرور ڪرڻ جي ڪهڙي سزا
آهي." پر سوچيندو هوس ته "منهنجا هٿ اجا ننڍڙا
آهن ۽ فرينچ سپاهي پربت جيڏا وڏا ۽ ٻنڊڻ جهڙا
ٿلها." دل ۾ سوچيندو هوس ته "شال آءٌ به ايڏو وڏو
هجان، جيڏا اهي سپاهي آهن ته جيئن ڪين آڪڙ ۽
غرور جو مزو چکائي سگهان." پر هر ڪم جي لاءِ
هڪ وقت مقرر هوندو آهي ۽ منهنجي دل جي آس پوري
ٿيڻ لاءِ به وقت ڪپندو هو.

مون کي پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق هوندو هو ۽
آکاڻيون ۽ قصا جام پڙهندو هوس. مون ڪيترين ئي
آکاڻيون ۽ قصا وري وري پڙهيا. آءٌ پڙهندو به گهڻو
هوس ۽ راند به گهڻي ڪندو هوس. آءٌ شطرنج جو
ڏاڍو شوقين هوندو هئس. پاسي واري جبل تي چڙهڻ
۾ ڏاڍو مزو ايندو هوم. جبل تي چڙهي چوڌاري نظر
ڊوڙائيندو هوس ته هيٺ راند ڪرڻ لاءِ ڪو وڏو
صاف ميدان ملي وڃي، پوءِ هيٺ لهي وڃي اتي راند
ڪندو هوس. ڪڏهن آءٌ پنهن جي هڪ
جيڏن سان گڏجي آسپاس جي ڳوٺن ۾ گهمڻ به
ويندو هوس.

مون کي اسان جي ملڪ جي شاعر "توئي دين"
جي هڪڙي ڪلام جون هيٺيون مصرائون ڏاڍيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏنديون هيون. اهي سون باباڪان پڙهيون هيون ۽ هميشه
پيو ڳائيندو هوس.

”ياد رک! تو وٽ تنهن جو عقل ۽ تنهن جو علم
”تنهنجي وطن ۽ قوم جون امانتون آهن!
”امتحان پاس ڪري، وطن جي ويرين وٽ ڪرسي ماڻڻ،
”تنهن کان وڏي بي حيائي، ذلالت ۽ غداري ٻي ڪانهي،
”پنهنجي علم کي پنهنجي وطن جي قسمت نصيب
سنوارڻ لاءِ وقف ڪر!
”پنهنجي حياتيءَ جي پل پل سان
”قوم جي تاريخ ۾ سونهن ۽ سينگار پيدا ڪر!“

انهيءَ زماني ۾ اسان جي قوم کي غلام بڻائيندڙ فرينچ سامراجين اسان جي ملڪ تي قبضو سخت ڪرڻ ۽ پنهنجو مال وڌيڪ ڦهلائڻ ۽ وڌيڪ نفعو ڪمائڻ لاءِ اسان جي ملڪ جي ”ڪورائو“ صوبي جي شاهي سڙڪ جي ناهڻ جو ڪم شروع ڪيو ۽ اسان جي ماڻهن کي زوري جهلي ڪم ڪرايو. ارڙهن سالن جي نوجوان کان وٺي پنجاهه سالن جي پوڙهن کي به بيگر ۾ تي وهاياڻون. ڪورائو صوبو اسان جي ڳوٺ کان ٽي چار سؤ ڪلوميٽر پري ليم دريا جي پرسان، ويتنام ۽ لائوس جي سرحد وٽ آهي. ڪورائو جي آب هوا تمام خراب آهي. تنهنڪري اسان جا ماڻهو اتي ڪم ڪرڻ کان ڊڄندا هئا. پر ظالم حاڪمن اڳيان ڪنهن به ڪنڌ نه ٿي ڪيايو. ڪين ڪاٺ لاءِ تمام خراب ماني ڏيندا هئا. هو بيمار ٿيندا هئا ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوا درمل جو ڪوبہ بندوبست نہ هو. گهڻا ويچارا ماڻهو مارن ۽ ظلمن ڪري مري ويا. باقي جيڪي بچيا ۽ موتي ڳوٺ آيا سي بہ چڻ هڏن جا پڃرا ٿي، ٿي "موتيا ۽ قسمين قسمين بيمارين ۾ ورتل هوندا هئا. چوڻ لڳا:

"ڪورائو صوبي ڏانهن وڃڻو پوي تہ اوڏانهن پاڻ شان ۾ تڏا ضرور کڻيو وڃجن. هڪڙو سمهڻ جو ڪم ڏيندو ۽ ٻيو ڪفن جو."

ڪيترن ماڻهن ڪورائو وڃي ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اهي فرينچن جي ظلمن کان جهنگ ۾ لڪي ويا. جڏهن آڌي رات ٿيندي هئي تہ هو موتي ڳهر ايندا هئا. دشمنن کي انهيءَ ڳالهہ جي خبر پئجي ويئي. سي آڌي رات جو اوچتو حملو ڪندا هئا ۽ انهن ماڻهن کي پڪڙي، ماري گهلي وٺي ويندا هئا.

پنهنجي قوم ۽ وطن وارن تي جڏهن اهي ظلم ٿيندا ڏسندو هوس. تڏهن منهنجي دل مان دانهون نڪري وينديون هيون. سچ ڪري پڇو تہ مون کي پنهنجي ماءُ جي مري وڃڻ جي ڏک کان بہ وڌيڪ پنهنجي وطن وارن تي ٿيندڙ ظلمن جو ڏک ٿيندو هو. ماڻهن جي دلين تي نااميديءَ جا ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا. "وان ٿان" جي تحريڪ ناڪام ٿي ويئي هئي "هانتہ" صوبي ۾ "ڦان دن ڦنگ" جي اڳواڻيءَ هيٺ بغاوت ڪرڻ انهيءَ ڪوشش ۾ هو تہ دشمنن تي سندن وڏي (قومي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن تي اوچتو حملو ڪجي. اتر ئين باغي دستي جي اڳواڻي ”هونگ هوتام“ جي هٿ ۾ هئي، تنهن دشمن سان ناهه جو معاهدو ڪري ڇڏيو. پڙهيل ڳڙهيال طبقي ڪي اهڙي ڏيپ لڳو ته ”متان هنن جنگين جهيڙن ڪري اسان جون سرڪاري نوڪريون ۽ مال ملڪيتون کسجي ون“ تن ماڻهن ڪي سرڪار سان ٺهي هلڻ لاءِ پئي چيو. باقي ڪي ٿورا ٻه ٽي درجا پڙهيل ماڻهو وطن لاءِ وڙهڻ لاءِ تيار هئا.

آءٌ نواڪا اسڪول ۾ داخل ٿيس. پر آءٌ هميشه پنهنجي وطن ۽ ان جي دشمن بابت پيو سوچيندو هوس. منهن جي ذهن ۾ اها ڳالهه گهر ڪري ويئي هئي ته ”ڪٿي ڇا به ٿي پوي، ڪيتري به قرباني ڏيڻي پوي، پر پنهنجي قوم کي سامراجي فرينچن کان آزاد ڪرائبو ۽ انهن کي پنهنجي ملڪ مان پيرين اکهاڙي ڪڍبو.“

آءٌ اوهان کي هي به ٻڌايان ٿو ته آءٌ ننڍي هوندي کان ڏاڍو جذباتي آهيان، پر تـه بـه هميشه عقل کان ڪم وٺندو آهيان ۽ خيال رکندو آهيان ته متان ڪا اهڙي حرڪت ڪريان، جنهن مان فائدي بدران اٽلو نقصان ٿئي. تنهنڪري پنهنجي دل ۽ دماغ ٻنهي کان ڪم وٺندو آهيان. ”ڦان بوئي چائو“ نگوين صوبي تي اوچتي حملي جو جيڪو پروگرام رٿيو هو، تنهن ۾ هن شڪست کاڌي. انهيءَ شڪست کائڻ کان پوءِ هن اترين علائقن: جو رخ ڪيو ۽ ”هيو“ شهر ويو.

مئي ١٩٠٤ ۾ هن چونڊ چونڊ ماڻهن جو هڪ ميڙ ڪوٺايو. جنهن ۾ هڪ آزاديءَ جي ڪائونسل ناهي ۽ شهزادي "ڪائونگ ڊي". کي ان جو باقاعدي اڳواڻ چونڊايو. اها ڪائونسل پنهنجي ڪم کي لڳي ويئي. انهيءَ ڪائونسل جيڪو ڪم جو طريقو ۽ رستو ورتو، تنهن ۾ به ڳالهيون غـور ڪرڻ جهڙيون هيون. هڪ ته هنن فيصلو ڪيو ته "پنهنجـي ملڪ جي نوجوانن کي پڙهڻ لاءِ ٻاهر موڪلي" ۽ ٻيو ته دوست ملڪن کان مدد وٺجي.

١٩٠٣ ۾ ڦان بوئي جپان ويو، جتي هن ڪيترن سياستدانن سان ملاقاتون ڪيون ۽ مدد جا وعدا وٺي پنهنجي ملڪ موٽيو. هن اينديئي شهزادي ڪائونگ ڊي کي چيو ته "هو سڄي ملڪ جو دورو ڪري پڌائي ته ڪهڙا ڪهڙا نوجوان ٻاهر وڃڻ جي لائق آهن." انهيءَ لاءِ اسان پنهي پائرن کي به چونڊيائون پر اسان ٻاهر وڃڻ کان انڪار ڪيو، آءٌ انهيءَ ڪري نه ويس جو مونکي ڦان بوئي جـو ڪم جـو طريقو نٿي وڻيو. باقي هوننن ته ٻاهرين ملڪن گهمڻ جو ڏاڍو شوق هئم، نين نين جاين ۽ ملڪن گهمڻ لاءِ دل تـپ ڏيـنـدي هئم." پر انقلابي اصول ۽ ذاتي خواهش به جدا شيون آهن. ذاتي خواهش کـي انقلابـي اصول خاطر قربان ڪري سگهجي ٿو ۽ ضـرور قربان ڪـرڻ گهرجي. انقلابي اصول هڪ اهڙو آلهه ساڌڪ آهي، جنهن کي

ڪنهن به قيمت تي هٿان وڃائڻ نه ڪپي. ٿنهن ڪي پيلا ذاتي خواهش جهڙي خسيس شيءِ تي ڪيئن قربان ڪبو؟ آءُ ٿان ٻرئي چاڙو ڪي تمام وڏو محب وطن سمجهندو هوس پر سندس ڪم ڪرڻ واري طريقي ۾ بي انداز خاميون هيون. هڪ ته هن تحريڪ جو اڳواڻ هڪ شهزادي کي ڪيو. پيلا هڪ شهزادي جو عوامي تحريڪ جي اڳواڻيءَ سان ڪهڙو واسطو؟ ڪيس تحريڪ جو ميمبر ڪيو ويچي ها ڪا اربع خطا ڪانه هئي. پر تحريڪ جون واڳون ڪيس هرگز نه ڏجن ها. اهڙا هڪ ڪل جهڙي ڳالهه پئي لڳي. ٻي ڳالهه ته ٿان بوئي جاپان جي مدد تي ڀاڙيو ويٺو هو. انهيءَ ڪري آءُ جپان ڪونه ويس.

انهيءَ زماني ۾ اسانجي ڳوٺ ۾ هڪڙو واقعو ٿيو. ٻگوين جي هڪ سرڪاري آفيسر کي ڪنهن ڪن ۾ ڦوڪ ڏني ته "اسانجي ڳوٺ جو چڱو مڙس ٻغاوتون پيو ڪرائي. سو هن اسانجي ڳوٺ جي چڱي مڙس جي گرفتاريءَ جو وارنٽ ڪڍيو." اسان جي ڳوٺ جو چڱو مڙس ڏاڍو نيڪ ۽ اشراف ماڻهو هو. هو اسان جي ڳوٺ جي ماڻهن کي صلح سانت سان پيو هلائيندو هو. آءُ اهو ظلم ۽ بي انصافي سهي نه سگهيس ته ڪنهن اشراف ماڻهوءَ کي ڪوڙين ۽ بي بنياد ڳالهين تي جهلي جيل اماڻيو وڃي. تنهنڪري وڏيري جي بدران مون پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪيو. جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آفيسر اها ڳالهه ٻڌي، تڏهن سندس نپ ئي ويا ۽ هو سمجهي ويو ته انهيءَ ڳالهه تان ماڻهن ۾ جوش جاڳندو ۽ بغاوت ٿيندي. تنهنڪري هن گرفتاريءَ جو وارنٽ واپس ورتو.

خير انهيءَ ڳالهه ڪانپوءِ آءٌ ”هيو“ هليو ويس، جتي وچڻ سان باقاعدي پڙهڻ تي ڌيان ڏنم. ”ديتيبم“ ٽولي وارا وطن دوست مجاهد اجا تائين سامراجي فرينچن کي لڳا پيا هئا. هنن هڪڙي چڪريءَ ۾ ڪن فرينچن کي ڪٺي پڪڙيو ۽ قيد ڪيو. قيد ۾ کين اهڙوئي ڪاڏو ۽ ڪپڙو ڏيندا هئا، جهڙو عام ويٽنامي عام طرح ڪائيندا ۽ پهريندا آهن. کين ڪم به اهڙوئي ڪرائيندا، جهڙو پيا ويٽنامي هنارتي ڪندا هئا. يعني پيرين اگهاڙو مال چارڻ، ڪيڙڻ، وهراج ڪرڻ، پاڻي ورائڻ وغيره. جڏهن اها خبر ٻين ويٽناميٽن ٻڌي ته اهي ڏاڍا خوش ٿيا.

گاديءَ جي شهر ”هيو“ جي صورت بدلجندي ويئي. ”رينگ تين“ جي پل ڪانپوءِ سرهاڻ نديءَ تي ٻيجوهو پل بني نهي. ”هيو“ شهر کي ٻين شهرن سان ڳنڍڻ لاءِ ريلوي لائينون پئي ٺهيون. فرينچن جو تعداد پيءُ وڌيو هائي ته هو ايترا گهڻا ٿي ويا هئا، جو هتي جا اصل رهاڪو ٿي اهي هئا. هن عيش عشرت پئي ڪئي. پر اصل گهر ڏئين سان ويل ويا وڏندا ڀلون ۽ محصول ويا وڌندا ۽ رڳو ڀلوڻ ني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محصول ڏهن سالن اندر اڳيءَ کان ڏهوڻو ٿي ويو. ماڻهن جي نفرت ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي ويئي. دشمن کي انهن حالتن جي چڪي پر چاڙهي ڇڏيو ۽ ڏپ ٿيڻ لڳو. ١٩٠٧ ۾ هنن شاهه تان ڏاڍائيءَ کي تخت تان زوريءَ لاهي سندس پٽ کي تخت تي وهاريو. انهيءَ سان گڏ هڪ حڪم جاري ڪيائون ته ”رات جو هرڪو ماڻهو پاڻ سان بتي کڻي هلي. جيڪو ماڻهو انهيءَ حڪم کي نه مڃيندو، تنهن کي جهلي جيل ۾ وجهبو.“ ماڻهن لاءِ وڏو آزار ٿي پيو. پريل بتي هٿ ۾ کڻي هلڻ ماڻهن لاءِ وڏو عذاب ٿي پيئي، ڇو ته گهڻي هوا لڳڻ ڪري بتي وسامي ٿي پيئي.

تن ڏينهن ”ڦان بوٽي چائو“ جپان ۾ هو ۽ اتان فرينچن خلاف نئيا نئيا ڪتابڙا لکي موڪليندو هو. انهن ڪتابڙن ۾ ويٽنامين کي وطن جي آزاديءَ لاءِ، فرينچن سان وڙهڻ لاءِ جوش ڏيارڻيندو هو.

انهيءَ وچ ۾ نئين ڪائونسل ڏاڍو زور ورتو. اها نئين تعليم حاصل ڪرڻ جي فائدي ۾ هئي. ان جو چوڻ هو ته ”جيڪڏهن جهالت ختم ٿي ته غلاميءَ جون اونداهيون به ازخود ختم ٿي وينديون.“ هائي ماڻهن فيشن پئي ڪيا، نئيا وار پئي رکايا، ديسي ڪپڙا پئي پاتا، پراڻين رسمن کي ختم پئي ڪيو ۽ تعليم لاءِ نوان نوان اسڪول پئي کوليا. هو ڳرين ڍلن ۽ محصولن خلاف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مظاهرا ڪرڻ لڳا. انهن مظاهرن جو اثر ويٽنام جي سيني شهرن تي ٿيو. اپريل جي شروع ۾ صوبي ”ثوٿين“ جا رهاڪو به مظاهرن ۾ شامل ٿيڻ لڳا. شاگرد انهن مظاهرن ۾ سڀني کان اڳتي هئا. فرينچن ان سالن جي بادشاهه ”ڊولي تان“ کي اڳيان ڪيو ۽ کيس حڪم ڏنو ته باغين کي سمجهائي. بادشاهه فوجي پهري سان چئن گهوڙن واري گاڏيءَ ۾ چڙهي ماڻهن کي سمجهائڻ نڪتو هو. ان سالن جو پار هو. سامراجي فرينچن کيس پتلي ڪري پئي نچايو. ماڻهن کي خبر هئي ته ”هي ڀار ڪٺڙي حڪومت پيو هلائي“ ڊوليءَ کي پاڻ خبر ڪانه هئي ته چا ڳالهايان؟ هن کي ته رڳو راند جو شوق هو. هن جڏهن ماڻهن جو وڏو ميڙ ڏٺو ته پڇي وچي محل ۾ لڪو. هاڻي ”هيو“ ۾ زبردست جلسا جلوس پئي ٿيا. فرينچ ڊپ کان پنهنجن گهرن کي ڪلف هڻي، لڪي ويهي رهيا. آخر فرينچ حڪومت فوج گهرائي عوام تي گوليون هلايون. گوليون پل جي ويجهو هلايون ويون سوين ماڻهو مئا ۽ ڦٽيا. ڪي ماڻهو پاڻ سان گڏ فرينچ سپاهين کي ٻڪ وجهي گهلي درياءَ ۾ ٽپ ڏيڻ لڳا. سندن مقصد هو ته ”اسين مرون ٿا، چونه هنن دشمنن کي به پاڻ سان ٻوڙي ماريون.“ ٿوري دير ۾ سڄي درياهه جو رنگ ڳاڙهو ٿي ويو.

ائين پئي لڳو ڇڻ درياھ پاڻي جو ته پر رت جو درياھ هو. پين صوبن ۾ به تمام گهڻا ظلم ڪيا ويا. "نهيم ٽريننگ" صوبي جي عظيم دانا "ٽران ڪوئي ڪيمپ" ڪي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو. پين ڪيترن ماڻهن کي شهر نيڪالي ڏنائون. هاڻي مون کان اهي ظلم سٺا نه ٿيا. خار ۽ نفرت کان منهنجو رت ٻيو ڀڙڪندو هو.

بابا سائين کي نوڪريءَ تان لاٿو ويو هو ۽ هو هليو ويو هو. مون پڙهڻ ڇڏي ڏنو ۽ "نوڪ تن" بورڊنگ اسڪول ۾ ماستري ڪرڻ لڳس. ان اسڪول جو بندوبست ڪائونسل حي خيالن جي اثر هيٺ ٿيو هو. اسڪول جو سڄو خرچ هڪ واپاري ڪمپني ڏيندي هئي، جا سڄيءَ ملڪ ۾ ڇٽي ڏاهيندي هئي. مون انهيءَ اسڪول ۾ اٺ مهنا نوڪري ڪئي ۽ آخر آڪٽوبر ١٩١١ ۾ سومر جي ڏينهن، مون ان نوڪريءَ تان استعيفا ڏني. مون ماستري ته ڇڏي ڏني هئي پر ڏاڍو منجهي پيس. مصيبت اها هئي جو جنهن به تحريڪ ويتنام جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد تي ڪئي، تنهن شڪست تي ڪاڏي. آءٌ جڏهن به انهن ڳالهين جي باري ۾ سوچيندو هوس ته منهنجي دل ڀڃي ويندي هئي.

تنهن هوندي به منهنجي دل ۾ آزاديءَ حاصل ڪرڻ جي جيڪا آگ پئي جلي، تنهن جي لاٽ کي مون

ڪڏهن به وسامڻ نه ڏنو. وڏي سوچ ويچار، ڪانپور فيصلو ڪيم ته ”مون کي وطن جا وڻ ڇڏي ٻاهر هليو وڃڻ گهرجي.“

هي ١٩١ جو زمانو هو. چين جا وطن دوست چين ۾ سرمائيداري وات وارو جمهوري انقلاب آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هئا. ان انقلاب جو اثر لازمي طرح ويٽنام تي به ٿيو. خير، تن ڏينهن منهنجي مرضي هئي، ته فرانس ۽ ٻين ملڪن جو سير ڪريان ۽ ڏسان ته آزاد ملڪن جا ماڻهو ڪهڙا ٿيندا آهن. آءٌ جوانيءَ ۾ به تمام مانيٽي طبيعت جو هوس ۽ سانتيڪي نموني رهڻ جي عادت هيم. پر اندر ئي اندر منهنجي دل ۾ اٿاهه جوش ۽ جذبو دٻيل هوندو هو. انهن ڏينهن فرانس وڃڻ ڏکي ڳالهه هئي. تنهن ڪري آءٌ ٻهرين سائيگان ويس ۽ اتي وڃي هڪڙي ٽيڪنيڪل اسڪول ۾ داخلا ورتم. هن اسڪول ۾ داخلا وٺندڙ شاگردن کي گهٽيون سهوليتون ملنديون هيون. ڪين اسڪالرشپ به ڏني ويندي هئي. تنهن کان پوءِ آءٌ هڪڙي جهاز جي ڪمپنيءَ ۾ وڃي نوڪر ٿيس، ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ماٽ مٽيءَ ۾ وطن ڇڏي پرديس هليو ويس.

ماءُ ڪاهوڙي هليا، دکائي ڏونهان
ڇپر جا سونهان، ڏوٿين ڏٿ ڇپتاريو (شاهه)

تن ڏينهن کان وٺي منهنجي پيرن ۾ جيڪو چڪر

پيو، تنهن مون کي کنهن به هنڌ تي ثانيڪو ٿي وهڻ نه ڏنو:

کرڪٽا لاهي مک تي ستا ڪڏهن،
اوسيڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو. (شاه)

منهنجي زندگيءَ ۾ ڪيتريون ئي لاهيون چاڙهيون آيون. ڪيترا ڪم ڪيم، رولڙا ستن،... هوٽل جي بيراگيري ڪيم، بورچي ٿيس، رستي تان برف ڍوئڻ وارو ٿيس، ريل جي انجڻ ۾ ڪوئلن وجهڻ جو ڪم ڪيم، فوٽو گرافي، سکيم، اهڙيءَ ريت مون زندگيءَ جي ڏکن سان مرڪندي اکيون اکين سان ملايون آهن. آءٌ سچ جي ڳولا ۾ ڳوٺ ڳوٺ رليس، ۽ ملڪن جا ملڪ پيرن هيٺ لتاڙيم.

آءٌ خالي، صاف ۽ شفاف دل ۽ ٻن سڪڻن هٿن سان ازلي سچ ۽ ابدي حقيقتن جي ڳولا ۾ روانو ٿيس:-

ڪاهوڙين ڪٽي ساجهر ٻڌا سندرا
ڏوريندي ۾ ڏونگرين ڪيائون پاڻ پٽي،
ڏکن ڏيل هٽي، چيهه لڏائون چپرين. (شاه)

آءٌ هند هند ويس. آفريڪا به ويس، انگليند به پهتيس ۽ آمريڪا ۾ به قدم رکيم.

ڏوري ڏوري ڏيهه، ماءُ ڪاهوڙي آئيا،
مون پرين ڪيهه، ڪهه چاڙان ڪنهن پار جي. (شاه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيٺ روس ۾ جيڪي انقلاب جا شعلا ٿي ڏيکن
پيئي پڙڪيا، انهن منهنجي اندر ۾ به سوجهرو ڪري
ڇڏيو.

[پئي پڙڪا ڪن پاهيون پيراڳين جون،
هلو ته سيڪيون هٿڙا، متان ٿي سڄڻ،
سلا سياسيون، سون جتڙ لڳي جان ۾. (شاهه)]

سون ڪي جنهن حقيقت جي ڳولا هئي، سا سون
کي ملي ويئي. سون سڄي ويٽنام کي اها روشني
ڏيکاري ۽ پنهنجي قوم جي دلين ۾ ان روشني جي
چاهت ۽ پيار جو جذبو به اڀاريو. اڄ سڄي ويس ته
پورهيت عوام جي پڌي وڏي ۾ وڏي طاقت آهي ۽
سچي پچي زندگي اها آهي ته پاڻ کي ان وقت جي
پيدا ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏجي.

اڄ پيرس جي هڪ تمام اوچي عمارت جي هڪڙي
ننڍڙي ڪمري ۾ رهندو هوس. صبح جو فوٽا ڪڍندو
هوس ۽ انهن کي وڪڻي پنهنجو گذر ڪندو هوس.
شام جو ”لي پيرا“ اخبار جي آفيس ۾ ويهي مضمون
لکندو هوس ۽ ڇپائيندو هوس. هي اخبار مظلوم
غلام ملڪن جي عوام جو آواز هئي. انهي اخبار
۾ آفريقي غلام پڻ ڪم ڪندا هئا. اسين سڀيئي گڏجي
هن اخبار جي مدد سان پنهنجا خيال ڦهلائيندا هئاسين.

۽ فرانس ۾ پڻ ظالم، غلام بڻائيندڙ قومن کي اگھاڙو ۽ خوار خراب ڪندا هئاسين. فرانس جي ڪميونسٽ پارٽي اسان جي تائيد ڪندي هئي. پر اسين فرينچ مزورن سان ڪو به وير ڪو نه رکندا هئاسين. اسان جو نعرو هو ته: دنيا جا سڀئي پورهيت عوام مظلوم آهن، تن کي پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪري جدوجهد ڪرڻ گھرجي.

مون ڪڏهن به آرام ۽ عيش سان نه گذاريو. هڪڙو ته آءٌ تمام غريب هوس. مون وٽ ايترو پئسو ئي ڪو نه هو جو عيش عشرتن تي برباد ڪريان، ٻيو ته مون ڪڏهن به سگن جي سڌ نه ڪئي. مون وٽ جڏهن به ڪي پئسا بچندا هئا ته اُهي آءٌ انهن انقلابي نوجوانن تي خرچ ڪندو هوس، جي مون وٽ الائي ڪٿان ڪٿان کھي اچي تحريڪ جي باري ۾ صلاحون ۽ هدايتون وٺندا هئا. مون کي تن ڏينهن مصوري ۽ جي نمائش ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. جڏهن ڪم کان واندو ٿيندو هوس، تڏهن وڃي ڪا نه ڪا مصوري ۽ جي نمائش ڏسندو هو. فرينچن جي ڪم جي ڪاريگري ۽ سندن ثقافت جا ڌار ڌار نمونا ڏسي ڏسي دل خوش ڪندو هوس. تن ڏينهن منهنجي ڪمري ۾ ڪٽ به ڪا نه هوندي هئي. مون وٽ ڪڏهن ڪٽ وٺڻ جيترا پئسا بچيا ئي ڪو نه، جو ڪٿي ڪٽ وٺان. رات جو گھڻي دير تائين ويٺو پڙهندو هوس، جڏهن ننڊ ڪٽندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، تڏهن پٽ ٻي ٻڌو وچائي ليٽي پوندو هوس. مٿي هينئن به ٿلها ڪتاب وهائي جو ڪم ڏيندا هئا. "لي پيرا" اخبار هلائڻ لاءِ اسان وٽ پئسا ڪٿان هوندا هئا، ان جي پورت ڪرڻ لاءِ آءُ ٻين اخبارن ۽ رسالن ۾ مضمون لکي موڪليندو هوس. انهن مضمونن جا جيڪي پئسا ملندا هئا، اهي "لي پيرا" اخبار تي ۽ ٻين ننڍڙن ڪتابڙن تي خرچ ڪندو هوس.

شام جو ڪوشش ڪري ڪلب يا ٻي ڪنهن عام گهمڻ واري جاءِ تي ويندو هوس؛ اتي نون نون ماڻهن سان ملي، ڪين پنهنجن خيالن کان واقف ڪرڻ جو موقعو ملي ويندو هو.

١٩٢١ ۾ فرينچ حڪومت مارسيلز شهر ۾ فرينچ سامراج جي غلام بنايل ملڪن جي ٺهيل شين ۽ ڪچي مال جي نمائش ڪئي. سندن مقصد هو ته انهي نمائش ذريعي فرينچ سرمائيدارن کي هر ڪا ٻجي ته غلام ملڪن ۾ اچا به وڌيڪ سيڙپ ڪري فرينچ سامراج جا پير پختا ڪن ۽ پاڻ به جام ناڻو ڪمائين. انهي نمائش ۾ ويٽنام جي نشاني طور رکشا جي نمائش ڪئي ويئي. انهي رکشا کي هلائڻ لاءِ ڪنهن ويٽنامي ماڻهوءَ جي ضرورت هئي، پر قومي غيرت وچان ڪو به ويٽنامي رڪشا هلائڻ لاءِ تيار نه ٿيو. تنهنڪري فرينچ حڪومت کي نمائش ۾ خالي رڪشا ڏيکارڻي پئي. انهي نمائش جي افتتاح لاءِ ويٽنام جي

شاهه "ڪاهي ڊنهه" کي گهرايو ويو. انهيءَ بي ضمير وطــن فروش هر هند فرينچ حڪومت جي فائدي ۾ تقريرون ڪيون ته ان ويٽنام تي هي وڏ ۽ مهربانيون ڪيون آهن.

انَ جي جواب ۾ وري مون تمام جوشيلا مقالا ۽ مضمون لکيا. جن ۾ فرينچ حڪومت جي انهيءَ قدم جي سخت مذمت ڪيم ۽ ويٽنامين کي جوش ۽ غيرت ڏياريم ته "پنهنجي قومي حقن ۽ قومي آزاديءَ لاءِ پنهنجي جدوجهد تيز ڪريو."

مون انقلابي وطن دوست تحريڪ جو ڪم جنهن تيزيءَ سان پئي ڪيو، تنهن مان دشمن کي اچي ٻپ لڳو ته "هي الاهي ڪهڙي ٻاهه ٻاريندو." سو هڪڙي ڏينهن فرينچ سرڪار جي غلام ملڪن جي ڪاتي جي وزير مون کي سڏايو. جڏهن آءٌ وتس ويس ته هن هٽن جون ٺريون زور سان پئي مهٽيون ۽ ڏند پئي ڪرٽيا، مون کي ڏسي چوڻ لڳو ته:

"تون اهي حرڪتون ڪرڻ ڇڏي ڏي!"

مون سندس جملي تي مرڪي ڏنو. منهنجي مرڪڻ تي هو پاڻ وڏيڪ تپي باهه ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو:

"فرانس وٽ ايتري طاقت آهي جو هو پنهنجي دشمن کي چيپاٽي ڇڏي!" انهيءَ ڳالهه جو مون تي ڪو به اثر ڪونه ٿيو. آءٌ اڳي وانگر جوش ۽ جذبي سان ڪم

ڪرڻ لڳس. وزيءَ به مون کي وزير صاحب ياد فرمايو ۽ مون کي چوڻ لڳو ته ”تون جيڪو به وڏي ۾ وڏو سرڪاري عهدو ۽ جيڪا به پگھار چئين سا توکي ڏيون.“ پر مون انڪار ڪيو ۽ کيس ٻڌايم ته:

”مون کي توهان جي انهن وڏن عهدن جي ڪابه لوڙ ڪانهي، مون کي پنهنجي ڪاڌي پيتي لاءِ جيڪو به خرچ کپي ٿو، سو آءٌ پاڻ مزوري ڪري ڪمائي ڪئيندو آهيان. ان کان وڌيڪ ٻي ڪنهن به شيءِ جي مون کي ضرورت ڪانهي. منهنجو فقط هڪڙو نعرو آهي، اهو آهي ويٽنام جي آزاديءَ جو، جيڪڏهن توهين مون کي منهنجي وطن جي آزاديءَ جو پروانو هٿ ۾ ڏيو ته پوءِ آءٌ توهان جي ڳالهه تي ويچار ڪندس.“

اهي ڳالهيون ٻڌي وزير صاحب جيڪو خوش ٿيو هوندو، سو توهين پاڻ سوچي سگهو ٿا. مون سمجهيو ’هاڻ پاڻ بچائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. هاڻي شايد جيل وڃڻو پوي.‘ پر مون کي گرفتار ڪونه ڪيائون. آءٌ سمجهي ويس ته مون کي گرفتار ڪري فرينچ ڪميونسٽ پارٽيءَ کي ڪاوڙائڻ نٿي گهريائون. انهيءَ وچ ۾ فرينچ ڪميونسٽ پارٽيءَ پارليامينٽ جي چونڊن لڙڻ جو اعلان ڪيو ۽ جدا جدا سيٽن لاءِ پنهنجا ماڻهو بيهاريا. مون کي به هڪ سيٽ تي بيهاريو ويو. جيتوڻيڪ آءٌ پارليامينٽ جو ميمبر ڪونه

ٿي سگهيس، ڇو ته آءٌ بہ ملڪ جو رهاڪو هوس. پر هڪ ڳالهہ ظاهر ٿي تہ فرانس جي محنت ڪندڙ مزورن، مظلوم ويٽناميَن کي پنهنجو ڀاءُ ٿي سمجهيو. اهـا ڳالهہ ثابت ڪرڻ لاءِ ٻيءِ فريـنچ ڪميونسٽ پارٽيءَ مون کـــي اميدوار بيهاريو ۽ انهيءَ مقصد ۾ ڪيس تمام سٺي ڪاميابي نصيب ٿي.

ڪجهہ ڏينهن گذرڻ کان پوءِ منهنجي ڪـٽ جو بہ بندوبست ٿي ويو. هـاڻ منهنجي ننڍڙي ڪمري ۾ جيڪي ڪل سامان پيل هو سو بہ توهين پڌو. هڪ لوهي کٽ، هڪڙي ننڍڙي ميز، هڪڙو پاڻيءَ جـو جڳ ۽ هڪڙي هٿن ڌوئڻ جي چلمچي. انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ سامان ڪونہ هو. پر جي هجي بہ ها تہ بہ ڪمري ۾ ايتري جاءِ ئي ڪانہ هئي جـــو ٻيو سامان پورو ٿي سگهي. ٿوري آمدني ۽ گهڻي خـرچ مون کي تمام غريب تہ ڇا پر ڪنگال ڪري ڇڏيو هو. سياري ۾ مون وٽ ڪوبہ ٽپڙ ڪونہ هو، جـــو ڪٽي مٿان ڪريان. تنهنڪري صبح جو ڪم تي وڃڻ کان پهريائين جاءِ جي مالڪياڻيءَ وٽ ويندو هـوس ۽ سندس چلهہ ۾ بہ ٽي سرون گرم ڪرڻ لاءِ وجهي ڇڏيندو هوس. شام جو ڪم تان واپس موٽي آهـــي ٽتل سرون کڻي، ڳوڻ جي ٽپڙن ۾ ويڙهي، هنڌ ۾ رکي پاڻ کي سيءَ کان بچائيندو هوس. جمعي جمعي رات جـــو ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ميٽنگ ۾ ويندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوس ۽ اتي ماڻهن سان ملي ڪين ڪم ڪرڻ جو چاهه ڏياريندو هوس. شام جو ڪلبن ۾ ويندو هوس. هڪڙي ڪلب تہ چئي منهنجي خاص پيٺڪ هوندي هئي. اتي قسمين قسمين ڳالهين تي بحث مباحثا ٿيندا هئا. جنهن ۾ آءٌ جوش خروش سان شامل ٿيندو هوس ڳالهہ ڪٿي ڪهڙي بہ هجي پر آءٌ ان ڪـي ڦيرائي گهيرائي پنهنجي مطلب تـي آڻيندو هـوس. هڪڙي پيري (هپناٽزم) تي وڏو بحث ٿيو. ظاهر آهي تہ اهڙين واهيات ڳالهين سان انقلابين جو ڪهڙو واسطو؟ پر مون ان بحث کي بہ نہ ڇڏيو. مون چيو "هپناٽزم ڇا آهي، ڇا نا آهي، اها توهان کـي خبر هوندي. پر آءٌ توهان کي ايترو ٻڌايان ٿو تہ ڊاڪٽر ڪئو (جيڪو انهيءَ وقت سڄي فرانس ۾ هپناٽزم جو وڏي ۾ وڏو ماهر هو) انهيءَ فن جو ايترو چاڙو ڪونہ آهي، جيترو فرينچ حڪومت. جيڪا هـر سال هزارين ڏن هپناٽزم جي آفيم جا لڪـن ويٽناميين کـي کارائي، کين بيهوش ڪري، سندن ذهنن مان اها ڳالهہ ڪڍيو ٿي ڇڏي تہ فرينچ حڪومت سندن ملڪ کسي ورتو آهي."

سڄي پيرس ۾ آءٌ اڪيلو ويٽنامي هـوس، جيڪو پنهن جي خيالن ۽ عقيدن جو اظهار ايڏيءَ دليريءَ سان ڪندو هوس. تنهن زمانـي ۾ منهن جـو پهريون ناول "پيرس" بہ شايع ٿيو. منهنجي عادت هئي تہ مون کي

ڪٿي ڪيترو ۽ ڪيڏو ٻـ ڪم هوندو هو پـر پڙهڻ لاءِ روزانو پـ ڪلاڪ ضـرور ڪيندو هـوس. انهيءَ پڙهڻ ڏي مون کي اهڙو ڪيو جو خود فرانس جا ماڻهو سندن ڏي ملڪ جـــي سماج ۽ تـهذيب جـي تاريخي پس منظر ۽ ڏاڪي ٻه ڏاڪي واڌاري بابت مون پرديسي ماڻهوءَ کان معلومات حاصل ڪـرڻ ايندا هئا. جڏهن روس ۾ ڪامريڊ لينن جي هـٿ هيٺ انقلابي طاقتون رجعت پرست وڏن زميندارن ۽ سرمائيدارن سان وڙهڻ ۾ مشغول هيون. تڏهن فرانس جي ڪميونسٽن پنهنجي روسي انقلابي ڀائرن جي ڀرپور مدد ڪئي. فرانس جي مزدور جماعتن جي فيڊريشن ۽ ڪميونسٽ پارٽي پنهن جي انقلابي روسي ڀائرن لاءِ چندا گڏ ڪيا. مون پيرس ۾ ڪـم ڪندڙ ويٽنامين ۾ آزادي ۽ جنگ جو جذبو پيدا ڪيو ۽ کين اپيل ڪيم ته ”پنهن جا پراڻا ڪپڙا ۽ جتيون گڏ ڪـري انهـن روسي انقلابين لاءِ روس موڪليو. جيڪي اتي جي محنت ڪندڙ طبقن ۽ عوام طرفان روسي سرمائيدارن ۽ وڏن زميندارن سان جنگ پيا ڪن.“ مون پاڻ به پنهن جي روسي انقلابي ڀائرن جي مدد لاءِ فوٽا ناهي وڪڻڻ لاءِ رکيا ۽ اعلان ڪيم ته ”انهن فوٽن جا جيڪي بـه پيسا ملندا، سـي روسي انقلابين کي موڪليندس.“ انهيءَ اعـلان جو ڏاڍو اثر ٿيو، جو اهي فوٽا ٻارهوڻي قيمت ۾ وڪاڻا.

انهيءَ زماني ۾ مشهور انقلاب دشمن ”پائين ڪيئرا“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرانس جو وڏو وزير هو- تنهن هر قيمت تي ڪميونسٽ انقلابين کي چيپاٽي سارڻ تي گهريو- عام چونڊن هلندي هن وڏا وڏا پوسٽر ڇپرايا، جن ۾ سٽان لکيل هو: "لال ڪشويڪ * دغاباز، مڪار ۽ قاتل آهن. انهن اکرن جي هيٺان هڪ ٻچڙي ڪراهت جهڙي بدمعاش جي تصوير ناهي، ان جي وات رت سان ڀريل چاقو ۽ هٿ ۾ عورت جي سسي، ۽ ٻئي هٿ ۾ ڏانڊي جي آسڙي ڏيکاريا ويا. تصوير جي پس منظر ۾ ڏيکاريل هو ته گهر سڙيا پيا آهن ۽ انهن جا ماڻهو قتيا ۽ مئا پيا آهن.

ايتري گهڻي مخالفت هوندي به اسان پنهنجو حوصلو نه هاريو ۽ پاڻ وڌيڪ بهادريءَ ۽ همت سان پنهنجي مقصدن کي ڦهلائڻ جي ڪم ۾ جنبيا پيا هئاسون. ڇو ته پنهنجي اصولن تي ڄمي بيهڻ جو سچو پڪو مزو آهي تڏهن، جڏهن ٻئي پاسي سخت مخالفت ۽ طوفاني مقابلو هجي- انهيءَ اصول پرستيءَ، مضبوط ارادي ۽ عزم فرينچ حڪومت کي ڪاوڙ ۾ چتو ڪري وڌو- هاڻي ڪميونسٽ پارٽيءَ کي ڪچلڻ شروع ڪيو ويو. فرينچ ڪميونسٽ پارٽيءَ جا وڏا وڏا ناميارا ليڊر گرفتار ڪري جيل ۾ بند ڪيا ويا.

---

* لينن جا حامي مجاهد انقلابي جن روسي انقلاب آندو- بعد ۾ اهي ڪميونسٽ سڏائڻ لڳا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الائي ڪهڙي مصلحت، وچان مون کي گرفتار نه ڪيائون. حڪومت اينرو سو ڪيو جو منهن جي پٺيان ٻه جاسوس ٻڌي ڇڏيائون، جيڪي هر وقت مون سان گڏ پيا هلندا هئا. جيڏانهن به آءٌ ويندو هوس ته هي ٻئي لڪي لڪي منهنجو پيڇو ڪندا هئا. انهن ٻنهي کي ڪڏهن به ايتري جرئت ڪانه ٿي، جو ڪٿي منهنجي ويجهو اچن. نه وري مون کي ڪو موقعو مليو جو آءٌ ڪٿي ساڻن ڳالهايان. ٿي سگهي ٿو ته اهي پارٽيءَ جي ڪارڪنن جي لٽين، ڏنڊن ۽ ذونشن کان ڊنا ٿي، جو ويجهو نٿي آيا.

آءٌ اڪثر ڏينهن صبح جو پنهنجي ڪنهن دوست سان گڏجي عجائب گهر، ڪارخانا ۽ مشهور جايون ڏسڻ ويندو هوس

آءٌ پنهنجي ساٿين کي چوندو هوس ته ”گهمڻ ڦرڻ ۽ ڏسڻ جهڙيون جايون ڏسڻ بهتر ونڊر آهي. اهو گهمڻ وقت جو زيان ناهي. پر ماڻهو ڪجهه پرائي ٿو. انهيءَ مان هڪڙي پاسي اسان جي ذهن کي فرحت ملي ٿي، ٻئي پاسي اسان جي سمجهه وڌي ٿي.“

تن ڏينهن منهنجي هڪڙي دوست جي سنگتياڻي مارگو منهنجي گهر ايندي هئي. منهن جا ڪپڙا ڌوئيندي هئي، گهر جو ٻهارو سهارو ۽ صفائي ڪندي هئي. مارگو مون کي پنهنجو وڏو ڀاءُ سمجهندي هئي،

۽ مون سان ننڍي ڀيڻ وانگر هلندي هئي. هڪ ڏينهن منهنجي سقيم حالت ڏسي روئي پيئي ۽ گهر وڃي منهنجي دوست کي چيائين ”ادا نگوپان ڏينهن رات ڪم ڪري ٿو. صفا ڪمزور ۽ پيلو ٿي ويو آهي. توهان کجهه مدد ڪريو ۽ سمجهائينس ته پنهنجي صحت جو به ڪو خيال رکي.“ منهنجي دوست مون سان مارڪو جي اها ڳالهه ڪئي، تڏهن منهنجي به دل پرجي آئي. سوچيم ته ”ويچاري کي منهنجو ڪيترو نه اونو آهي!“ پر گهڙي ترسي مرڪي دوست کي چيم ”هن ڇوڪريءَ کي ڪهڙي خبر ته ماڻهوءَ کي پنهنجي صحت ۽ جسم جي حفاظت بدران پنهن جي انقلابي اصولن ۽ خيالن جي حفاظت ڪرڻ کپي. منهنجا خيال ۽ اصول ئي منهنجي حياتي آهن. جي اهي وڏيا، ويڃهيا ۽ ٽٽيا ۽ پوءِ جي آءٌ مري به ويس تڏهن به سدائين جيئرو هوندس پر جيڪڏهن منهنجي خيالن جو واڌارو نه ٿيو ۽ ڪومائجي سڙي ويا ۽ جي آءٌ پنهنجي اصولن تي قائم نه رهيس ۽ ڦري ويس ته پوءِ ڀلي ٿلهو متارو ٿي پوان ۽ سؤ سال پيو جيئان ته به اهڙي صحت ۽ اهڙي حياتي ڪهڙي ڪم جي؟“

١٩٢٢ ۾ آءٌ سموري دنيا جي انقلابي ڪميونسٽ پارٽين جي ڪانفرنس ۾ فرينچ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي نمائيندي جي حيثيت سان شريڪ ٿيڻ لاءِ روس ويس،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تن ڏينهن ڪامريڊ لينن وفات ڪري ويو. سندس موت جي ڪري سڄي دنيا جي مڄهت ڪندڙ مزورن، هارين ۽ انقلابي عوام جي دلين تي غم جي اونده ڇانئجي ويئي. مون کي به سندس موت ڪري ڏاڍو صدمو پهتو پر هڪڙي ڳالهه ڪري خوش به ٿيس ته ڪامريڊ لينن هڪڙي انقلابي سورمي وارو موت مئو هو ۽ نه ڪنهن نيچ انسان وارو موت. ڪيس ڏسي اهو فخر حاصل هو ته هن سڄي دنيا ۾ پهريون دفعو پنهنجي ملڪ ۾ مزورن، هارين، بکين ۽ ڏکين انسانن جي حڪومت جي پيڙهه وڌي هئي. هي دنيا ۾ پهريون مثال هو جو هزارين سالن کان شاهوڪارن، وڏيرن ۽ حاڪمن جا ماريل ۽ پيڙهيل پورهيت عوام ملڪ جا مالڪ ٿيا هوا.

[برو هو پنهور، آرياڻيءَ اجاڙيو،
لاٿو سڀ لوڪ تان، هاڙي ڏٺيءَ هور،
چوريون چڙهن سڪيون، پنهون ڪياؤن پور،
آيو سو اتور، جنهن ڏکيو ڏک هاريون. (شاهه)]

لينن پنهنجي حياتيءَ جو عظيم مقصد پورو ڪري پوءِ مري ويو ۽ دنيا جي انقلابي انسانن ۽ عوام لاءِ پنهنجي حياتيءَ جو روشن مثال قائم ڪري ويو.

[جنهن ڏٺو دل سين، پنيءَ سي پيون،
ته پڙ ٿي ويون، جي پنهون پاڻ لڪايو. (شاهه)]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروعات ۾ آءٌ دنيا جيءَ مزورن ۽ عوام جي ڀهرين ڪامياب سوشلسٽ انقلاب طور (يعني ١٩١٧ واري) عظيم روسي انقلاب جي حمايت رکندو همدرديءَ طور ڪندو هوس. اول مون کي انهيءَ عظيم انقلاب جي تاريخي اهميت جي خبر ڪانه هئي. مون کي ليڪن سان رڳو انهيءَ ڪري پيار هو، جو هو هڪ عظيم منخب وطن هو، جنهن پنهنجي وطن جي مظلوم عوام کي آزاد ڪيو. مون اڃا تائين سندس ڪابه لکتي ڪانه پڙهي هئي. درحقيقت آءٌ فرينچ سوشلسٽ پارٽيءَ ۾ رڳو انهيءَ ڪري شامل ٿيس، جو اها غلام ۽ مظلوم قومن جي آزاديءَ جي جدوجهد سان همدردي رکندي هئي.

مون کي اڃا تائين اها خبر به ڪانه هئي، ته ڪميونسٽ پارٽي ڇا ٿيندي آهي؟ ۽ سوشلزم يا ڪميونزم جو مطلب ڇا آهي؟ انهن ڏينهن ۾ فرينچ سوشلسٽ پارٽي جي مقامي شاخن ۾ انهيءَ مسئلي تي ڏاڍا بحث ٿيندا هئا ته ڪهڙي انٽرنيشنل* ۾ شامل ٿجي. ڇو ته اهڙيون ٽي بين الاقوامي جماعتون موجود هيون.

آءٌ هفتي ۾ ٻه ٽي دفعا پارٽيءَ جي جلسن ۾ باقاعدي ويندو هوس ۽ اتي ٿيندڙ بحث ۽ دليل تمام گهڻي غور سان ٻڌندو هوس. ڀهرين ڀهرين مون کي اها ڳالهه

---

* دنيا جي ڪميونسٽ پارٽين جي بين الاقوامي جماعت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجھہ ۾ نٿي آئي تہ ھي سڄو جھڳڙو ڇا تي آھي؟ ۽ ھي ماڻھو ايترا دليل ڇو ٿا ڏين. جڏھن ٻيھرين انٽرنيشنل بہ ھئي تہ پوءِ سڀ انھيءَ ۾ ڇو نہ ٿا شامل ٿين، ھرو ڀرو ٻي يا ٽي انٽرنيشنل ڪڙي ڪرڻ ۽ پاڻ ۾ وڙھي مرڻ جو ڪھڙو لاچار؟

مونکي جنھن سوال جي جواب ڏيڻ جي خواھش ھئي، تنھن سوال تي جلسن ۾ ڪڏھن بہ بحث نہ ٿيو. اھو سوال ھي ھو تہ مظلوم قومن جي جدوجھد جي ڪھڙي انٽرنيشنل حمايت ٿي ڪري؟

ھڪڙي جلسي ۾ مون اھو سوال پڇيو. ڪجھہ ڪامريڊن جواب ڏنو ”ٽين انٽرنيشنل جنھن ۾ لينن شامل آھي.“ ھڪڙي ڪامريڊ مونکي قوميتن ۽ غلام قومن جي مسئلي تي لينن جا اھي مضمون پڙھڻ لاءِ ڏنا، جيڪي ”لوسايٽي“ اخبار ۾ ڇپجي چڪا ھئا.

انھن مقالن ۾ اھڙيون پيچيديون ڳالھيون ھيون، جي مون کي سمجھہ ۾ نٿي آيون تہ بہ گھڻا ڀيرا پڙھڻ سان انھن جو مطلب سمجھي ويس ۽ انھن مون ۾ تمام گھڻو جوش، ولولو ۽ اعتماد پيدا ڪيو ۽ مسئلن کي صفائي سان جاچڻ ۾ مدد ڪئي. آءٌ ايترو تہ خوش ٿيس جو ڪيترائي دفعا روئي پوندو ھوس ۽ پنھنجي ڪمري ۾ اڪيلو اھڙيون تہ رڙيون ڪندو ھوس جڻ ڪنھن وڏي ھجوم اڳيان بيٺو ھجان. پنھنجي کي مخاطب ٿي چوندو ھوس:-

"منهنجا پيارا مظلوم، بدنصيب هم وطنو! اسان کي هن وات وٺڻ جي ضرورت آهي- اهو لينن وارو رستو اسان کي آزاد ڪندو."

انهيءَ کان پوءِ لينن ۽ ٽين انٽرنيشنل تي مون کي پورو اعتبار ۽ ڀروسو ٿي ويو.

ڀرين ان آهي رڳو پيو ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌندو هوس. مون کي هر ماڻهوءَ جا خيال صحيح لڳندا هئا. آءٌ ڪنهن هڪڙي جي دليلن کي سچي ۽ ٻئي جي دليلن کي رد ڪري نٿي سگهيس. پر لينن جا مضمون پڙهڻ کان پوءِ آءٌ بحث مباحثا ۽ تمام جوشيليون تقريرون ڪرڻ لڳس.

مون کي اول فرينچ ٻولي چڱيءَ طرح ڳالهائڻ نه ايندي هئي. تنهنڪري آءٌ پنهنجن خيالن جو پوريءَ طرح اظهار ڪري نه سگهندو هوس. پر تنهن هوندي به مون ڪچي ڦڪيءَ فرينچ ٻوليءَ ۾ لينن ۽ ٽين انٽرنيشنل جي مخالفن جي پوري طاقت سان مخالفت ڪئي. مون وٽ رڳو هڪڙو دليل هو. مون چيو "ڪامريڊو! جيڪڏهن توهين ملڪن کي غلام بڻائيندڙ سامراجي نظرين جي مذمت نٿا ڪريو ته پوءِ ڪهڙي قسم جي انقلاب جي دعويٰ ٿا ڪريو؟" پنهنجي مقامي شاخ جي جلسن جي سوال جواب ۾ مون کي تسلي ڪانه ٿي. تنهن ڪري آءٌ ٻين شاخن جي جلسن ۾ وڃي پنهنجا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيال ظاهر ڪرڻ لڳس. ڪيترين ڳالهين جي سمجهاڻي ڏيڻ ۾ ڪامريڊ مارشل ڪاشين، ڪامريڊ ڪوتوير، ڪامريڊ موتموسو ۽ ٻين فرينچ ڪامريڊن منهنجي مدد ڪئي. آخر ۾ ٽور واري ساليانې پارٽي اجلاس ۾ مون ٻين ڪامريڊن سان گڏ ٽين انٽرنيشنل ۾ شامل ٿيڻ جي حمايت ۾ ووٽ ڏنو.

شروع ۾ ڪميونزم نه پر پنهنجي وطن جي حب مون کي لينن ۽ ٽين انٽرنيشنل ۾ اعتقاد رکڻ تي اڀاريو. پر آهستي آهستي جدوجهد جي وڌڻ ويجهڻ سان گڏ وڌندي وڌندي مون مارڪسزم ۽ لينن‌ازم جي نظرين کي عمليءَ ڪم سان گڏجي چڱي طرح سمجهي ورتو ته "دنيا جي مزدورن، مظلوم قومن ۽ عوام کي صرف سوشلزم ۽ ڪميونزم ئي آزادي ڏياري سگهن ٿيون."

چين وانگر ويٽنام ۾ به ماڻهو ڳالهيون ڪندا آهن ته ڪا اهڙي جادوءَ جي ڳوٿري ٿيندي آهي، جيڪا ڪو ماڻهو لهي وڃي ۽ ان کي کولي ته سندس دل جا سڀ مطلب پورا ٿي ويندا. مون سمجهي ورتو ته ويٽنام جي انقلابين ۽ عوام لاءِ مارڪسزم ۽ لينن ازم جي انقلابي تعليم ۽ وات نه رڳو جادوءَ جي ڳوٿري وانگر آهي، پر انهيءَ سچي پچي سچ وانگر آهي، جيڪو آخري فتح حاصل ڪرڻ، سوشلزم ۽ ڪميونزم قائم ڪرڻ لاءِ اسان جي جدوجهد جو رستو روشن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو ڪري.“

ڪامريڊ لينن جي وفات ڪري دنيا جي ڪميونسٽ پارٽين جي ڪانفرنس ملتوي ڪري وري جولاءِ ١٩٢٤ ۾ رکي ويئي.

انهيءَ ڪانفرنس ۾ مون غلام ملڪن جي حالتن تي هڪ زبردست تقرير ڪئي ۽ پنهنجن مان آيل انقلابين کي انهيءَ ڳالهه تي ڀيهاريم ته هو به غلام بڻائيندڙ ملڪن ۽ سامراجين خلاف وڙهندڙ مظلوم قومن جي حمايت ڪن. منهنجي ان تقرير جي ڏاڍي ساراهه ٿي ۽ انهيءَ ڪاروائيءَ جو جيڪو رڪارڊ رکيو ويو، ان ۾ منهنجي تقرير به شامل ڪئي ويئي.

انهيءَ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندڙ هر ماڻهوءَ جي ذهن ۾ هڪ نئين طاقت ۽ هڪ نئون جذبو پيدا ٿي ويو.

[ڪاجا آندي ڪيچين، وڻڪاران وائي،
سڀ مون سائي، نيڻن نندو هـ تي!. (شاهه)

اتان آءٌ (سنه ١٩٢٥) چين روانو ٿي ويس ۽ چين جي ڏاکڻين شهر ڪينٽن پهتس. منهن جو مقصد هو ته چين جي انقلابي طاقتن جي مدد به ڪريان ۽ ان سان گڏوگڏ ويٽنام جي انقلابي طاقتن کي گڏ ڪري مضبوط بڻايان.

هتي پهچڻ کان ڪجهه ڏينهن پوءِ (سنه ١٩٢٦ ۾) مون ”ويٽنامي نوجوانن جي انقلابي ليگ“ جو پايو وڌو.

جيڪي جوان انهيءَ ليگ ۾ شامل ٿيا ٿي، تن کي باقاعدي سياسي تربيت ڏني ٿي ويئي ۽ سندن ڪيتريون آزمائشون ۽ امتحان ورتا ٿي ويئي سندن ڪيترين هو. پروسي جهڙا انقلابي وطن دوست سمجهيا ٿي ويا.

هرهڪ کي سنهن جو لکيل ڪتاب ”انقلابي رستو“ پڙهايو ويندو هو. انهيءَ وچ ۾ مون خود ويتنام اندر انقلابي ليگ جي بنياد وجهڻ جي ضرورت محسوس ڪئي ۽ هڪ ميڙ ۾ پنهنجو اهو خيال ظاهر ڪيم.

مون نوجوانن کان پڇيو ته ”افغان مان ڪهڙو پاڻ کي انهي مقصد لاءِ وقف ڪرڻ لاءِ تيار آهي؟“ سڀني کان پهريون جيڪو هٿ مٿي آيو ٿيو، اهو هو لونگ بينگ جو. لونگ بينگ ان وقت قوهم جوانيءَ ۾ هو. مون سندس اکين ۾ مضبوط ارادي جا شعلا پڙڪندا ڏٺا. سندس چهري مان انقلابي قومي تحريڪ سان بي پناهه پيار ۽ وفاداريءَ جو اڻمٽ جذبو پئي پهڪيو. مون سندس آڇ کي هڪدم قبول ڪيو. اهو جوان فرينچ جهاز تي نوڪري ڪندو هو. ڪيس اتان چڱو پگهار ملندو هو. ان هوندي به اسان جي جماعت ۾ شامل ٿيو. انقلابي جماعت ۾ شامل ٿيڻ لاءِ کيس نوڪريءَ تان هٿ کڻي ڇڏڻو هو. لونگ بينگ انهيءَ ڳالهه لاءِ اڳيئي تيار ويٺو هو. مون ڪيترين ئي ڪچهرين ۾ ڪم ڪرڻ جو طريقو سمجهايو. چيومانس ته ”سڀ کان پهرين ويتنامي عوام کي فرينچ سامراج

جي ظلمن جا سچا پچا داستان پڌائي سندن دلين ۾ ڌارين آقائن جي خلاف نفرت جو جذبو تيز کان تيز تر ڪرڻو پوندو. ان ڪانپوءِ ويٽنامي عوام جسي پاڻ ۾ پڌي پيدا ڪرڻ جو ڪم ڪيو. سندن دلين ۾ اها ڳالهه ويهاربي ته دشمن کان جند ڇڏائڻ جو فقط هڪڙوئي ڪامياب رستو اهو آهي ته پاڻ ۾ پڌي ڪري گڏجي هڪ ٿي وڃون. جيڪڏهن اسين پڌي نه ڪنداسين ته دشمن اسان مٿان پنهنجي حاڪميت ۾ قرلت قائم ڪريو ويٺو هوندو. انهيءَ کان پوءِ ننڍين ننڍين ٽولين ۽ سوسائٽين جي وسيلي عوام کي پڌيءَ ۽ اتحاد جي ايڪي ۾ مضبوط ڪجي.“ مون کين نصيحت ڪئي ته ”حالتون ڏاڍيون ڪهڙيون خراب هجن پر تون خبرداريءَ ۽ رازداريءَ کي ڪڏهن به هٿان نه ڇڏج. تون ڳچ سال ٻاهر رهڻ کان پوءِ ويٽنام پيو وڃين. تنهنڪري جاسوس پوليس تنهن جي پنيان هٿ ڌوئي لڳندي. ان ڪري تون جڏهن به ڪيڏانهن وڃين ته ٻي ڪنڪو ٿي نه وڃج ۽ نه وري هر ڪنهن ماڻهو سان ملڻ لاءِ سنڌس گهر وڃج. پاڻ کي بچائڻ لاءِ پوليس جي اکين ۾ سرمو پيو وجهج.“

هن جوان تمام گهڻو ڪم ڪيو ۽ ساڻس گڏ پيا به ڪيترائي ساٿي شامل ٿيا. هن جتي لاڳاپي ڪرڻ منهن جو به نون ماڻهن سان لاڳاپو ٿيو. هنن جوانن ته رڳو انقلابي ٽولي جي ساٿين سان منهنجي واقفيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪراڙيءَ پر هنن اسان جا ڪيترائي ڇپايــل ڪتابڙا، چوپڙيون ۽ رسالا به عوام ۾ ورهايا.

سال ١٩٢٧ع جي ڳالهه آهي ته هڪ ڏينهن اسان تي هڪ اوچتي آفت اچي ڪڙڪي. چيني انقلاب جي شروعات ڪندڙ سن يات سين چيني انقلاب جي ڪاميابيءَ لاءِ ٻه اصول لازمي ٺهرايا هئا. پهريون ته دنياجي پهرين مزور هاري حڪومت يعني روسي حڪومت سان گهرا لاڳاپا رکجن ۽ ٻيو ته چين جي انقلابي وطــن دوست، يا ڪميونسٽن لاءِ همدرديءَ وارو جذبو رکجي. پــر سندس مرڻ کان پوءِ سندس جاءِ نشين چيانگ ڪائي شيڪ انهن ٻنهي اهم نڪتن کــان ڦري ويو ۽ اسان جي خلاف ظلم ۽ ڏهڪاءَ جو تمام وسيع چار وڇائڻ شروع ڪيائين. ڪيترائي انقلابي وطــن دوست چيني مارجي ويا ۽ ڪيترن کي جيلن ۾ بند ڪيو ويو. آءٌ وڏي حرفت ۽ اٽڪل سان پاڻ کي بچائي نڪري وڃي ١٩٢٨ ڌاري ماسڪو پهتس. جتان جلد ئي بيلجم جي گاديءَ بروسيلز روانو ٿيس. اتي پهچي جائزو ورتم تــه سامراجي طاقتن خلاف يورپ ۾ ڄ وجهد ڪيئن ڪئي پيئي وڃي، انهيءَ سال هڪ ڪانفرنس ۾ منهنجي ملاقات پنڊت نهروءَ جي والد پنڊت موتي لال نهروءَ سان ٿي. ڪانفرنس جــي خاتمي کان پوءِ آءٌ فرانس، جرمني، سئٽزرلينڊ ۽ اٽلي ويس. ١٩٢٨ جي پڇاڙيءَ ۾ ٿائيلينڊ ويس ۽ اتي جي ويٽنامي ماڻهن لاءِ انقلابي تحريڪ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنياد وڌو. اتان ١٩٢٩ع جي وچ ڌاري واپس چين موٽي آيس.

۽ تورن ٿي مهينن کان پوءِ ويٽنام جي انقلابي تحريڪ هڪ سونهري موڙ تي پهتي، ۽ جلد ئي هڪ وڏي جوش ۽ جذبي ڏيارينڊڙ دؤر جي شروعات ٿي ويئي. ٣٠ فيبروري ١٩٣٠ع تي ويٽنام جي ڪميونسٽ پارٽي، جيڪا ٻن ٽولن ۾ ورهايل هئي، ان کي ملائي هڪ پارٽي ڪيو ويو. اتر جي مرڪزي ۽ ڏکڻ ويٽنام جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جون شاخون، جيڪي اڳ جدا جدا هيون جن جو گهڻو ڪري پاڻ ۾ ڪو به ڳانڍاپو نه هو، اهي هاڻ هڪ ٿي ويون. ۽ سندن دائرو جيئن پوءِ تيئن وسيع کان وسيع تر ٿيندو ويو، مون سڄيءَ طرح مرڪزي جماعت جي اڳواڻي پئي ڪئي. انهن ئي ڏينهن منهن جو شنگهائيءَ ڏانهن وڃڻ جو اتفاق ٿيو. اهو ساڳيو جوان لونگ بينگ به تن ڏينهن شنگهائيءَ ۾ هو ۽ اتي جي مزورن کي منظم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هو. هتي فرينچ حڪومت طرفان هڪ آڪسيجن فيڪٽري کولي ويئي هئي. جنهن ۾ ويٽنامي مزور به ڪم ڪندا هئا. لونگ بينگ انهن مزورن کي ترتيب پئي ڏني ۽ کين منظم ڪرڻ لاءِ وڏيون ڪوششون پئي ڪيون. هتي هڪ اهڙي هوٽل هئي جيڪا هئي ته فرينچ حڪومت جي پر ان ۾ ملازمت ڪندڙ گهڻو ڪري ويٽنامي هئا. لونگ بينگ انهيءَ هوٽل ۾

بيري جو ڪم ڪندو هو. هي اتي ڪم به ڪندو هو ۽ ويٽناميين جي دلين ۾ آزاديءَ لاءِ قرباني ڏيڻ جو جوش به پيدا ڪائيندو هو. ٿوري ئي وقت اندر سندس محنت ساب پيئي ۽ تحريڪ نهايت تيزيءَ سان وڌڻ ويجهڻ لڳي. انهن ڏينهن ڦيمچو ڪسي تنظيمي اشاعتي ڪمن لاءِ لونگ بينگ جو ساٿي ڪري شنگهائي موڪليو ويو. جڏهن آءٌ شنگهائي پهتس ته مون لونگ بينگ کي چٺي موڪلي پاڻ وٽ گهرايو. مون چٺيءَ ۾ لکيو ته ” آءٌ شيل ڪمپنيءَ جي بيلٽ روم ۾ شام جو تو لاءِ ويٺو هوندس.“ مون چٺيءَ ۾ پنهنجو نالو ڪونه لکيو هو شام جو مون سان ملڻ آيو. ان وقت سيءُ پئي پيو. لونگ بينگ گرم ڪپڙن سان سڄو سٽيو پيو هو. مون کي اُن جي صدري ۽ مٿان هڪڙو وڏو چنل ڪوٽ پيل هو. مٿي تي هڪ چئن سالن جي پراڻي ٽوپي پيل هير. ٽوپيءَ ۾ سيءُ جو جهلو ڪونه هو. مڙيئي نالي ماتر مٿي تي رکيل هئي. لونگ بينگ منهن جي ڪپڙن ڏانهن نهاري ڏاڍو ڦڪو ٿيو ۽ ڪنڌ ڪٺي هيٺ ڪيائين. مون کيس ڦڪو ٿيندو ڏسي چيو ”پٽ! مون کي ايترو سيءُ لڳيئي ڪونه، جو تہ سيءُ مون کان بچندو آهي. تنهنڪري منهن جي ويجهو ئي ڪونه اچي. تون پاڻ کي سيءُ واءُ کان بچائيندو ڪر. جو ته توکي قوم لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪرڻو آهي.“

پوءِ اسين ڪم جي ڳالهين ڪي لڳي وياسين. مون ڪيس وڏي خبرداريءَ سان هلڻ جي نصيحت ڪئي ۽ چيومانس ته ”اسان کي رات ڏينهن ڪم ڪرڻو آهي- چاهي اسان جا وسيلا ڪيترا به گهٽ ڇو نه هجن- اهڙيءَ ريت اسان کي هر حالت ۾ پنهنجي قوم لاءِ قرباني ڏيڻي آهي ۽ پنهنجي مادر وطن کي غلاميءَ جي زنجيرن مان ضرور آزاد ڪرائڻو آهي.انهيءَ ڪري اسان کي پارٽيءَ جي هدايتن تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ گهرجي ۽ ضابطي سان هلڻ کپي. ضابطو تمام وڏي طاقت آهي، جيڪڏهن انقلابي قومي ڪارڪنن کي بدانتظامي ڪرڻ جي ڍر ڏبي ۽ سندن ذهن ۾ سوچ کي انتظامي پڄري ۾ سوگهو نه رکبو ته سندن صلاحيتن مان فائدي بدران اٽلو ڇيهي رسڻ جو امڪان آهي.“

جولاءِ يا آگسٽ ١٩٣٠ ۾ آءٌ ٻيو دفعو شنگهائي ويس، جتي پارٽيءَ طرفان ميٽنگ رکيل هئي. شنگهائي جيتوڻيڪ چين جو وڏو شهر آهي. پر اتي جي پوليس ۾ ڪيترائي ويٽنامي پوليس وارا هئا. انهن ۾ سجاڳي ۽ هلچل پيدا ڪرڻ جون ڪيتريون ئي تجويزون ميٽنگ ۾ ويچار هيٺ آيون. مون انهيءَ موقعي تي پيهن جي ساٿين کي ٻڌايو ته ”اسان کي نه رڳو عوامي طاقتن جي اڳواڻي ڪرڻي آهي پر انهيءَ سان گڏوگڏ ڌارين حڪومت کي لتون هڻي، پنهنجي ملڪ مان هڪالي

ٻاهر ڪيڏو آهي. تنهنڪري سڀ کان اول قوم پرستيءَ ۽ وطن جي محبت جي جذبن کي اڀارڻ گهرجي ۽ ان کان پوءِ هارين ۽ مزورن جي ڀلائيءَ جو عالمي نعرو هڻڻ کپي. ان کان پوءِ شنگهائيءَ ۾ رهندڙ ويٽنامي پوليس وارن کي پنهن جي وطن سان محبت ڪرڻ جو احساس ڏيارجي ۽ کين ٻڌائجي ته ”اوهان پنهن جي وطن کان انهيءَ ڪري جدا آهيو، جو ڌارين ملڪن جا سامراجي اوهان جي ملڪ تي قبضو ڪريو ويٺا آهن. سندن فائدو انهيءَ ۾ آهي ته اوهان کي پنهنجن پيارن ٻچن کان ڌار ڪريو، اوهان جي وطن ۽ اوهان جي قوم کي پنهنجي مرضيءَ پٽاندڙ لٽين ۽ ڦرين. اهڙي سمجهاڻيءَ وسيلي سندن دلين ۾ وطن جا ۽ قومي محبت جا طاقتور جذبا اڀارڻ گهرجن.“ مون پنهنجن نوجوان سائين کي اها به سمجهاڻي ڏني ته ”پنهنجي گفتگوءَ توڙي لکڻين ۾ ڏکيا ۽ مونجهاري وارا اکر ڪم نه آڻيو! اهڙا سادا اکر لکو ۽ ڳالهايو جيڪي عوام سمجهي سگهن.“

آءٌ شنگهائيءَ کان موٽي آيس ته لونگ بيٽگ ۽ ٿيمچو گرفتار ٿي ويا ۽ ساڻن جيل ۾، حد کان وڌيڪ ظلم ۽ تشدد جو ورتاءُ ڪيو ويو، کين ماري ماري بيهوش ڪري ٿي ڇڏيائون ۽ منهنجو فوٽو ڏيکاري کائنئن پڇيو ٿي ويو ته ”هن ماڻهو جي باري ۾ اسان کي خبرون ٻڌايو ته ڪٿي آهي ۽ ڇا پيو ڪري؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر هو ڪنهن جي رتو رت ٿــي پيا پر پنهن جي ساٿي يعني سون بابت. لفظ به وات سان نه ڪڇيا. آخر سرڪار ۽ پوليس جا غنڊا ٿڪجي پيا ۽ کين عمر پر قيد جي سزا ڏيئي ڇڏيائون.

ڪينٽن ۾ رهڻ واري عرصي ۾ ويتنام جا گهڻيئي جوان آيا، جن جي دلين ۾ وطن جـــي آزاديءَ جي جدوجهد جا مچ پئي پريا. مـــون هتي هڪڙو ڳجهو انقلابي قومي تعليمي اسڪول کوليو، جنهن ۾ انهن جوانن کي انقلابي قومي ڪم ڪرڻ جي سکيا ڏيندو هوس. آءٌ انهن جوانن جي ذهنن ۾ دشمن جي خلاف بارود جو وڏو ذخيرو پري ڇڏيندو هوس. جڏهن اهــي جوان موٽي وطن واپس ويندا هئا ته اهو بارود سندن دماغ مان نڪلڻ ڏيئي ڦاٽي پوندو هو ۽ دشمن جـــي چوطرف باه جا آلا ٻنجي پکڙجي ويندو هو. اسين هڪ پاسي اهو ڪم ڪندا هئاسين تـــه ٻئي پاســي انقلابي تحريڪ جـــون پاڙون ڏينهون ڏينهن وڌيڪ مضبوط ٿينديون پئي ويون. اسان کي ڪينٽن مـــان باقاعدي ڀرپور مدد پئي پهتي. تن ڏينهن ويتنام جي هڪ عوامي شاعر هڪ نظم چئي هئي، جيڪا ٿوريئي عرصي ۾ عوام جي دلين ۾ گهر ڪري ويئي. نظم مان ان وقت جي ويتنامين جي ذهني رفتار جو چڱو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. نظم ۾ چيل هو:

”رات اينري ڊگهي ۽ اونداهي ڇو آهي؟

پرهه الائجي ڪڏهن ڦٽنديون؟

ڏيئن جون لاٽون لرزش ۾ آهن،
ڪتن جــــي ڀونڪڻ جو خوفناڪ آواز ڏ يڇاري
پيو، معصوم ٻار ڊپ کان مائرن جي ڇاتين کي
چنبڙيا پيا آهن.

لوڪ گيتن جي ڌنن جـــو آواز جهيڻو ٿيندو پيو
وڃي. منهنجا پاڙيسري جاڳي اٿيا آهن.

ڪاش! اهي اسان جي پڙهيل طبقي جي ماڻهن کي
به ڏونڌاڙي اٿارين!

ان وقت ٿائيلينڊ ۾ اٽڪل ٢٠ هزار ويٽنامي رهندا هئا. هنن جـــي هتي رهائش تمام پراڻي ليکي ويندي هئي. هنن جو وڏو حصو ٻڌمت کي مڃيندڙ هو، ۽ ڪيترا ڪيٿولڪ مذهب جا مڃيندڙ به هئا. سڀني کي پنهن جي وطن سان محبت هئي ۽ وطن جـــي محبت جو جذبو سندن رون رون ۾ سمايل هو. منجهانئن ڪيترن اڳي آزاديءَ جي اڳوڻي انقلابي تحريڪ ۾ حصو ورتو هو ۽ پنهن جي وطن جي آزاديءَ خاطر گهڻو ڪجهه قربان ڪيو هئائون.

حقيقت ۾ اهي ماڻهو جيڪي پنهن جي وطن مان لڏي هتي آيا هئا، تنهن جو خاص سبب هيءُ هو ته جنهن انقلابي تحريڪ "اوپر ڏانهن هلو تحريڪ" ۾ هنن حصو ورتو هو، اها ڪامياب ڪانه ٿي ۽ منجهانئن

ڪيترا ماڻهو اجا تائين هڪ بورڊنگ ۾ رهندا هئا.
سنڌ هلت چلت مان معلوم ٿي ٿيو ته هنن ٿائيلينڊ کي
اڃا تائين پنهنجو وطن تسليم ڪرڻ بجاءِ پناهه جي جاءِ
سمجهيو ٿي. هو ناڪاميابيءَ سببان مايوس ٿيا، ۽ سندن
دليون لٽل هيون. هنن پاڻ ۾ ٻيهر همت پيدا ڪرڻ
جي ڪابہ ڪوشش ڪانہ ڪئي. سون سوچيو تہ هنن
ٽڙيل پکڙيل ۽ مايوس ماڻهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري
وري سندن دلين ۾ نئين سر ڪو همت جو جذبو
جاڳائجي. جو جو هو اڳيي بہ وطن خاطر وڙهي چڪا
هئا ۽ آزاديءَ جي هن نئين تحريڪ ۾ اهي ماڻهو تمام
وڏو ڪم ڏيئي سگهيا. مون انهيءَ مقصد سان تحريڪ
جي ڪن نوجوانن کي ١٩٢٥ ۾ ٿائيلينڊ موڪليو تہ
جيئن هو اتي وڃي شڪست کاڌل ويتنامين کي ٻيهر
جوش ڏياري، هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪن ۽ سندن
دلين ۾ وطني محبت جي ستل جذبن کي جنجهوڙي
سجاڳ ڪن. هنن اتي وڃي ”هڪ ٻئي جي مدد
ڪرڻ“ وارين سوسائٽين جي بنياد تي منجهن اتحاد
پيدا ڪيو. انهن سوسائٽين جا ميمبر جيڪي ٿورو گهڻو
ڪمائيندا هئا، سو سڀ پاڻ ۾ هڪ گهر جي ڀاتين
وانگر ورهائي وني کائيندا هئا.

روزگار وارن ميمبر کي پڳهو اها رقم موٽائي ڏني
ويندي هئي، جنهن مان سندن گهرجون پوريون ٿين ۽
باقي بچت، تيل پئسا انقلابي مقصد لاءِ خرچ ڪيا ويندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. اهي ئي سوسائٽيون اڳتي هلي تحريڪ جي انقلابي ڪم جو بنيادي پٿر ثابت ٿيون.

انهيءَ عرصي ۾ ”چيانگ ڪائي شيڪ“ پنهنجي بدمعاشيءَ وارين حرڪتن کي انتها تي پهچائي ڇڏيو. پر پوءِ به هڪ انقلابي، تحريڪ جي ساٿين جو هڪڙي سان لاڳاپو ٽوڙي نه سگهيو. ويٽنام ۾ رهندڙ ساٿين تي ٿيندڙ ظلمن کان آءٌ چڱي ريت واقف هوس ۽ سندن آمدنيءَ جي انگن اکرن کان به باخبر هوس. انهيءَ ڪري جڏهن به ڪي ماڻهو مون وٽ آيا ٿي ۽ مون کين تحريڪ جي باري ۾ پنهنجي ڄاڻ کان واقف ڪيو ته هو حيران ٿي ٿي ويا.

تن ڏينهن ويٽنام جي معاشي حالت تمام خراب هئي. اتي جي عوام ڪتن کان به وڌيڪ بدترين زندگي پئي گذاري. ڪتي سان پيٽ مون ڀاڻي ڀڄهي، ڏني آهي. چاڪاڻ ته اتي جو گورنر جنرل ”ميرين“ پنهنجي ڪتن جي خوراڪ تي جيترا پئسا خرچ ڪندو هو. ويٽنامي هاري سڄي سال ۾ پنهنجي ڪٽنب تي انهن جي ٽين پتيءَ جيترا پئسا به خرچ ڪري نه ٿي سگهيو. ويٽنامي هاري سڄو سال رت ست ڏيئي، سارين جي جيڪا آبادي ڪندا هئا، انهيءَ پيدائش جا ٽي حصا فرينچ آفيسر کڻي ويندا هئا. اهي حقيقتون ايترو ته ڏکوئيندڙ هونديون هيون، جو هرهڪ جي اکين مان رت جا ڳوڙها وهي ايندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءٌ سوچيندو هوس ته فقط ڏک ۽ ارمان ڪرڻ سان ظلم ۽ ڦرلٽ جو خاتمو ٿيڻو ئي نه آهي. ظلمن جو پڌي جيڪو رت اکين ۾ تري اچي ٿو، اهو جيسين مظلوم جي سڄي جسم ۾ ٻوڙي سندس غيرت جي رت کي ٿهڪائي ظالم کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪنهن کهاڙيءَ تلوار يا بندوق کڻڻ لاءِ تيار نه ٿو ڪري، تيستائين اهو ڪهڙي ڪم جو؟

[آيل اُن نه وسهان، هنجون جي هارين،
آڻيو آب اکين ۾ ڏيهه ڪي ڏيکارين،
سڄڻ سي سارين نڪي رون نڪي چون ڪي!] (شاهه)

ٿورن ئي ڏينهن کان پوءِ مون کي تحريڪ کي وڏيڪ ڪامياب ڪرڻ لاءِ روپوش ٿيڻو پيو. هاڻي ڪنهن کي به اها خبر ڪانه هئي ته آءٌ ڪٿي پيو رهان. فقط ٽن چئن ساٿين کي سڌ هئي. ماڻهن جي دلين منهنجي باري ۾ ڪيترون غلط فهميون پيدا ٿي ويون. انڪري منهنجي ساٿين کي منهنجي خلاف ڪيترن ئي ڪوڙن افواهن کي منهن ڏيڻو پيو. آءٌ ڪجهه وقت ڪانپوءِ ٿائيلينڊ ويس، پر اتي مون پنهنجو نالو بدلائي ڇڏيو. هتي جا ڪارڪن مون کي ڏسي حيران ٿي ويا. انهن ڪارڪنن مان هرهڪ سان منهنجي پرپٽ سڃاڻپ هئي. هو سوچڻ لڳا ته ”هي ماڻهو ڪير آهي ۽ ڪٿان آيو آهي؟“ هو منهنجي هرهڪ ڪم کي چڱي طرح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاچڻي تجوچي ڏسندا رهيا. منهنجي ڪم ڪرڻ جو طريقو ڏسي حيران ٿي ويندا هئا. آءُ "منچٽ" ۾ ٻه هفتو ڪن رهيس. هتي جيتوڻيڪ ويڙهاڪي گهٽ هئا، پر تنهن هوندي به مون سان لاڳاپو پيدا ڪيو ۽ ڪين تنظيم جو احساس ڏياريو. چو ته منظم طريقي ڪم ڪرڻ سان لوڙا سانئي. سوين چڙوچڙ ساٿين ڪان وڏيڪ ڪم ڪري سگهن ٿا. جلدئي هنان جي جاسوس پوليس منهنجي پويان هٿ ڌوئي لڳي. مون ڪي پوليس جي چالاڪين ۽ اٿڪلن جي اڳيئي خبر هئي، ان ڪري مون ڪين ڪٿي به پير ڪوڙڻ نه ڏنا ۽ بنهنجو ڪم وڏي هوشياري ۽ خبرداريءَ سان ڪندو رهيس. جلد ئي آءُ "اوبڻ" پهتس ۽. اتي به ڏهاڪو ڏينهن ڪم ڪيم. "منچٽ" ڪان "اوبڻ" تائين سمورو رستو ٻيلن ۽ جهنگلن مان گذرڻو پيو. ڪٿي ڪٿي ته پيلا اهڙا گهاٽا ۽ گهنيل هئا جو رستو ئي هٿ نٿي آيو. گرمي به تمام گهڻي هئي. اسين ڪيترا ڏينهن ڪچن رستن ۽ ٽڪرين جي لاهين ۽ چاڙهين تان هلندا پئي ويا هئين. اسان سڀني جي ڪلهن تي پنهنجي مختصر ضرورتن جو سامان هو. تحريڪ جي ماڻهن ڪيترا ڀيرا مون کي چيو ته "اوهان پنهنجو سامان انسان کي ڏيو ته اسين ڪٿي ٿا هلون." پر مون کين چئو ته "اها به فضيلت آهي ته اوهان منهنجو سامان کڻي هلو ۽ نوابن وانگر آرام سان هٿين خالي پانهون لوڏيندو هلان." مون کين سمجهايو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ”ليڊرن واري معتبري ۽ نئن ناهہ، انقلابي قومي شخصيت جي واڌاري ۽ اڏاوت لاءِ قاتل زهر آهي.“ انهيءَ سمجھاڻيءَ جي باوجود بہ هنن ڪيچ پنڌ ڪرڻ ڪان پوءِ وري بہ مون تي زور آندو. هاڻ مون کين وڌيڪ چٽائيءَ سان سمجھايو تہ ”هڪ ليڊر ۽ اڳواڻي ڪندڙ کي پين عام ساٿين کان وڌيڪ محنت ۽ وڌيڪ تيزيءَ سان، گھٽي کان گھٽو ڪم ڪرڻ گھرجي. اها ڪھڙي ليڊري ۽ اڳواڻي ٿيندي جا ساٿيءَ کي اُلٽو سمت ۾ ڪمزور بنائي. انهيءَ ڪري مون بہ ايترو ئي بار کنيو آهي، جيترو اسان جي قافلي جي هرهڪ ساٿيءَ جي ڪلهن تي آهي.“

مون اهو بار ايستائين پنهنجي ڪلهن تان نہ لاٿو، جيستائين منزل کي وڃي پهتاسون. اتفاق سان سفر ڪندي منهنجي طبيعت خراب ٿي پيئي پر پوءِ بہ آءٌ پنهنجو سامان پاڻ کڻيو پئي هليس، اوڊن، ٿائيلينڊ جي اتر اوڀر طرف ملڪ جي پوري وچ تي آهي. ان وقت اوڊن ويٽنام جي آزاديءَ واري تحريڪ جو مرڪز هو. جيتوڻيڪ پين علائقن ۾ بہ ڪيترائي ويٽنامي آباد هئا، پر مون پهرين اوڊن وڃڻ مناسب سمجھيو. ڪجھہ نوجوان انقلابي قومي ڪارڪن جيڪي ويٽنام مان ٿورو عرصو اڳ هتي آيا هئا، تن پنهنجي هتي رهندڙ پاڙن کي آزاديءَ واري انقلابي تحريڪ جي ڪم کان واقف ڪري ڇڏيو هو. انهن نوجوانن ۾ ڪم ڪرڻ جو جذبو تہ هو پر اڃا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿائين تحريڪ جي مزاج ۽ ان جي ڪم ڪرڻ جي ڍنگ ۽ طريقي بابت ڪا به ڄاڻ حاصل ڪري نه سگهيا هئا. تنهنڪري کين ڪجهه مشڪلاتون آڏيون آيون. هتي پرديس ۾ رهندڙ پراڻن ويٽنامين به اڃا ٿائين هن ملڪ جي ٿائي ٻولي ته سکي هئي، جو سمجهيائون ٿي ته پراڻي ٻولي سکڻ جو ڪهڙو لاچار؟ انهيءَ جو ڪارڻ هيءُ هو ته هو پاڻ کي اڃا ٿائين مهاجر ۽ پناهگير سمجهندا ٿي رهيا. انهيءَ ڪري هن ديس جي ٻولي سکڻ ڏانهن ڪو به ڌيان ڪونه ڏنائون. انهيءَ بيرخائي جو هڪڙو سبب هي به هو جو هنن کي تحريڪ جي عالمي اهميت جي ڪا به ڄاڻ ڪانه هئي. انهيءَ زبردست ڪوتاهي کي محسوس ڪري مون دنيا جي پورهيتن جي وڏي ڏينهن، پهرين مئي تي پهريون ڀيرو تقرير ۾ سندن ڌيان انهيءَ ڳالهه ڏانهن ڇڪايو ته "انقلاب رڳو ويٽنام ۾ اٽڪو ناهي، بلڪ سڄي دنيا ۾ اٽڪو آهي. اڪيلو ويٽنامي انقلاب ڪٿي ڪامياب ٿيو ته به دنيا جا بدمعاش سامراج سڀ يڪ صلاح ٿي ان کي تباهه ڪري ڇڏيندا. ان لاءِ سڄي دنيا جي عوام کي پنهن جي پنهن جي ملڪ ۾ به تحريڪ هلائڻي آهي ته هڪبئي سان صلاح مصلحت ۾ مدد به ڪرڻي آهي. هڪبئي جي ويجهو اچڻو آهي، ۽ هڪ ٿيڻو آهي." مون کين ٿائي زبان سکڻ، اتان جي تهذيب ۽ تمدن جي صحيح ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ ٿائي قوم جي رسمن رواجن کي عزت ۽ اهميت جي نگاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ڏسڻ جي نصيحت ڪئي ۽ سمجھايومان تہ ان جي
خود ويٽنامي انقلاب لاءِ ڪيتري اهميت آهي. چيومانِ
تہ اِتين ڪرڻ سان، ئي ٿائي ماڻهن جون همدرديون ۽
دليون فتح ڪري سگهجن ٿيون ۽ ويٽنام جي آزاديءَ
واري تحريڪ ۾ ليني، ساٿي ۽ همدرد بڻائڻ سان گڏوگڏ
سڄي دنيا ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ راهہ پڻ تيار ڪري
سگهجي ٿي. مون سوسائٽيءَ طرفان ڇپجندڙ رسالي ”ڊونگ
ٿنم“ (اتحاد) جو، نالو بدلائي ”ٿنم“ (محبت) رکيو. مون
انهيءَ ڳالهہ تي وڌيڪ زور ڏنو تہ رسالي ۾ سمورا ليک
نهايت سادي زبان ۾ ۽ عام ماڻهن جي سمجهہ لائق
هجڻ ۽ ڪوبہ ليک، مضمون يا افسانو اجايو ڊگهو ۽
ڇڻاڙ وارو نہ هجي، تہ جيئن ٿوري خرچ سان گهٽي ۾
گهٽا پرچا شايع ڪري سگهجن. انهيءَ کان سواءِ
سوسائٽيءَ ٿوري پڙهندڙن جي دائري وڌائڻ ڏانهن بہ
خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي. مون پنهنجن سائين کي چيو
تہ هو ٿائيلينڊ حڪومت کان اسڪول کولرائڻ جي
ڪوشش ڪن ۽ انهن اسڪولن ۾ ويٽنامي ٻارن کي
مفت تعليم ڏجي. اهڙن اسڪولن ۾ خاص ڪري قومي
غيرت ۽ آزاديءَ جي تعليم ڏني وڃي، تہ جيئن تعليم
حاصل ڪري، نڪرڻ کان پوءِ اهي شاگرد ٿئين ذهن
۽ سوچ سان پنهن جي قومي ۽ وطني ڀلائيءَ جي راهہ
۾ شخصي ڪردار ادا ڪري سگهن. مون پنهنجي لاءِ
ڪسن جي ورچ جو خاڪو تيار ڪيو، جنهن ۾ ڄاڻايم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته مون کي روزانو ڪهڙي ڪهڙي وقت تي ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪرڻ گهرجن. پوءِ اُهي وقت تي ڪم ڪندو هوس ۽ مقرر وقت تي ٿائي ٻولي پڙهندو هوس. مون فيصلو ڪيو ته مون کي روزانو ٿائي ٻوليءَ جا ويهه لفظ ياد ڪرڻا آهن. شام جي وقت سياسي ۽ تحريڪي مسئلن ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪندو هوس. مون سڄي ڏينهن جي رٿيل ۽ ورڇيل ڪمن تي پوري ذميواريءَ سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ان ڏينهن سوسائٽيءَ غيرآباد زمينن کي آباد ڪرڻ ۽ فصلن پوکائڻ جي مهم هلائي رهي هئي. مون به پنهنجي ساٿين سان گڏجي زمين کي هر ڏنا، کاٺيون ڪٽيون ۽ وڻ پوکيا.

مهيني کن کان پوءِ اسڪول جي اڏاوت جو ڪم شروع ٿيو. ٿائيليند حڪومت اسڪولن کولڻ جي موڪل ڏني ۽ آءٌ به پنهنجي ساٿين سان گڏجي انهي ڪم ۾ جنبي ويس. پهرين پهرين آءٌ سرن جون به چليون کڻندو هوس، هر هڪ چلي ۾ ڏهه ڏهه سرون هونديون هيون. پر پوءِ مون وڌائي وڌائي اهي پنڌرهن ڏهين آنديون. هر روز ويهه چڪر ڪندو هوس. جڏهن هڪ ڦيرو سرن جو چڙهي ايندو هوس ته پٽ تي چاڪ سان لکندو ويندو هوس. جڏهن ويهه انگ پورا ٿيندا هئا، تڏهن ڪم ختم ڪندو هوس. مون ڪڏهن به پنهنجي ڪم ۾ گهٽتائي نه ڪئي ۽ ڪڏهن به پنهنجو مقرر ڪم گهٽ يا وڌ نه ڪيو. پوءِ پروگرام موجب ٿورو وقت ٻيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم ڪندو هوس.

اوڀن ۾ هڪ ٻيءُ پهريون ويٽنامي اسڪول کوليو ويو هو ۽ ماستر به حڪومت طرفان مقرر ڪيا ويا هئا. اسان کي ڏسي ساڪون ۽ ناڪون جي عوام به پنهن جي پنهن جي ڳوٺ ۾ مدرسا کوليا. صبح جو اسڪول جا ٻار ٿائيليند جي ٻولي پڙهندا هئا ۽ منجهند کان پوءِ کين ويٽنامي ٻولي، ويٽنامي تهذيب ۽ ثقافت پڙهايا ويندا هئا. ويٽنامي ٻولي پڙهائيندڙ ماستر کي اسان جي سوسائٽي پگهار ڏيندي هئي. شام جو انهن اسڪولن کي لائبريري ۾ وندر گاهه طور ڪم آندو ويندو هو. هر روز شام جو ڳوٺ ۽ پير پاسي جا ماڻهو اتي اچي رسالا ۽ اخبارون پڙهندا هئا ۽ پاڻ ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح ماڻهو روزانو پنهنجين دلين ۾ نوان خيال، نئون جوش ۽ جذبو پاڻ سان کڻي گهر روانا ٿيندا هئا. انهن مثالي اسڪولن جو ماڻهن تي ڏاڍو سٺو اثر ٿيو ۽ اوڀن جي پسگردائيءَ جا ٿائي ماڻهو به تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اڳڀرا لڳا.

مون سان گڏ ٻين ڏهن ماڻهن به ٿائي ٻولي سکڻ شروع ڪئي. آءٌ تن مهينن جي ڪوشش کان پوءِ چڱيءَ طرح ٿائي ٻولي پڙهڻ لڳس. منهنجا ٻيا ڏهه هم سبق ساٿي ايترو جلدي ٻولي سکي نه سگهيا. شايد سندن جوش ۽ جذبو ڪجهه ٿڌو هو.

آءٌ ڪتاب پڙهندو به هوس ۽ انهن جو ترجمو به

ڪندو هوس. مون تن ڏينهن ”انسان جي ڏاڪي بہ ڏاڪي وڌڻ جي تاريخ“ ۽ ”ڪميونزم جي انوب“ ڪتابن جو ترجمو ڪيو. مون پنهنجو پاڻ سان فيصلو ڪيو تہ چا بہ پوي پر هيترا صفحا روزانو ترجمو ڪندس. مون پنهنجو ڪوبہ ڪم ڪڏهن بہ اڌ ۾ نہ ڇڏيو. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن سان ڪچهري ڪندي گهڻو وقت گذري ويندو هوم پر پوءِ بہ انهيءَ وقت لاءِ مقرر ڪيل ڪم آرام ڦٽائي بہ پورو ڪري ڇڏيندو هوس. مون پنهنجي حياتيءَ جي وقت جي جيڪا ورڇ ڪئي هئي، تنهن ۾ ڪڏهن بہ رنڊڪ وجهڻ نہ ڏنيم، چاڪاڻ تہ آءٌ پنهنجي سمجهہ ۽ سوچ وسيلي انهيءَ راهہ تي پهتو آهيان تہ اصول هميشہ تڏهن فائدي مند ٿيندا آهن جڏهن انهن تي عمل ڪجي. عام ماڻهن کي اهي اصول سمجهائي دل ۾ ويهاري فقط عمل ذريعي ڪري سگهبا ۽ نہ ڳالهين ڪرڻ سان. مون ٿائيليند ۾ رهندڙ ويٽنا کي سمجهايو تہ ”ٿائيليند جي اصلي رهاڪن سان دوستيءَ جا ناتا مضبوط ڪريو. کين پنهنجو دوست ۽ همدرد ڄاڻو.“ مون کين اها ڳالهہ بہ سمجهائي تہ ”ويٽنام هڪ غلام ملڪ آهي، جو هڪ ظلم ۽ جابر حڪومت جي هٿ هيٺ آهن. ٿائيليند جي حالت هوبهو ويٽنام جهڙي آهي. ويٽنام تي فرينچ سامراجي حڪومت زوريءَ قبضو ڪريو ويٺي آهي، ۽ ٿائيليند وري ڪيترن اهڙن ظالم فوجي ۽ اقتصادي معاهدن جي زنجيرن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جڪڙيل آهي، جن ٿائيليند جي آزاديءَ کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. پاڻ فرينچن سان آزادي جي جنگ پيا لڙون ۽ ٿائيليند جا ماڻهو به فرينچن سان نفرت ڪن ٿا. انهيءَ کان سواءِ ٿائيليند ۽ ويٽنام ٻئي پاڙيسري ملڪ آهن. انهيءَ ڪري ڪڏهن نه ڪڏهن نيٺ ٿائي ماڻهن جي دلين ۾ ويٽنامين جي هن آزاديءَ واري جذبي لاءِ همدردي ۽ محبت جا احساس جنم وٺندا ۽ ڪو وقت اهو به ايندو جو هو به اسان وانگر آزاديءَ حاصل ڪرڻ لاءِ سر ڌڙ جي بازي لڳائي بهادرانه نموني لڙڻ شروع ڪندا.“

اسان جو انقلابي ڪم هليو پئي، سڀيئي ماڻهو ساڳئي جذبي ۽ جوش سان بلڪ آزاديءَ لاءِ جدوجهد ۾ لڳا پيا هئا. ٿائيليند ۾ ماڻهن هر هنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيون ٺاهيون، جن ۾ اوبن جي سوسائٽي سڀ کان وڏي هئي. ان جي ميمبرن ۾ اهڙا ويٽنامي به شامل هئا، جي وڏا واپاري ۽ سرمائيدار هئا ۽ سڀيئي هڪ جهڙي حياتي گذاريندا هئا. منجهن امير ۽ غريب جو ڪو به فرق ڪونه هو. هو جيڪي ڪجهه ڪمائيندا هئا، اهو سڀ سوسائٽي کي ڏيندا هئا ۽ سوسائٽي سڀني ميمبرن جي کاڌي خوراڪ جو خرچ ڪڍي باقي پئسا تحريڪ جي ڪمن تي خرچ ڪندي هئي. اسين مهينا جا مهينا ڇانورن ۽ ٽماٽن تي گذاريندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن ته اسان کي اهي ٽماٽا به نصيب ڪونه ٿيندا هئا. فقط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چانورن جي پٽ مٿان لوڻ ٻرڪي کائيندا هئاسين.
جيڪڏهن ڪنهن وقت ڀاڄي جي لاءِ دل چوندي هئي
ته ان لاءِ پهرين سوسائٽيءَ جي عام ميڙ ۾ باقاعدي
موڪل ونبي هئي. اسان ۾ ڪيترا اهڙا ماڻهو به هئا
جن اڳي پنهنجي حياتي عيش سان گذاري هئي ۽
سندن ڪمائي پنهن جي عيش کان گهٽ ڪي وڌيڪ
هئي. پر هاڻ وطن جي آزاديءَ خاطر ۽ پنهنجي حياتيءَ
جي مقصد ماڻڻ لاءِ سيني ماڻهن گڏجي ڏکن ۽ تڪليفن
جي حياتي پئي گذاري. هر ڪنهن ماڻهوءَ جي دل ۾
اهو احساس پيدا ٿي چڪو هو ته اسان جي ڪمائي
ٿي ٿي وطن جي آزاديءَ جو دارو مدار آهي. سندن
اکيون انقلاب ۾ کتل هيون. هو سمجهي ويا هئا ته
سواءِ ڪهن چڱي ۽ اعليٰ مقصد جي انسان جي زندگي
ڪهڙي ڪم جي؟ انسان کي پنهن جو اعليٰ مقصد هر
چيز کان پيارو هئڻ گهرجي ماڻهوءَ جي ماڻهپي جي
سچائپ جي سڀ کان وڏي ڪسوٽي اها آهي ته هن
پنهنجي زندگيءَ جو ڪهڙو مقصد ٺهرايو آهي جيڪڏهن
ڪنهن پاڻ کي رڳو دولت گڏ ڪرڻ، عيش عشرت
ڪرڻ پوين لاءِ جائداد ڇڏڻ، ڪوڙو نالو. نيڪي
ڪرڻ لاءِ وقف ڪيو آهي ته پوءِ اهو ڪهڙو به تونگر
ٿي وڃي پر چئبو ته سچو. سڪڻو ۽ نيچ آهي. شروعات
۾ انهن سوسائٽين ۾ اهي ويتنامي شامل هوا، جيڪي
اسان خاص انقلاب لاءِ ٿائيلينڊ موڪليا هئا ته اتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچي انقلابي ڪم ڪن. انهن ويتناميءَ سان. ڪيترن ٿائي عورتن سان شاديون ڪيون، جنهن ڪري انهن سوسائٽين جو ڏاڍو سٺو اثر ٿيو. سوسائٽي جي ميمبرن جي پاڻ ۾ محبت ڏسي هرڪو ڏندين آڱريون ڏيندو هو ۽ دل ۾ ساراهيندو هو. اسان پنهنجي عملن، گڏيل قربانين ۽ ڀائيچاريءَ سان اهڙا مثال قائم ڪيا، جن اسان لاءِ اڳتي ڪم ڪرڻ جون وڏيڪ صاف راهون کولي ڇڏيون.

آءٌ هڪ طرف پنهنجي سائين سان گڏجي ڪم ڪندو هوس ته ٻئي پاسي تحريڪ جي ڪيترن ئي ڳالهين کي پيو سوچيندو هوس. مون کي وڏو فڪر اهو هوندو هو ته ماڻهن ۾ ڪهڙي نموني انقلابي قومي نظريي جي تعليم پکيڙجي.

ڪيترا ساٿي جن مون سان گڏجي ڪم ڪيو هو، سي منهن جي لاءِ هانگ ڪانگ مان ڪيترا سگريٽن جا دٻا سوکڙي ڪري موڪليندا هئا. انهن ۾ پهرينءَ هائي“ـ ”نيري جهرڪي“ ۽ ”مارڪ“ سگريٽ مون کي ڏاڍا وڻندا هئا. پر آءٌ اهي سگريٽ پنهنجي ساٿين ۾ ورهائي ڇڏيندو هوس.

اودن ڪان پوءِ آءٌ سائيگان ويس. هتي ويتنامي چڱي تعداد ۾ موجود هئا. هنن منهنجي اچڻ کان اڳ۾ئي اتي سوسائٽيون ۽ اسڪول کوليا هئا. پر اهي اڃا سياسي طرح گهٽو پٺتي پيل هئا ۽ مذهبي طور

پراڻو خيالن جا هئا. منجهن انقلاب جو ٻج اڃا پوري طرح نہ ڇٽيو هو. انهن ويٽنامين وڏو حصو ”ڪيٿولڪ“ مذهب جو هو. ڪي وري ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ هئا، جيڪي تيرهين صديءَ جي وطن دوست سورمي تران کي قومي هيرو ڪري مڃيندا هئا. جنهن ٻہ ڀيرا حملو ڪندڙ منگولن کي ويٽنام مان ڀڄائي ڪڍيو هو. هو باقاعدي سندس پوڄا ڪندا هئا. مون سائيگان وارن ڪارڪنن تي منجهس ۽ اوبن وارن ساٿين کان وڌيڪ ڌيان ڏنو. هتي، مون هڪڙو نئون تجربو ڪيو. مون اتي اهڙا ٻہ ٽي ڊراما ۽ ناٽڪ ڪرايا، جن ۾ ويٽنام جي تاريخ کي نهايت اثرائتي نموني پيش ڪيم. انهن ڊرامن جا گانا مون پاڻ لکيا. منهنجو اهو تجربو منهنجي اميدن کان وڌيڪ ڪامياب ٿيو ۽ ماڻهن کي اهي ڊراما ڏاڍا وڻيا.

مون هتي سوسائٽيءَ جي ڪم ڪندڙن کي صلاح ڏني تہ هو هڪڙو دوائن جو دڪان کولين ۽ اهو ڪم ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جي حوالي ڪن، جيڪو دوائن جي ڄاڻ رکندو هجي ۽ ميمبرن جو علاج وغيره ڪري سگهي.

هتان جا ڪيترائي ويٽنامي تران جا پوڄاري هئا. انهيءَ طرح مون سندن دلين ۾ گهر ڪرڻ لاءِ تران جي شان ۾ هڪڙي نظم لکي جنهن ۾ تران جي حب الوطنيءَ جي ساراهہ هن ريت ڪيم:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تران سورمي ڏين هانگ جي سيڙ ۾ بادشاه اڳيان قسم کنيو!

”آءٌ قسم ٿو کڻان ته:

”جڏهن به دشمن اسان جي علائقي ڏانهن پير وڌايو،

”۽ اسان تي حملو ڪيو،

”تڏهن آءٌ پنهنجي اباڻن ڪکن ۽ پنهنجن ماروئڙن

تان سر ڏيندس.

”جيستائين هڪڙو به ويٽنامي جيئرو هوندو،

”تيستائين ويٽنام اسان جو ۽ رڳو اسان ويٽنامين

جو رهندو.“

نظم جون اهي سٽرائون ماڻهن کي ڏاڍيون وڻيون ۽ ناءِ وانگر آسپاس ڦهلجي ويون. تران هتي جي رهاڪن جو هيرو هو، تنهنڪري ماڻهن هن جي پيروي ڪرڻ پنهنجو مذهبي فرض ٿي ليکيو. اهڙيءَ ريت ماڻهو ميڙا ڪري اچي اسان جي جهنڊي هيٺان گڏ ٿيا.

ان کان پوءِ آءٌ سائيگان ويس. اتي مون کي خبر پئي ته مڪراڻان ڳوٺ ۾ حالتون نهايت خراب آهن، ۽ اتي وڏي ڪ ڏيان ڏيڻ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. مون ٻن نوجوانن ”تاءُ ۽ ”تو“ کي اتي وڃي جانچ ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو. تائو ڪجهه ڏينهن کان پوءِ موٽي آيو، هو نهايت ئي مايوس هو. هن مون کي ٻڌايو ته آءٌ پيڙيءَ ۾ چڙهي مڪراڻان پهتس، جتي ويٽنامين جا ڪل تيهارو گهر آهن ۽ هڪڙو مندر آهي، جتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تران جي ٻوچا ٿيندي آهي. اتي ڪجا گهڻا رهاڪو ٻهاڻا آهن. منجهائن ڪي چاڙهر وڪڻندا آهن، ڪي قاصائي آهن، ڪي واڍا آهن. منجهن ٨-٦ قوم جوان ۽ ٨-٦ ننڍيءَ عمر جون ملوڪ ڇوڪريون آهن. اتي غربت تمام گهڻي آهي، ماڻهو اڌ بک ۾ اڌ ڏؤ ڪري پيا وقت گذارين. رڳو ٻه گهر ماني مڇيءَ وارا آهن.“

اهي ڳالهيون ٻڌائي تائو نا اميدي وچان ڪنڌ لوڏيندي چيو ”انهن ماڻهن وٽ انقلاب جو نالو وٺڻ ئي ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. ظالمن جهيڙي ڪرڻ ۾ پنهنجو مٿ پاڻ آهن. ڪم ڪار ڪان وانديون ٿي اهائي ٻهاني سچوءَ ڏينهن ور ڪجهه پيون وڙهن. ماڻهو شراب ۽ جوا جا ڪوڙيا آهن. نوجوان ڪوبه ڪم ڪونه ڪن. يا ته مندر ۾ ويٺا هوندا آهن، يا سڄو ڏينهن جوا پيا ڪندا آهن. اهڙي هنڌ انقلابي تحريڪ کي زور وٺائڻ جو ڪوبه آسرو ڪونهي.“

آءٌ تائوءَ جون اهي ڳالهيون ٻڌي ڏاڍو حيران ٿيس ته ”هي سمجهو ۽ ڪم ڪرڻ وارو ماڻهو اهڙيون مايوسيءَ جون ڳالهيون ڪيئن پيو ڪري؟“ مون ان وقت تائو سان وڌيڪ ڪجهه نه ڳالهايو ۽ ڪيس آرام ڪرڻ لاءِ چيم. ٻن ڏينهن جي آرام ڪرڻ کان پوءِ مون کيس گهرائي چيو:

”منهنجا پيارا، تو اڄ تائين جيڪو پڙهيو لکيو هو، تنهن تي پاڻي ڦيري ڇڏيئي! تو پنهنجي انقلابي

پڌر نامي ۾ ڪونه پڙهيو آهي، تہ ماڻهن ۾ گهڙي پنهنجا خيال ڪيئن پکيڙجن؟ تون پاڻ ٻڌاءِ تہ جيڪڏهن سڀ انسان پڙهيل ڳڙهيل، صاف سٿرا هڪٻئي سان پيار ۽ محبت ڪندا هجن، تہ پوءِ ڪين سڌارڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي؟ پوءِ تہ جيڪر سڀيئي ماڻهو پنهن جي نفعي نقصان ۽ بري ڀلي جو فرق پاڻ ئي سمجهي وڃن ۽ هرڪا ڳالهہ پاڻ سوچي ويچاري ڪنهن چڱي نتيجي تي پهچي وڃن. هيئنئر جو هيئنئر موتي ساڳي ڳوٺ ۾ وڃ ۽ اتي ڪم ڪرڻ جو ڪو نڪو رستو ڳولي ڪڍ! مون کي يقين آهي تہ تون ضرور ڪامياب ٿيندين."

منهنجون ڳالهيون تاتو جي دل ۾ گهر ڪري ويون ۽ هو هڪدم مڪراهان ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. وڃڻ مهل مون سندس هٿ ۾ هڪڙو ڪاغذ جو ويڙهيل ويٺو ڏيئي چيو "انهيءَ ويٺي کي اتي کولجئين!"

اهو ويٺو تران بابت منهنجي بيتن جو هو. اهي بيت مون کيس انهيءَ لاءِ ڏنا هئا تہ اهي ياد ڪري مڪراهان ڳوٺ جي ماڻهن کي ٻڌائي ۽ ساڻن ملي هڪ ٿي وڃي. ڳچ مهينن کان پوءِ آءٌ مڪراهان ويس، اتي وڃي ڏٺم تہ ڳالهہ ئي اور ٿي ويئي هئي. تاتو مون سان اچي مليو، سندس چهرو خوشيءَ وچان ٻهڪيو پئي. مون سندس پٺي ٺپري چيو تہ "ڪر خبر ڪهڙا حال آهن؟" هن مون کي پوءِ سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي

چيائين:

”توهان وٽان موڪلائي جڏهن آءٌ هتي آيس، تڏهن سڀني گهرن جي جانچ پڙتال ڪيم. جيڪو گهر سڀني کان وڌيڪ غريب هو ان جي دروازي تي وڃي ٺڪ ٺڪ ڪيم ۽ گهر جي ڌڻين کي چيم ته ”مون کي پنهنجي گهر ۾ رهڻ لاءِ ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ ڪا جاءِ ڏيو. انهيءَ لاءِ آءٌ توهان جو ٿورائتو ٿيندس ۽ مسواڙ به ڏيندو رهندس.“ انهن کي گهرجي هڪ اک، هنن کي جو به اڪيون تي مليون سي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ مون کي پاسي واري هڪ ننڍي ڪوٺي رهڻ لاءِ ڏنائون. گهر ڌڻي روز صبح جو اٿي ڪم سان ٻاهر هليو ويندو هو ۽ اڌ رات جو موٽندو هو. هو سڄو ڏينهن جيڪو ڪمائيندو هو سو شام جو جوئا ۾ هارائي ۽ شراب جي نشي ۾ چور ٿي موٽندو هو. سندس زال جا اکيون سڄي پڇي ويٺي هوندي هئي، سا سندس چڱي لاڪ لاهيندي هئي، ڏاڍيون گاريون ڏيندي هيس ۽ مڙس جا خار وري سهري مان ڪڍندي هئي. پوڙهو ويچارو مات ڪري پيو ٻڌندو هو. آءٌ وٽن رهيس ته سهي، پر انهن ڳالهين ڪري ڏاڍو پريشان ٿيس. سو ٿيا ڪيم جو هڪ ڏينهن جڏهن مائي ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ويئي ته وڃي ڏسي بازار مان ننڍ آڻڻ جي هڪ دوا وٺي آيس. اها دوا مون سنڌس سهري ۽ ٻارن کي پياري. جڏهن هو سمهي پيا تڏهن مون سڄي گهر کي ٻهاري ڏيئي بلڪل صاف ڪري ڇڏيو.

جڏهن گهر ڏجاڻي موٽي آئي ۽ گهر کي صاف سٿرو ڏٺائين تہ ڏاڍي خوش ٿي ۽ مون کان پڇڻ لڳي تہ "هيءَ صفائي ڪنهن ڪئي آهي؟" مون سندس پوڙهي سهري ڏانهن اشارو ڪري چيو "هئي ويچاري پوڙهي" انهيءَ ڪري پئي ڏينهن هوءَ پنهنجي سهري سان نڪا وڙهي ۽ نہ وري ڪا گار گند ڪيائين. پوڙهو اچرج ۾ پئجي ويو. ڪيس جڏهن سچي ڳالهہ جي خبر پيئي، تڏهن هن منهنجا ٿورا مڃيا. هاڻي آءٌ گهر جي ڪم ۾ مائي جو هٿ ونڊائڻ لڳس. هوءَ تو ڙي سندن سڙس ڏاڍو خوش ٿيا. آهستي آهستي سڄو گهر منهنجي ڏاڍي عزت ڪرڻ لڳو. مون گهر ڏٺي کي تيار ڪيو تہ روزانو مون کان سبق وٺي. مون پڙهائي لاءِ اهو وقت مقرر ڪيو جيڪو سندس گهمڻ ۽ پاهر جوا ڪرڻ جو هو. اهڙي ريت هن جوا ڪرڻ ڇڏي ڏني. اهو ڏسي گهر جا سمورا ڀاتي ڏاڍا خوش ٿيا. مڙس جي سڌريل حالت کي ڏسي مائي بہ مون وٽ پڙهڻ لڳي. ڏسندي ڏسندي پيا بہ ڪيترائي ماڻهو مون وٽ پڙهڻ لڳا. هاڻي سڄو ڳوٺ منهنجي عزت ڪندو هو. آءٌ هاڻي مندر ۾ بہ ويندو هوس. اتي ماڻهو تران جا پراڻا بيت پرهندا هئا. مون پنهنجي لکيل بيتن مان ماڻهن کي نوان نوان بيت پڙهي ٻڌايا. اهي بيت هنن اڳ ڪڏهن بہ نہ ٻڌا هئا. انهيءَ ڪري هو مون کي پنهنجو وڏو ڪري سمجهڻ لڳا. هاڻي آءٌ سندن ساٿي ٿي پيس. هڪڙي انجمن

به قائم ڪئي سين. ٻه اهڙا جوان ٻه ڳوليا اٿم، جيڪي تحريڪ جي ترجمي ڪيل رسالي "ٿن اي" جا ساليانا خريدار ٿيڻ لاءِ تيار آهن. هاڻي توهين ڏسندا تہ هتي جو هر ٻچو، توڙي پوڙهو انقلابي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي." ٿاڻي جون اهي ڳالهيون ٻڌي خوشيءَ مان منهنجو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. مون ڪيس شاباس ڏيئي چيو تہ "سچي انقلابيءَ جي اهائي سڃاڻپ آهي تہ هو اهڙن هنڌن تي ڪم ڪري ڏيکاري، جتي ڪو آسرو ۽ اميد نہ هجي. تو تہ مون کان بہ سٺو ڪم ڪري ڏيکاريو آهي." منهن جي ائين چوڻ تي هو ڏاڍو خوش ٿيو. مون سندس منهن تي قنداري ڏاڙهون جهڙي ڳاڙهاڻ ڏٺي. مون محسوس ڪيو تہ هاڻ هي رات ڏينهن جوش ۽ جذبي سان ڪم پيو ڪندو.

هيءَ تہ رڳو هڪڙي جوان جي ڪم جي ڳالهہ آهي. اسان جي پين جوانن بہ ائين اڻ ٿڪ محنت ۽ دل و جان سان ڪم ڪيو ۽ آزادي حاصل ڪرڻ جي چاهہ جي باهہ کي چوڌاري پڙڪايو. اهو آٿو دلير ۽ بهادر انسانن جي ڪوشش جو نتيجو.

آءٌ ١٩٢٩ع ۾ وري ٿائيليند ويس ۽ اتي جي سيني ننڍن توڙي وڏن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ويس. منچت اوڊن، ناکون، ساڪون، سيني شهرن ۾ وڃي مون انقلابي ايڪ جي ڪم جي جانچ ڪئي. اوڊن جي ويجهو مون ۽ منهنجي پراڻي انقلابي ساٿي مفڪر ڌونگوءَ،

گڏجي هڪ باغ پوکيو. اهو باغ اڄ ڏينهن تائين اتي قائم آهي ۽ اتي جي ويٽناميين انهيءَ کي اڳي کان به وڌيڪ سدا ري گلزار ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ باغ جا گل ايستائين پيا ٽڙندا، جيستائين اسان جون دليون آزادي جي خوشبوءِ سان واسيل هونديون. سفر ۾ تائي سمورو وقت منهنجو ساٿي هو.

سون کي انهن ڏينهن جو هڪ دردناڪ واقعو اڄ به ياد آهي. سون کي پڪ آهي ته ناکون جهڙي شهرين کي اڄ به اها ڳالهه نه وسري هوندي. ناکون ۾ ڪيٿولڪ مذهب جي مڃيندڙ ويٽناميين جو هڪڙو مندر هو. وڏن کا شادي يا سوٽ ٿيندو هو ته مندر جون گهنٽيون وڄائيندا هئا. انهن گهنٽين وڄائڻ جا پادريءَ کي پئسا ڏنا هئا. هڪ دفعي هڪڙو پوڙهو مري ويو. هو تمام غريب ماڻهو هو. سندس مرڻ تي پاڙي جي ماڻهن پادريءَ کي گهنٽي وڄائڻ لاءِ منٿ ڪئي. پادري انڪار ڪيو ۽ چيائين ته "آءٌ پئسن وٺڻ کان سواءِ گهنٽيون ڪونه وڄائيندس." غريب ماڻهن جي منٿن ۽ فوتيءَ جي غريبيءَ جو بيرحم پادريءَ تي ڪوبه اثر ڪونه پيو. پادري جي اها هلت ڏسي انقلابي ليگ جي ميمبرن ڏاڍي سڙسي ڪئي، ڳوٺن ۾ وڃي چندو گڏ ڪري آيا ۽ اڇي پوڙهي جو ڪفن دفن ڪيائون. ماڻهن جي دلين ۾ پادري لاءِ سخت نفرت ۽ ڌڪار پيدا ٿي ويئي. انهيءَ نفرت مان هيءُ فائدو ٿيو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽورنڊي ڏينهن اندر پڌ مذهب وارا ۽ ڪيٿولڪ مذهب وارا پاڻ ۾ گڏجي هڪ ٿي ويا. هنن جي گڏجڻ ڪري، انقلابي ليگ جي ميمبرن کي ڪم ڪرڻ جو نهايت سٺو وجهه مليو.

مون جداجدا ڳوٺن ۽ شهرن ۾ انقلابي ليگ جي ڪم جي جانچ پڙتال ڪئي- انهيءَ هلهلان ۾ ڪيترائي پيا ڪارڪن به مون سان گڏ پيا هلندا هئا- آءٌ واٽ ۾ ڪين ويٽنامي لوڪ گيتن ۽ لولين ٻڌائڻ لاءِ منٿ ڪندو هوس، ۽ ڪين چوندو هوس ته ”اسان کي پرديس ۾ ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن، خبر نه آهي ته اڃان به ڪيترو وقت اسان کي وطن کان جدا رهڻو پوي ٿنهنڪري توهين وطن جا گيت ڳائيندا هلو- اهي گيت اسان جي دلين ۾ وطن سان پيار ۽ محبت جو جذبو وڌيڪ جاڳائيندا-“ منهنجي اها منٿ اجائي نه ويئي- منهنجا ساٿي ڪم پورو ڪيو ۽ ٻنن شاعرن جا گيت ۽ انقلابي شعر سچي واٽ ڳائيندا خوش ٿيندا پيا هلندا هئا- ڪڏهن مون به ڳائڻ ۾ سندن وارو پئي ونايو- اهڙيءَ ريت اسين نه رڳو پنهنجي پياري وطن کي ياد ڪندا ٿي رهياسين، پر پنهنجن قومي شعرن ڳائڻ سان اسان جو تڪليفن وارو سفر به آسان بڻجندو ٿي ويو.

جڏهن مون تنظيمي دورو ڪيو، تڏهن ويٽنامين ماڻهن جي زندگيءَ ۽ سندن رهڻي ڪهڻيءَ کي چڱي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح ڏسڻ ۽ سمجهڻ جو فيصلو ڪيو. تائي منهنجي سفر جو ساٿي هو. هو ويٽنام جي هڪ مشهور انقلابيءَ، ڊينگ تائي ٿان جو پٽ هو. هن پنهنجي سڄي حياتي انقلابي ليگ لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. تائي جهڙا ارادي جا پڪا ۽ حوصلي وارا جوان جنهن به قوم ۾ هوندا. انهيءَ قوم کي نڪي لهر نڪي لوڏو. اهڙيون قوتون ئي ڪنهن ميدان ۾ اڳتي وڌي سگهن ٿيون. تائي جي پيءُ ”نئين ويٽنام پارٽيءَ“ جي نالي سان هڪ تجربي جو بنياد رکيو ۽ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ ويٽناميين کي پنهنجي وڃايل آزادي واپس وٺڻ لاءِ جدوجهد جو سبق سيکاريو. ڪٿي ائين چئجي ته تائي کي سامراجين خلاف نفرت جو جذبو ورثي ۾ ئي مليو هو. هن جوان ويٽنام ۾ انقلابي ليگ جو پيغام نئين نسل جي نياڻي توڙي وڏي کي پهچايو. هن جي انهي بهادري واري ڪم، فرينچ سامراجين کي ايترو ته ڊيڄاري ڇڏيو جو ڪين سندس گرفتاري جو وارنٽ ڪڍڻو پيو. تائيءَ گرفتار ٿيڻ بدران ٿائيلينڊ ڀڄي وڃڻ مناسب سمجهيو. ۽ ئي هن مون سان گڏجي پنڌ سفر ڪيو. مون وٽ سامان سڙي ڪٽڻ لاءِ هڪڙو ٿيلهو هو. ۽ تائيءَ پاڻ سان بانس جي پٽين جي ٺهيل پيتي کنئين، جنهن ۾ ڪجهه ڇمڙو ۽ چيني دوائون هيون. اسان ٻنهي واپارين جو ويس پاتو هو. اسين ڏينهن جو سفر ڪندا هئاسين، ۽ رات جو آرام. اسان جو آرام به عجيب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نموني جو هوندو هو. جتي سج لهندو هو ته اتي ٻـي
وڏيءَ سيڙهيءَ ڪروندڙا ٿي، رات جا چار پهر گذاري
ڇڏيندا هئاسين. پوءِ ڀلي اها جاءِ مندر هجي يا سڙهي
مسجد هجي يا ڪنهن ماڻهوءَ جو گهر. سفر ۾ اسان
کي ڪٿي ڪٿي مس ڪو اجهو ملي ويندو هو، نه ته
گهڻو ڪري اسين وڻن هيٺان ليٽي پوندا هئاسين.
باقي رهيو ڪاڌي پيتي جو سوال، صبح جو اٿڻ سان
ڪنهن نه ڪنهن طرف کان دهل جو آواز اسان جي
ڪن تي پوندو هو. اسان کي معلوم هو ته اهو آواز
ٻڌ ڌرم جي مندر ۾ وڄندڙ دهل جو آهي ۽ اتي ٻوڌي
ڀاون (ڀڪشوئن) لاءِ ڪاڌي جو بندوبست هوندو آهي.
آواز ٻڌي ڪنائيندا، آخر اتي وڃي پهچندا هئاسين.
جڏهن ڀڪشو ڪاڌو کائي بس ڪندا هئا، تڏهن اسين
سندن ڇڏيل اوبر کائي ورت پنڌ پوندا هئاسين.

ٿائيلينڊ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ هڪ ٻوڌي مندر ضرور
هوندو هو ۽ هر هڪ مندر ۾ ڏهه ڀڪشو هوندا هئا.
جن جا پيٽ نڪتل هوندا هئن. ۽ بدن تي ريشمي
ڪپڙا پاتل هوندا هئن. هو مڙني سان کائيو اوگرايون
پيا ڏيندا هئا. هو اسر ڏيئي ڳوٺ جو چڪر هڻي
چانور ۽ ڪيلا پني گڏ ڪندا هئا. هو وات سان
ڪڏهن به خيرات نه گهرندا هئا ۽ نه وري ڳوٺ وارا
به ڪو اکر ڪچندا هئا. ڪٿي ڪٿي ته ڳوٺاڻا پاڻ
خيرات کڻي وڃي ڀڪشوئن کي مندر ۾ ڏيئي ايندا هئا.

پڪشوٽن جو اوبڙيل ڪاٺو مسافرن ۽ غريبن ڪني ورھائي ڏنو ويندو ھو ۽ جڏھن ڪو مسافر نہ ھوندو ھو تہ اھو پکين کي ڏيئي ڇڏيندا ھئا.

ھڪڙي ٻيري سفر ڪندي اسين رستو ڀلجي جهنگ ۾ منجهي پياسين ۽ وچي ھڪڙي ڳوٺڙي ۾ نڪتاسين. اتي اسان کي پريان ھڪ سڪل مھانڊن، ڊگهن وارن ۽ وڏي قد وارا ماڻهو ڏسڻ ۾ آيا. سندن چھرن کي ڏسي اسان کي ڊپ وٺي ويو. اونداھيءَ جي ڪري ھو اسان کي ڏسي نٿي سگهيا. اسين منجهي بيھي رھياسون تہ ڇا ڪريون ۽ ڪيڏانهن وڃون؟ اوچتو اسان جي نگاه ھڪڙي ڊگهي ماڻھوءَ تي پيئي. انهيءَ ماڻهو اسان کان سڌ ڪري پڇيو تہ ”ڪير آھيو؟ ڪيڏانهن پيا وڃو؟“ مون چيني ٻوليءَ ۾ جواب ڏنس تہ ”اسين گس ڀلجي پيا آھيون“. اسان سمجهو تہ ھي چيني ماڻهو آھي، تنهنڪري ڪانئس پڇيوسين تہ ”توھان ڪٿان پيا اچو؟ اسين چيني آھيون پورھئي لاءِ نڪتا آھيون.“ پر ھن چيو ”ڇا پيا چئو؟ توھان کي تہ چيني ٻولي اچيئي ڪانہ ٿي، پوءِ توھين چيني ڪيئن ٿيا؟“ مون مون ورائيس ”اسين ويٽنامي چيني آھيون.“ تنهن تي انهيءَ ماڻهوءَ رڙ ڪري چيو ”ھاڻي رات پئجي ويئي آھي، ماٺ ڪري منهنجي پٺيان ھليا اچو. جيڪڏھن ھتان جي ماڻهن توھان کي ڏسي ورتو تہ پوءِ توھان جو خير ڪونهي!“ اسان کي ھن ماڻهوءَ جي ڳالهائڻ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نمونو اصل ڪونہ وٺيو، پر مٺي ٻہ ماٺ، مٺي ٻہ ماٺ، چوتہ ٻي ڪا واهہ ڪانہ هئي. هن جي پنيان لڳي ميل اڌ ڪان پوءِ هڪڙي وڏي گهر وٽ اچي پهتاسين. هو اسان کي گهر ۾ ويهاري، پاڻ ٻاهر هليو ويو. ٿوري دير ڪان پوءِ هڪڙي ماڙي ٿالهيءَ ۾ ڪجهہ ماني کڻي آئي. اسان کي شڪ پيو تہ متان مانيءَ ۾ زهر پيل هجي، پر جيئن تہ اسان کي ڏاڍي بک هئي سو اکيون پوري کائڻ کي لڳي وياسين. جڏهن اسان ماني کائي بس ڪئي تہ اهو ساڳيو ماڻهو موٽي اسان وٽ آيو، ايندي ئي رڙ ڪري چيائين ”هاڻي اٿو! مون سان گڏ جي هلو!“ اسين هن ماڻهوءَ جي پٺيان سوڙهين گهٽين مان پئي وياسين ۽ هلندي هلندي هڪڙي ٻانس جي نهيل گهر ۾ گهڙي وياسين جتي ٻہ ٽي ڏکڻا پلنگ پيا هئا ۽ هڪڙو ڪڙي تيل جو ڏيئو پئي ٻريو. اسان کي اتي سمهڻ لاءِ چئي پاڻ ٻاهر ويو هليو. سنڌ وچڻ کان پوءِ اسان گهر جون ڪنڊون پاسا ڏسڻ لڳاسين تہ جي ڪو اوچتو حملو ٿئي تہ ڪٿان ڀڄي جان بچايون. مون تائيءَ کي چيو تہ ”پاڻ مان هڪڙو ننڊ ڪري، ٻيو جاڳي، پهرين تون ننڊ ڪر تہ آءٌ جاڳان ٿو.“ ٿوري دير کان پوءِ هڪڙو چيني ماڻهو پنجن ڇهن سالن جي ٻار سان انهيءَ گهر ۾ گهڙي آيو. سنڌس هٿ ۾ آفيم جي ٿالهي هئي هو اچڻ شرط گهر جي ڪنڊ ۾ اچي ويٺو

۽ آفيم کائڻ لڳو. گهڙيءَ ساعت کان پوءِ پنهن جي پٽ کي هڪ ويتنامي لوڪ گيت ٻڌائڻ لڳو ”سور نچي پيو، ڪڪڙ وڙهي پيو.“ مون تائي جي ڪن ۾ چيو ته ”هي ماڻهو فرينچن جو جاسوس ٿو ڏسجي.“ پر اسين سچو ڏينهن پنڌ ڪرڻ ڪري ايترو ته ٿڪجي پيا هئاسين جو انهيءَ ڏپ هوندي به اسانکي ننڊ ڪٽي ويئي. صبح جو اٿڻ شرط اکيون مهٽي هڪ ٻئي کي ڏسڻ لڳاسين ته جيئرا آهيون يا مري ويا آهيون. پوءِ خوشيءَ مان رڙ ڪري هڪٻئي کي ڀاڪر وجهندي چيوسين ته ”اڙي اسين ته جيئرا آهيون.“ صبح جو اهو ماڻهو جيڪو اسان کي هتي ڇڏي ويو هو، سو موٽي آيو ۽ پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چيائين. اسين وري به ساڻس گڏجي ڀرڻين گهر ۾ وياسين. اتي تمام سٺي ماني کاڌي سين. هينئر ماني کائيندي اسان کي زهر وغيره جو ڪوبه ڏپ ڪونه ٿيو ڇو ته گهر ڌڻين به اسان سان گڏ ٻئي ماني کاڌي. ماني کائڻ کان پوءِ اسان سندن ٿورا مڃيا ۽ کانئن موڪلايو موڪلائڻ مهل مون کين چيو ته ”اوهان اسان تي وڏو وڙ ڪيو آهي. اسان جي مرضي آهي ته توهان کي توهان جي خرچ لاءِ ٻئي ڏوڪڙ ڏيون.“ منهنجي ڳالهه ٻڌي مائيءَ ڪجهه چوڻ چاهيو ٿي، پر سندس مڙس ڪيس ڇڙٻ ڏيئي چيو ته ”مسافرن کان مانيءَ جا پئسا وٺيا آهن ڇا؟ اوهانکي اها ڳالهه ڪرڻ سونهين ٿي؟“

اسين پوءِ ساڳئي گڏجي ريلوي اسٽيشن وياسين، جتي اچي نڪتي پئي، اتي هڪ ڊرائيور کي چيو ته ”هي منهن جا گهوٽائي آهن. هنن کي پاڻ سان وٺيو وڃ ۽ سندن گهڻو خيال رکجئين.“ اسان کي انجڻ واري گاڏي ۾ ويهاري، ويندي مهل ڊرائيور کي چيائين ته هنن کي ايڪسر شهر تائين وٺي وڃجئين!“ پوءِ اسان سان ٻاڪر پائي، موڪلائڻ وقت چيائين ته ”سنڀالي وڃجو، توهان کي ڏيکڏهن اتي ڪو به ڏنڊو نه ملي ته موٽي مون وٽ اچجو، آءٌ توهان کي ڪنهن نه ڪنهن ڪم سان لڳائي ڇڏيندس.

١٩٣٠ع ۾ انقلابي ليگ واري تحريڪ کي هڪ وڏو نقصان پهتو. اسان جي تحريڪ جو بهادر ڪارڪن، ”تران ڦو“ مري ويو. تران ڦو کي فرانس خلاف قومي جدوجهد ۾ خصي وٺڻ ڪري گرفتار ڪيو ويو هو ۽ جيل ۾ مٿس تمام گهڻا ظلم ڪيا ويا. هن کي چيچلائي چيچلائي ماريائون، ڪتيائون ۽ عذاب ڏنائون ته جيئن ڪين تحريڪ جا راز ٻڌائي. پر شاباس آهي ان بهادر ساٿيءَ کي جو لڳ لڳ واڪو وجي ويس پر ٻاڦ ٻاهر نه ڪڍيائين. سندس انهيءَ بهادريءَ ۽ دليريءَ ڪري فرانس حڪومت مٿس وڌيڪ ظلم ۽ عذاب ڪرڻ لڳي. آخر اهي عذاب سهي سهي مرندو مرندو ويو پر دشمن اڳيان آڻ نه مڃيائين. (٦ جنوري ١٩٣١ تي) مون کي به هانگ ڪانگ ۾ گرفتار ڪيو

ويو. فرينچ اخبارن اهي خبرون ڦهلايون ته ”هوچي من هانگ ڪانگ جي جيل ۾ مري ويو.“ اهڙيون ڳالهيون انهيءَ ڪري هلايون ويون جو آءٌ سخت بيمار هوس. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ٻين ملڪن جي اخبارن ۾ ساڳيون خبرون شايع ڪيون. روسي اخبارن ۾ به منهن جي ۽ اسان جي ساٿي ترانن جي مرڻ جي خبر ڇپي. اسان تي ڪيترا مضمون ۽ مڪالا لکيا ويا. اسان جي مرڻ تي نهايت گهري رنج ۽ ڏک جو اظهار ڪيو ويو. سوويت روس ۾ رهندڙ ويٽنامي شاگردن طرفان اسان جي مرڻ جي ڏک ۾ ”اسٽالن مشرقي يونيورسٽي“ ۾ ماتمي جلوس ڪڍيو ويو. جنهن ۾ ڪيترن ئي ملڪن جي نمائندن اسان کي سڀاڳ اڀيو. اسان جيڪا وطن جي آزادي لاءِ جدوجهد ڪئي هئي، تنهن تي به روشني وڌي ويئي. انهيءَ سان گڏ هنن ويٽنامي شاگردن کي اپيل ڪئي ته هو اسان وانگر پنهنجي وطن جي آزادي لاءِ هر ڪا قرباني ڪن.

انهيءَ وچ ۾ آءٌ ماسڪو پهچي ويس. اتي منهن جي پهچڻ جي خبر ڪنهن کي به ڪانه پيئي. منهن جي اچڻ جي خبر رڳو ماسڪو جي ”قومي حقن ۽ آزاديءَ جي جدوجهد جي مسئلن جي تحقيقاتي اداري“ کي هئي. ٿورن ڏينهن کان پوءِ اها خبر اتي رهندڙ ويٽناسن کي به پئجي ويئي. هو اها ڳالهه ٻڌي حيران ٿي ويا ته آءٌ مري وري ڪيئن جيئرو ٿيس! خير،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون دنيا جي ڪميونسٽ پارٽين جي بين الاقوامي جماعت جي مرڪزي آفيس جي ماڙ تي ويٽنامي شاگردن اڳيان تقرير ڪئي. (اڄ ڪلهه اها عمارت سپريم سوويت جي صدارتي مجلس جو مهمان خانو آهي) انهن شاگردن ويٽنام جي انقلابي هلچل جي باري ۾ مون کي نيون ۽ پراڻيون خبرون ٻڌايون ۽ جيڪي ٻهه مقليت ۽ ڪتابڙا هو پنهنجن هٿن سان لکي ويٽنام موڪليندا هئا، سي پڻ ڏيکاريائون. هي شاگرد مونکي پنهن جو وڏو ڪري ليکيندا هئا: هو انقلاب ۽ آزادي لاءِ هر قدم کڻڻ کان اڳ مون کان پڇندا هئا؛ آءٌ جيڪا به کين صلاح ڏيندو هوس، تنهن تي عمل ڪندا هئا. هاڻي مون لينن اسڪول ۾ داخلا ورتي. اهو اسڪول، ٻاهرين ملڪن جي ڪميونسٽ ڪارڪنن کي انقلابي تعليم ڏيڻ لاءِ کوليو ويو هو. انهي اسڪول ۾ ٻه شعبا هئا. هڪڙي شعبي ۾ ٽن سالن ۾ انقلابي ڪورس ختم ڪرايو ويندو هو ۽ ٻئي ۾ ڇهن مهينن ۾. مون ڇهن مهينن جي ڪورس واري شعبي ۾ داخلا ورتي. مون اسڪول ۾ پنهن جو نالو "لينوف" لکارايو- پر ويٽنامي شاگرد مون کي "منجهه" جي نالي سان سڏيندا هئا: ويٽنامي شاگرد ڇڙ منهن جا ماڻهن تي پيا هئا. آءٌ هاڻ روز شام جو وٽن ويندو هوس ۽ کين انقلابي جدوجهد جا نوان طريقا ٻڌائيندو هوس. ڪڏهن اهي ڇوڪرا ذاتي ڳالهين ۽

معاملن تان پاڻ ۾ وڙهي سڀني سچائي ويهي رهندا هئا. مون کي سنڌ انهيءَ روش جو ڏاڍو ڏک ٿيندو هو. آءُ کين سمجهائيندو هوس ته ”توهين انقلابي ٿي ڪري ذاتي ڳالهين ۾ اٽڪي پاڻ ۾ وڙهو ٿا“ اهو مناسب نه آهي. اوهان کي پنهنجو پاڻ وساري پاڻ ۾ ٻڌي ڪرڻ گهرجي؛ اوهان جيڪڏهن ذاتي جهيڙن ۾ قائل رهيا ته پوءِ انقلاب ۽ آزاديءَ لاءِ ڪم ڪير ڪندو ۽ ڪير قربانيون ڏيندو؟“ مون کين چيو ته ”هينئر جڏهن پاڻ پرديس ۾ روسي ڀائرن جي مهربانيءَ جا محتاج آهيون، تڏهن به پاڻ ۾ ٻڌيءَ سان رهڻ نه سکيون ته پوءِ پنهنجي ملڪ ۾ ڪيئن گڏجي ٻڌي ڪري دشمن سان لڙندا سين؟ اسان ۾ جيڪڏهن پاڻ ۾ وڙهڻ جي عادت پئجي ويئي ته پوءِ اسان انقلاب آندو سو آندو ۽ آزاديءَ جون نعمتون ماڻيون. سي مٽيون اسانکي گهرجي ته هر حالت ۾ پنهنجي ذاتي جهيڙن ۽ ذاتي خواهشن کي وساري، هڪ ٿي، قدم قدم سان ۽ ڪلها ڪلهن سان ملائي پهڙ جيان مضبوط بڻجي دشمن کي پنهنجي وطن مان لوڏي، پنهنجي قوم کي سامراجين ۽ سندن چاڙتن، غدار سرمائيدارن، جاگيردارن، زميندارن ۽ سردارن کان آجو ڪري، پنهن جي عوام کي سکيو ۽ آباد ڪريون ۽ هڪ نئون سوشلسٽ سماج قائم ڪريون، جو اسان جون قسمتون بدلائي ڇڏيون.“

لنڊن اسڪول جي پڙهائي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ آءٌ
انسٽيٽيوٽ ۾ رهڻ لڳس ۽ اتي شاگردن کي پارٽي
جي تنظيم ۽ تاريخ جو علم سيکارڻ شروع ڪرايم.

آءٌ هر هڪ کي پنهنجي ساٿين سان گڏجي ڪندو
هوس. سائن گڏجي گهمندو هوس، ۽ سندن هر هڪ
سرگرميءَ ۾ حصو وٺندو هوس. ڪيترن سياسي،
نظرياتي مضمونن جو ويٽنامي ٻوليءَ ۾ ترجمو پڻ ڪندو
هوس. اهي شاگرد ايترو پڙهيل نه هئا، ڇو ته هو
غريبن جا ٻار هئا ۽ کين ويٽنام جي اسڪولن ۾ تعليم
حاصل ڪرڻ جو موقعو نه مليو هو. اهي گهڻو ڪري
مهاڻن، هارين ۽ هيٺين طبقي وارن ماڻهن جو اولاد هئا
۽ هتي فرانس ۾ آيا هئا، تنهن ڪري آءٌ کين ننڍا
ننڍا مثال ڏيئي سمجهائيندو هوس ۽ انهن مثالن کي
آکاڻي واري نموني بيان ڪندو هوس. سندن ذهن ۾
انقلابي خيال ويهاريندو هوس ۽ کين متحد ٿي رهڻ
جا مثال ڏيئي سمجهائيندو هوس. چوندو هوس سان ”منهن
جا ساٿيو! اوهان جيڪڏهن هڪڙي هڪڙي ڪانيءَ
کي ڌار ڌار ڀڃندو ته هر ڪا جهٽ ڀڄي پوندي. پر
انهن ساڳين ڪانين کي ملائي ٻڌي ڪري پوءِ ڀڃڻ
جي ڪوشش ڪندا ته اوهان انهن کي سور ڀڃي
ڪو نه سگهندا. ساڳئي طرح توهان اڪيلا ۽ ڇڙوڇڙ
هوندا ته دشمن اوهان کي وڏيءَ سولائيءَ سان ختم
ڪري ڇڏيندو، پر جيڪڏهن ڪانين جي ٻڌيءَ وانگر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ ۾ ٻڌيءَ ۾ هوندا ته دشمن اوهان جي وار جو به نالو وٺي نه سگهندو، ٻڌيءَ ۾ وڏي طاقت آهي. انهيءَ ڪري عام چوڻي آهي ته ”گهڻن ڪنئي ڇپر ڪجهي وڃي“ اها چوڻي وڏيءَ حڪمت واري آهي.

آءٌ شاگردن کي مضمون لکڻ سيکاريندو هوس. آءٌ کين چوندو هوس ته ”غلط يا صحيح، هر حالت ۾ لکڻ جي ڪوشش ضرور ڪندا ڪريو!“ منجهانئن جيڪڏهن ڪو غلط ترجمو ڪندو هو يا غلط خيال پيش ڪندو هو ته آءٌ انهيءَ کي درست ڪندو هوس ۽ پوءِ کين ٻڌائيندو هوس ته هن مضمون ۾ هي خا ميون هيون. کين انهيءَ ڳالهه ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏياريندو هوس ته ”لکڻ، توڙي ڳالهائڻ ۾ اهڙي ٻولي ڪم آڻيو جو اڻ پڙهيل ماڻهو به آسانيءَ سان سمجهي سگهي.“ منجهانئن ڪي شاگرد اهڙا مضمون لکندا هئا، جن جي پڙهڻ مان ڪوبه مطلب نه نڪرندو هو. اهي مضمون آءٌ پاڻ وري لکندو هوس. پوءِ سڀني مضمونن ۽ مون وارا لکيل مضمون کين ڏيندو هوس، ته جيئن ٻنهي کي پڙهي فرق محسوس ڪن ۽ آئيندي ساڳيون غلطيون نه ڪن.

انهيءَ کان سواءِ آءٌ انگريزي توڙي چيني زبان جي اخبارن ۾ ڇپيل انهن مضمونن جو ترجمو ڪندو هوس، جن ۾ دنيا جي ملڪن جي عوام جي غلاميءَ، ڦرلٽ ۽ ظلمن خلاف جدوجهد جو احوال هوندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ترجمي کي ڇڏهن. انقلابي اسڪول جا شاگرد پڙهندا هئا، تڏهن سندن دلين ۾ انقلابي جذبو اڳي کان وڌيڪ طاقتور بڻجي ويندو هو.

آءٌ سچي حياتي وقت جو پابند رهيس، ۽ هڪ پل به ڪڏهن اجايو نه وڃايم. مون هر ڪم لاءِ الڳ الڳ وقت مقرر ڪري ڇڏيو. آءٌ جڏهن روس ۾ هوس، تڏهن به پنهنجن مقرر ڪيل وقتن تي عمل ڪندو رهندو هوس. دوستن سان ملندو به روز هوس، پر وقت تي ويندو هوس ۽ وقت پوري ٿيڻ تي اٿي ايندو هوس. اجاين ڳالهين ۾ وقت وڃائڻ مونکي اصل ڪونه وڻندو هو. تنهنڪري هر هڪ ماڻهوءَ کي پنهن جي قيمتي وقت جو قدر ڪرڻ سيکاريندو هوس ۽ کين سمجهائيندو هوس ته بيڪار ڳالهين ۾ وڃايل وقت وري موٽي نه ايندو، تنهنڪري وقت جو صحيح قدر ڪرڻ گهرجي.

مون کي انقلابي اسڪول ۾ آئي اڃا ٿورا ڏينهن ئي ڪين گذريا ته مون ڪوشش ڪري انقلابي نظريي ۽ تاريخ جي تحقيقاتي ڪاليج جي پهرئين سال ۾ داخلا ورتي. هاڻي آءٌ انسٽيٽيوٽ جي هاسٽل جي هڪ ننڍي ڪمري ۾ رهندو هوس. اهو ڪمرو منهن جي ڪم جو مرڪز هوندو هو.

آءٌ جڏهن روس ۾ هوس، تڏهن منهنجي صحت ڏاڍي خراب ٿي ويئي. لاڳيتي محنت ۽ پورهئي ڪرڻ

ڪري آءٌ ڏيرو تـــي ويو هـوس. آءٌ اڳيئي ڪمزور هوس ۽ ويتر جو گهڻو ڪم ڪيم سو مور گهوٽي وڃي هڏن جو پڃرو بچيس. منهن جو اهو حال ڏسي دنيا جي ڪميونسٽ پارٽين جي بين الاقوامي مرڪزن وارن مون کي ڪاري سمنڊ جي ڪناري تي روس جي مشهور تفريح گاهه ۽ صحتمند آبهوا واري شهر ”سوچي“ ڏانهن موڪليو. آءٌ اوڏهين ويس ته سهي، پر ٻن ڏينهن کانپوءِ واپس موٽي آيس، جو اتي منهنجي دل اصل ڪانه لڳي. مون کي رات ڏينهن جهوري لڳل هوندي هئي ته ”اسين ويٺا آهيون هتي، پر اسان جو گڏيل عوام، سورن جي ڄارن ۾ ڦاٿل، ظالم ڏاڍن حڪومت جي ڇڙن هيٺ سڏڪي رهيو آهي.“ منهنجي ديس ۽ ان جي غلاميءَ ۽ مظلوميت مون لاءِ ويهڻ وهڻ ڪري ڇڏيو ۽ آخر مون پنهنجو سک ۽ آرام حرام ڪري ڇڏيو. آءٌ ماسڪو موٽي آيس ۽ وري اچي ساڳئي ڪم کي لڳس. مون کي ڪيترا ڀيرا ڪانگهاري ۾ تمام گهڻو رت آيو. پر تڏهن به آءٌ ڪم کي لڳو پيو هوندو هوس. مون ڪڏهن به بيماريءَ جو خيال ڪري ڪم ڪان ڪونه گهٻرايو. مزي جي ڳالهه وري هيءَ ٿي جو ڪم جي اڳاتار هلندي به آءٌ آهستي آهستي پاڻيهي چڱو ڀلو ٿي ويس.

آءٌ ڪجهه وقت سوويت روس ۾ رهيس، اتي جي سيءَ کان رب پناهه ڏئي. هر شيءِ برف وانگر ڄمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندي هئي. پر مون ڪڏهن به سيءَ جي پرواه ڪانه ڪئي: مون لاءِ پنهنجا اصول هر لحاظ ڪان نهايت ڪمائتا ثابت ٿيا. پاڻ اٿين چوڻ وڌيڪ. صحيح ٿيندو ته منهنجن اصولن ئي مون کي ڀيهر زندگي بخشي.

سال ٣٧-١٩٣٨ جو زمانو ڪيترين ئي ڳالهين جي خيال کان سخت مصيبت وارو دور هو. هڪڙي پاسي چيانگ ڪائي شيڪ جي چيني سرڪار ڪميونسٽ انقلابين جي جاني ويري هئي ته ٻئي پاسي آمريڪي، فرينچ ۽ جپاني جاسوس اسان جي پٺيان هٿ ڌوئي پيا هئا. مٿان وري اسين هڪ. نئين مصيبت ۾ ڦاسي پياسين ويٽنام جي سرمائيدار، جاگيردار ۽ وچولي طبقي جا قوم پرست ڪارڪن، جن ١٩٢٧ کان وٺي ١٩٣٠ تائين، ويٽنام جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪئي هئي، سي به هاڻ اسان ڪميونسٽ انقلابي وطن دوستن جا جاني دشمن ٿي پيا هئا. هنن کي ڪنهن جي لاءِ ٿورو به شڪ ٿي پيو ته هي ڪميونسٽ انقلابي وطن‌دوست آهي ته انِ کي ختم ڪري ٿي ڇڏيائون يا ڳجهي نموني مارائي ٿي ڇڏيائون. ايڏين تڪليفن ۽ خطرن هوندي به اسان جا ڪارڪن پنهنجي مقصد تان ذرو به ڪونه هٽيا. هو اڳي کان به وڌيڪ مضبوط ارادي ۽ بلند حوصلي سان ڪم کي لڳا رهيا. اڄ تز ڏينهن ويٽنام ۾ هوس ۽ جدا جدا تنظيمون قائم ڪرڻ ۾ رڌل هوس. انهن ئي ڏينهن ۾ مون کي چين تان وڃڻو پيو.

www.sindhsalamat.com · books.sindhsalamat.com

اتي اسان جي انقلابي ليگ جو اڳواڻ هونگ هو، جنهنجو حجامت جو دڪان هو. ان دڪان جي وسيلي انقلابي تحريڪ جا لڪ لاڳاپا پيا وڌندا هئا. اهو ڇي ٿان جو ڳوٺ چين ۽ ويٽنام ڳنڍيندڙ ريلوي لائين جي هڪڙي ننڍڙي اسٽيشن هئي. هونگ فونگ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي انقلابي قومي ڪم ڪندو هو. مون سان گڏ ڦونگ چي ڪيئن هو، جو هن چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر هو (اهو جولاءِ ۱۹۴۱ ۾ دشمن سان مقابلو ڪندي شهيد ٿي ويو). اسين ٻيئي وڃي دڪان تي پهتاسين ۽ اندر جهاتي پائي ڏٺوسين. ڦونگ چي، هونگ کي سڃاڻندو هو. سو اسان کي ڏسي ڊوڙي آيو. منهنجي ملاقات سائس اڳي ٿيل ڪونه هئي پر منهنجي اچڻ جي خبر کيس پهچي ويئي هئي. تنهنڪري منهنجو تالو وٺي وڏي جوش سان ڀاڪر پائي مليو. پوءِ اسين سڀيئي دڪان ۾ وڃي ويٺاسين ۽ سائس ڳالهيون ڪرڻ لڳاسين. دڪان جي مٿان هڪڙو ڪمرو هو جنهن ۾ هونگ، سندس زال ۽ پٽ هائي رهندا هئا. ننڍڙو هائي جلدي منهنجو دوست ٿي ويو. ڪمري ۾ مون تنظيم بابت سندس ڳالهيون ٻڌيون. هن اسان جي اڳيان سڄي صورتحال جو نقشو ڪڍي ڏيکاريو. مون پڇيس ”هتي ٻي به ڪا وارن جي سيلون آهي ڇا؟“ هن چيو ”ها آهي. ٻه دڪان مٿين طبقي جي ماڻهن جا آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي پڻ منهنجي دڪان ڪان سٺا آهن. اتي سرڪاري ملازم ۽ وڏا ماڻهو ويندا آهن، هتي منهنجي دڪان تي ڪارڪن ۽ مزور ايندا آهن." پوءِ مون ڪانئس ڳاڌين جي باري ۾ پڇيو. ايتري ۾ ڪئين هڪڙو پروگرام ٺاهي ورتو. هن جيو "پهرين مزورن سان ملاقات ڪرڻ گهرجي، جيئن اسان کي صحيح خبر پئجي سگهي. تنهن کان پوءِ پارٽيءَ جي پروسي جهڙن ڪارڪنن لاءِ هڪ ٽڪيا ۽ تربيت جي ڪورس جو بندوبست ڪرڻ گهرجي."

پوءِ هونگ ڦونگ مزورن کي گڏ ڪيو. ڪئين انهن کان سندن ڪٽنب جا حال احوال، زندگي گذارڻ ۽ فرينچن جي ساڻن هلت بابت پڇيو ۽ ساڻن رلي ملي گڏ تي ڳالهيون ڪيون. انهيءَ ملاقات کان پوءِ اهڙيون ڪيتريون ئي ملاقاتون ٿيون. هڪڙي ڏينهن هونگ ڦونگ مزورن کان پڇيو ته "توهان تي انهن ملاقاتن (يعني اسان) جو ڪهڙو اثر پيو؟" مزورن چيو "پوڙهي ڪئين سچائي ۽ پنهجائپ سان ڳالهيون ٻولهيون ڪيون آهن. هي ڏاڍو عقلمند ۽ ذهين ماڻهو ٿو ڏسجي. سندس ڳالهيون تير وانگر اسان جي اندر ۾ گهڙيو وڃن!"

هونگ فونگ جي ڪمري ۾ ايتريون ڪرسيون ۽ ڪٿون ڪونه هيون. جنهن تي مزور ويهي سگهن. تنهن ڪري ڪيترا پيرن ڀر ويٺا هئا. تنهنڪري مون به ڪرسيءَ تي ويهڻ مناسب نه سمجهيو ۽ اتي ويٺس. مون کي گهٽو ئي چيائون ته "توهان ڪرسيءَ تي ويهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهو!“ پر مون انڪار ڪيو ۽ چيو ته ”هيترا ماڻهو بيٺا آهن ۽ آءٌ ويهي رهان؟“ ڪيترين ڳالهين پڇڻ کان پوءِ پارٽيءَ جي ڪارڪنن لاءِ هڪ تربيتي ڪورس جي شروعات ڪئي سون. جنهن ۾ ٽي چار شامل ٿيا. هڪڙو هونگ ڦرنگ ۽ ٻيا ٻه ساٿي. انهن کي اسان مارڪسزم ليننزم جا اصول ۽ فائدا سيکاريا ۽ مٿين طبقي جي غير انقلابي قوم پرستي ۽ عوام جي انقلابي وطن دوستيءَ جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي سو ٻڌايو. تنهن کان سواءِ پارٽيءَ جي ڪم ۽ طريقي جي باري ۾ به ٻڌايو. آءٌ هميشه لفظ سادا ۽ آڪاڻي وانگر سندن دماغ ۾ ويهاريندو هوس. منهنجي اها عادت هوندي آهي ته جڏهن آءٌ ڪا تقرير ڪري بس ڪندو آهيان، تڏهن ٻڌندڙن کان وري پڇندو آهيان ته ”اوهان ڇا سمجهيو؟“ تنهن کان پوءِ ئي آءٌ ڪهن ٻيءَ تقرير بابت سوچيندو آهيان. هنن کان به مون پڇيو ته ”توهان جي ذهن ۾ منهنجي ڳالهه ٻڌي ڪهڙا ڪهڙا خيال آيا آهن؟“ اهڙي نموني ڪين سڀ ڪجهه ياد ٿي ويندو هو.

جيتوڻيڪ اسين ٿنڌي سوڙهي ڪمري ۾ تڪيل هئاسين پر تڏهن به منهنجي روزمره جي ڪم ۾ ڪو به رخنو نه پيو. آءٌ صبح جو اسر ڏيئي اٿي ڪثرت ڪندو هوس. تنهن کانپوءِ ڪمري مان نڪري گهمڻ ويندو هوس. جڏهن هونگ ڦونگ دڪان تي ڪم پيو

ڪندو هو ته آءٌ وري سندس زال جو هٿ وٺڻ ويندو هوس. آءٌ پٽ رڙيندو هوس ۽ ڪئين ڀاڄي وٺي ايندو هو. هونگ جي زال اسان جي ڪم مان تمام گهڻي خوش ٿيندي هئي. هڪڙي ڏينهن هونگ جي زال چانور وٺي آئي ۽ اچي هيٺ دروازي تي رکيائين ڇو جو ڳوڻ ڳري هئي، کڻي نٿي سگهي. هن ڪاوڙ مان هونگ کي سڏ ڪيو. هونگ کي به ڪاوڙ اچي ويئي سو چاڪڙين سان مارڻ لڳس. هوءَ ويچاري اجهان ڪجهه چوي ٿي چوي ته آءٌ وچي مٿان پهتس. تائيءَ کي جهليم ۽ ڪئين کي چيم ”چانور مٿي کڻي وڃ“ مون تائيءَ کي اهو سمجهايو ته ”اهو ڪم ته پنهنجو اٿي. چانور مٿي نه پهچائيندا سين ته کائيندا سين ڇا؟“ تنهن تي هونگ پنهنجي اجائي هلت تان زال کان معافي ورتي ۽ جوٽس ته روئڻ ۽ منهن سڄائڻ کانسواءِ ڪيس معاف ڪري ڇڏيو. وري ٻئي کلڻ ڳالهائڻ کي لڳي ويا.

رات جو جڏهن سڀ سمهي رهيا ته سون هونگ کي ڏاڍي جٺ ڪئي، مون چيو مانس ”مون نٿي سمجهيو ته هڪڙو پارٽيءَ جو ميمبر اهڙي بيوقوفي ڪري سگهي ٿو؟ هڪڙي زائفان کي ائين مارڻ ڪيتري نه افسوس جهڙي ڳالهه آهي. آءٌ ته سوچي نٿو سگهان. اهڙي جي ڪاوڙ ڪيئي ته پوءِ پارٽيءَ جي رارن جو الله واهي! تون جيڪڏهن پنهن جي عادتن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ روڪيو نہ پوءِ تنهنجون اهي عادتون تو لاءِ ۽ پارٽيءَ لاءِ نقصانڪار ٿينديون!“

مون هونگ جي نڙاڙ تي شرمساريءَ جا موتي چمڪندا ڏٺا۔ هن واعدو ڪيو تہ ”آئينديءَ ائين نہ ڪندس۔ رڳو اها عادت پاڻ مان نہ ڪيندس پر ڪوشش ڪري اڄان بہ پيون جيڪي بريون عادتون مون ۾ آهن سي آهستي آهستي-پاڻ مان ڪيندس.“

آءٌ هونگ ڦونگ جي نَنڍي پٽ هائي جو ڏاڍو خيال ڪندو هوس. کيس وهنجاريندو هوس. رات جو سندس ڪپڙا بدلائيندو هوس ۽ کيس گرم رکڻ جو بندوبست پڻ ڪندو هوس، متان سيءُ لڳڻ ڪري بيمار ٿي پوي.

آءٌ گهڻو ڪري پنهنجن دوستن سان ٽلاءَ تي وهنجڻ ويندو هوس. هائي مونکي چيني ۽ فرينچ ٻولي تمام سٺي ايندي هئي. پر آءٌ تڏهن بہ پنهنجي مادري ٻولي ڳالهائيندو هوس. منهنجي وات مان ٻئلجي ٻہ ڪڏهن چيني يا فرينچ ٻولي جو اکر بہ نہ نڪتو. انهيءَ جو سبب اهو هو تہ مونکي تجربي جي مقصدن لاءِ جدا جدا نوعيت جو ڪم ڪرڻو هو.هونگ پنهنجي واقفڪار ماڻهن کي چئي ڇڏيو هو تہ آءٌ سندس پيءُ آهيان ۽ وٽس رهڻ آيو آهيان. هائي جيڪڏهن آءٌ ٻلجي ڪڏهن ڪنهن ٻي ٻولي جو اکر وات مان ڪيان ها تہ ڦاسي پوان ها ۽ مون تي شڪ ڪجن ها ۽ ان ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوين ڳالهيون نين ها.

سون کي نندي هوندي کان صاف سٿري رهڻ جي عادت هئي. ڇو ته صفائي هڪ لازمي ۽ ضروري شيءِ آهي. جيڪو ماڻهو صفائي نٿو رکي ۽ جنهن جي طبيعت ۾ صفائي سٿرائي ناهي، تنهن مان ڪنهن به سٺي ڪم جي اميد رکڻ اجائي آهي. اهو ماڻهو هرڪو ڪم بي ترتيبو ۽ اڻڀو ڪندو. هونگ هميشه وارن ڪٽڻ مهل ميرو ٽوال ڪم آڻيندو هو. انهيءَ مان هڪ ته گراهڪن کي ڪراهت پيئي ايندي هئي. ٻيو ته ڪم ڪرائڻ واري کي به ايڙڪا پيا ايندا هئا تنهنڪري سون هونگ کي ميري ٽوال تان روڪيو ۽ کيس هدايت ڪيئي ته ٽوال کي هر روز ڌوئي استعمال ڪندو ڪري. هونگ منهنجي هدايت تي عمل ڪيو ۽ روز ٽوال ڌوئي صاف ڪندو هو ۽ دڪان به صاف سٿرو رکندو هو.

انهيءَ ڳوٺ ۾ هڪڙو وڏو ظالم پوليس جمعدار رهندو هو. هو پنهنجي نندڍيءَ نوڪرياڻيءَ کي جنهنجي عمر تيرهن سال کن مس هوندي، تنهن کي ڏاڍو ماريندو هو. هن معصوم کان جيڪڏهن ڪا ٿورڙي خطا ٿي ويندي هئي ته کيس ماري اڌ مئو ڪري ڇڏيندو هو. روز روز جي ظلمن ڇوڪريءَ کي هڪ ڏينهن نيٺ ڀڄڻ تي مجبور ڪيو ۽ هن ڀڄي اچي هونگ جي گهر پناهه ورتي. سيني کي ڇوڪريءَ جي ڀڏايل داستان ۽ مٿس ٿيندڙ ظلمن ڪري سخت ڪاوڙ آئي ۽ فيصلو

ڪيائون تہ هن جي مالڪ کي ضرر مزو چکائجي، مون
چوڪريءَ کان سندس مائٽن جي باري ۾ پڇيو. هن
ٻڌايو تہ "انهن کي سڀئي گهڻا سال ٿي ويا آهن. مائٽن
جي مرڻ کانپوءِ چاچي مون کي انهيءَ ظالم ۽ ڦهري
جمعدار وٽ وڪڻي ڇڏيو." منهن جي ساٿين کي ويتر
وڌيڪ ڪاوڙ اچي ويئي. هو چوڻ لڳا تہ انهيءَ جمعدار
سان ضرور سلهہ ڪبي. پر منهنجي خيال ۾ اها ڳالهہ
اجائي، بيڪار ۽ وقت جو وڃاڻ هئي. مون چيو "هن
جمعدار کي موچڙا هڻڻ سان چوڪريءَ جي ڏکن جا
زخم ٺورئي ڇٽندا. انهيءَ لاءِ اسان کي هڪ وڏي انقلابي
جدوجهد ڪرڻ گهرجي. منهنجا ساٿيو! انهيءَ لاءِ تہ
اسان انقلاب آڻڻ ٿا گهرون. جيستائين انقلابي قوتون
ڪامياب نہ ٿيون آهن. تيستائين اهڙا ظلم ڪڏهن بہ
ختم نہ ٿيندا، تنهن ڪري انهن هڙن ڏي مرڻن جي
خاتمي لاءِ پاڻ وڌيڪ تيزي، جوش ۽ جذبي سان انقلاب
آڻڻ جون ڪوششون ڪريو ۽ ان جمعدار جي دل ۾
بہ انقلابي ڳالهيون وجهو تہ جيئن ظلم جا سبب ڇٽيءَ
طرح سندس سامهون اچن. آءٌ يقين سان چوان ٿو تہ
هي جمعدار جيڪڏهن اسان جي انقلابي تعليم واري
درياءَ مان هڪ ڏيک بہ پيئندو تہ مرندي مري ويندو
پر ڪڏهن بہ ڪنهن انسان تي ظلم نہ ڪندو. پاڻ
پوءِ هيءَ اسان وانگر ظلم خلاف جدوجهد ڪندو
تنهنڪري بيماريءَ جي بنياد جو لڳاتار ڏکهي عرصي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين علاج ڪريو. تورڙي وقت لاءِ نه، ڇو جو عارضي علاج سان ڦٽ اهڙي جو اهڙو رهجي ويندو.

آءٌ مهينو کن اتي رهيس. انهيءَ وچ ۾ چڱو موچارو تنظيمي ڪم ٿي ويو هو. وڃڻ وقت مون هونگ کي چيو "منهن جا ساٿي! آءٌ توهان مهينو کن گڏ رهيو آهيان. انهيءَ عرصي ۾ تو مون ۾ ڪي اجايون عادتون ڏٺيون هجن، ته مون کي ٻڌاءِ ته آءٌ اهي اجايون ۽ ڪنيون عادتون پاڻ مان ڪيئن ڪڍان؟" انهيءَ ڳالهه ٻڌڻ سان هن جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو ۽ چوڻ لڳو "هي توهان ڪهڙيون ڳالهيون پيا ڪريو؟ توهان جي اچڻ سان منهنجي حياتيءَ ۾ ڦيرو اچي ويو آهي. مون کي ته اوهين ڏاڍا ياد ايندا ۽ آءٌ سدائين اداس رهندس. مون کي گهٽ ۾ گهٽ ان جو علاج ته ٻڌائي وڃو؟" مون چيو "منهنجي يادگيري دل مان ڪڍي ڇڏ، فقط مقصد ۽ منزل ڏانهن نظر ڪري اڳيان وڌندو وڃ! پنهنجي دل تي رکو قومي آزادي، انقلاب ۽ سوشلزم جو خيال چٽائيل رک."

ان کانپوءِ مون ڪائنس موڪلايو ۽ روانو ٿي ويس. جڏهن آءٌ سائس ٻاڪر پائي موڪلائي رهيو هوس ته ان ٻهلي هونگ جي اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا. سندس زال ۽ پٽ به پنهنجي جذبي کي لڪائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نه سکيا هئا. سندن اکيون لڙڪن سان پريل هيون. انهي حالت مون تي تمام گهڻو اثر ڪيو. پر مون پنهنجو پاڻ کي جلدي سنڀالي ورتو ۽ کين سمجهائڻ لڳس ته "ڪن خاص شخص انقلابي ماڻهن جي پوڄا ڪرڻ بدران، سندن اعليٰ انقلابي اصولن کي هميشه سان هنڊائبو. جيڪڏهن ڪو انسان وڏو ۽ عظيم بڻجي ٿو، ته آهو اصولن ۽ عمل جي ڪري ٿئي ٿو. انهي ڪري انهي ماڻهو کان اهي اصول ۽ عمل اعليٰ ۽ مقدس آهن، جيڪي ان ماڻهو جي عظمت وڌائين ٿا. ڪنهن هڪڙي خاص شخص ماڻهو سان پيار ڪرڻ بدران پاڻ کي انهن مقصدن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو، جيڪي اسان کي زندگي جي سمجهه، ڄاڻ ۽ انسانيت جو مقصد سيکارين."

تنهن کان پوءِ آءٌ ڪئمپ ۾ هونگ ۽ سندس گهر کان آهستي آهستي پري ٿيندا ويا. آءٌ اتر چين ۽ ويتنام جا مختلف علائقا گهمندو رهيس. منهنجي ذهن ۾ تن ڏينهن رڳو اها هڪڙي ڳالهه ويٺل هئي ته "ڪهڙي نموني اسان جي پارٽي "انقلابي ليگ" مضبوط کان وڌيڪ مضبوط بنيادن تي بيهي، ۽ اسان جا ڪارڪن تحريڪ جي مقصدن کان پوري طرح خبردار ٿين. ڪيئن کين مارڪسزم ۽ لينن جي انقلابي سائنس ۽ علم اچي اهڙي ۽ چڱي ريت سان حاصل ٿئي، جو هو اسان جي خاص ماحول ۽ مزاج

کي نظر ۾ رکندي اهڙي جدوجهد لاءِ ڪمر ڪشين جنهن جو قتل آزاديءَ جي چمڪندڙ سج جيان هجي! جپان ۽ چين جي وچ ۾ جنگ پئي هلي؛ تنهن ڪري آسان جا تقريباً سيپتي چونڊ ساٿي ڪنگ ۾ گڏ ٿي ويا هئا. ڪنگ تن ڏينهن ۾ تمام وڏين سرگرمين جو مرڪز هو. ڪنگ جي مقامي ڪارڪنن ۾ دوانه جو ٿالو برڪ هو. ڪيش عام طرح ترنهه ڙوتنگ ٿالئي جي ٿالي سان سڏيو ويندو هو. هو ڪنهن ڪمپنيءَ ۾ ڊرائيور هو. هو پنهنجي ڪمائي تون ڪارڪنن تي خرچ ڪندو هو. انهي سان گڏو گڏ ڪمپنيءَ جي آفيس ڪارڪنن جي ملاقات جو مرڪز هئي. جڏهن آءٌ ڪنگ وڃڻ وارو هوس، ته مون کي انهيءَ آفيس ۾ ترهن جو ڏس ڏنو ويو. هن منهنجي تمام گهڻي خدمت ڪئي. اها فيبروري ١٩٤٠ جي ڳالهه آهي. مون ترنهه سان ملي ڪنگ ۾ تحريڪ جي باري خيال ۽ احوال معلوم ڪيو. ترنهه مون کي ٻڌائيو ته ڪتي پارٽيءَ جا ٻه مرڪز آهن. هڪڙو لڪل ٻيو ظاهر. ظاهر مرڪز ته هي دڪان آهي، پر لڪل مرڪز ٻيو آهي، جنهن جي خبر رکڻ ڪارڪنن کي آهي، هن ٻڌايو ته انهي لڪل مرڪز تي وڃڻ کان پوءِ توهان کي سچي حالت کان واقف ڪيو ويندو. سندس اها ڳالهه بلڪل جائز هئي. تنهنڪري مون مان ڪئي.

آءُ ترنهه سان گڏجي لکل مرڪز تي ويس جنهن
ڦونگ چي ڪئين ساٿي تحريڪ جي ٻين ڪارڪنن
سان هونگ ڦان هونگ، پروفيسر نگوين ۽ گياپ
(جيڪو پوءِ گوريلا جنگ جو مشهور ماهر ۽
سپهه سالار، فاتح ڊين ڦو ۽ اتر ويٽنام جو وزير دفاع
ٿيو) جا نالا قابل ذڪر آهن. اهي ٻئي مرڪز کان
ٿورو پريرو رهندا هئا. هونگ وانگ درزيءَ جي دڪان
تي درزڪو ڪم پيو سگهندو هو. هو جيڪو ٿورو
گهڻو ڪمائيندو هو سو ڪئين گياپ ۽ پاڻ تي
خرچ ڪندو هو. مون جڏهن ترنهه کان هونگ ۽
گياپ جي جاءِ جو ڏس پڇيو ته هن چيو "فڪر نه
ڪر، هو لکل هنڌ تي رهن ٿا. جڏهن اسان کي
سندن ضرورت پوندي آهي تڏهن ڪين هتي سڏائيندا
آهيون."

انهيءَ کان پوءِ مون کي چيائين جي ڪجهه احوال
ڏنائين ته ڪيئن پارٽي جي خيالن ۽ نظرين کي عوام
۾ ڦهلايو پيو وڃي. مون کي خبر پيئي ته مڪنگ
۾ ليٿو پريس مان ڇپجي ڪئين اخبارون نڪرن ٿيون.
پارٽي هتان هڪ اخبار ڪڍندي هئي، جنهن جو نالو
"ٿينگ" يعني "اسان جي پارٽي" آهي. سندس مختصر
ذڪر ڏيڻ تي آهي. مون بس انهيءَ اخبار لاءِ ڪيترائي
مضمون لکيا ۽ پيغام ڪارڪنن کي ڏنا، نصيحت ڪيم
... عام ماڻهن جي سمجهه جهڙا مضمون لکوم ترنهه

ويچارو ايترو گھڻو پڙهيل ڪونه هو، پر هو عمل جي ميدان ۾ مڃيل مڙس هو. هو پاڻ کي رکو اهڙو ڪارڪن سمجهندو هو، جنهن جو پڙهڻ سان ڪو واسطو نه هو. سندس واسطو هو هاڻي ڪمان جي حڪم مڃڻ سان. اهڙا ڪارڪن هاڻي به ڪمان جي اشاري مٿان پنهنجي حياتي به قربان ڪري ڇڏيندا آهن. هاڻي ڪمان جي اهميت ۽ فائدن کان ڪنهن کي مجال ناهي جو انڪار ڪري. اهڙا ڪارڪن جماعت جي ملڪيت ۽ پونجي هوندا آهن. پر آءٌ چاهيندو آهيان ته هر هڪ ڪارڪن کي ضروري ڳالهين جي سمجهه ۽ ڄاڻ ضرور هجڻ گهرجي. جيتوڻيڪ ترنهه معيار وڪان هيٺ نه هو، پر مون ڪيس پڙهڻ جو شوق ڏيارڻ لاءِ مون هين ڪارڪنن کي چيو ته هو مضمون لکي ترنهه کي پڙهائين. جڏهن ترنهه کي اهي مضمون سمجهه ۾ اچن ته پوءِ انهن مضمونن کي شايع ڪن. انهي ۾ منهنجو مطلب هي هو ته گهٽ پڙهيل عام ماڻهو به اهي مضمون سمجهن. [illegible]

[illegible] ڪڏهن ڏينهن مون اخبار وارن کي هڪ نظم ڏني ۽ چرچو ڪندي چيم ته "هي نظم ترنهه ڏوڪ جي زال جي چيل آهي" انهي ڳالهه تي سڀني کلڻ لڳا. اسان جي ڪارڪنن کي نظم وڻي. انهي نظم جا ڪجهه شعر اڃان تائين منهنجي دماغ ۾ قيرا پيا ڏين. آ... ڇا ساليا سال گذري ويا پر مون کي تون ڏاڍو ياد

[illegible] اچين [illegible]
[illegible] ”پيو“ ته تون پياري ملڪ ۾ زندگي پيو گذارين،
”سنڌ جا“ نديا نيڪتويل وارا جي لهن تائين اچي
[illegible] ويا آهن،
”تنهنجي“ ياد ۾ پيارين گهوڙن منهنجي اکين سامان
[illegible] اڃا ڪو نه نڪيا آهن،
”پنهن جي ملڪ“ ۾ گهر ڪي پيندڙ ظلمن جو انتقام
[illegible] ضرور وٺج،
”آءُ“ پاڻ هي گهر جي سنڀال ڪندي [illegible]
”جڏهن“ سيني دشمنن جو ڪارو منهن آتي ملوڪي [illegible]
[illegible] انهن کي ملڪ مان لوڏي ڪيدو،
”تڏهن“ اسين پنهنجي گهر ۾ مزي سان رهندا سين،
”خوب“ عيش ڪندا سين خوشين جا را ڳ ڳائيندا سين.“
[illegible] توهان سمجهي ويا هوندا ته مون هن نظم ۾ ترڪن
جي زوال جو نالو جو ور ترو اصل ۾ هن نظم ۾ مون
ويتنام جي رهاڪن هڪ اهڙي عورت جي احساسن جو آئينو
پيش ڪيو آهي، جنهن جو مڙس آزادي جو مجاهد
آهي [illegible] پنهن جي مڙس جي ملڪ ۾ وڙهڻ
[illegible] پنهنجي مڙس کي ياد ڪري ٿي [illegible]
[illegible] ”ڊي ٽي“ اخبارن جا فائيل گڏ ڪري پڙهي رهيا
[illegible] پيش شاخن جي مرڪزن کي موڪليندا هئاسين.
[illegible] منهنجي شاگردن ۾ پيو پڙهي ڪجهه پنهنجي پيا ته
[illegible] ڪرڻي ٽائيپ ڪرڻ جي مشين ضرور هوندي آهي.

جنھن جي مدد سان آءٌ مضمون لکندو آھيان ۽ اهي اخبارن لاءِ ڏيندو آھيان. ھتي رھڻ واري عرصي ۾ ته آءٌ ٽائيپ مشين جي مدد سان مضمون لکندو ھوس. جيڪڏھن مون کي ويجهو يا پري وڃڻو ھوندو ھو، ته مان به آءٌ ٽائيپ مشين پاڻ سان کڻي ويندو ھوس. اهڙي طرح منھن جي لکڻ جي رفتار ۾ ڪو به فرق نه پوندو ھو. آءٌ مضمون پنھنجي نالي تي ڪو نه ڇپائيندو ھوس. اهي جدا جدا فرضي نالن ۾ ڇپيا ھئا ڇو ته ماڻھو انھن مضمونن مان اندازو لڳائيندا ھئا ته ھي ھڪڙي ساڳئي ماڻھوءَ جي لکيل آھي ۽ عام ماڻھن تي اهو تاثر رھو ته "اهڙين لکڻين وارو ماڻھو ڪو جهونو ڪامريڊ آھي. جيڪو سمنڊ پار ڪنھن پري ملڪ ۾ رھي پيو." ڪانھيءَ وچ ۾ حالتون تمام تيزيءَ سان بدلجڻ پئي. ھاڻ مون سوچيو ته اسان کي ويٽنام وچ پنھن جي وجود کي ثابت ڪرڻ گھرجي. مون جدا جدا ڪارڪنن جو ھڪ ميڙ سڏايو. جنھن ۾ فيصلو ڪيو ويو ته ھاڻ اسان کي پنھنجي جيجل وطن ڏانھن وڃڻ کپي. ڪجهه ڪامريڊ انھيءَ قدم کڻڻ جي فائدي ۾ نه ھئا. ھنن چيو "اسان کي پھرين ھٿيار ۽ بارود جو چڱو موچارو بندوبست ڪرڻ کپي." انھيءَ ڳالھ تي مون وڏي زور سان ٽھڪ ڏنو "اڙي ادا پھرين گھر پھچون، پوءِ سڀ ڪجھ پاڻھي ٺيڪ ٺاڪ ٿي ويندو."

اپريل ۾ آرونگ بوئي ڪانگ جيڪو چيانگ ڪائي شيڪ جي فوج جو وڏو آفيسر ٿي رھيو ھو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن کان پوءِ ويٽناميني جي فوج تيار ڪري ورتي.
سائنس کيترا اهڙا ساٿي به شريڪ ٿيا، جن چيانگ جي
فوج ۾ اڳيئي ڪم ڪيو هو. جن به ماڻهن فرينچ
سامراج خلاف جدوجهد ڪرڻ جو قسم ٿي کنيو، تن
کي پنهنجي جهنڊي هيٺ گڏ ٿي ڪيائون، پوءِ ڀلي
اهي ڪميونسٽ هجن يا نه. تنهن کان پوءِ سڀيئي ماڻهو
ويٽنام ڏانهن روانا ٿي ويا. آءٌ ڪجهه ڏينهن لاءِ ڪمنگ
۾ ترسي پيس. ترنهه منهن جو لاڳاپو رکندڙ آفيسر هو.
منهن جي ترسڻ جو مطلب هو ته جيڪڏهن ڪنهن
شيءِ جي ضرورت پئجي وڃي ته آءٌ اها آساني سان
هٿ ڪري سگهان.

مون ترنهه کي چيو ته جپان جي جنگ جو پورو
نقشو چٽي سمجهايو. ان وقت چيني ڪميونسٽ پارٽي
جپان جي خلاف چيانگ ڪائي شيڪ جي مدد پئي
ڪئي. ڪيترا ماڻهو انهيءَ ڳالهه تي رنج هئا. ترنهه
کي به اها ڳالهه ٺيڪ نه ٿي وڻي. مون چيس ته ”چيني
ڪميونسٽ پارٽي ڏاڍو تمام ڀلو ڪم ڪيو آهي.
چيانگ ڪائي شيڪ سان نباهه ڪرڻ ڪري پاڻ انهن لاءِ
ڪئي رستا جنهن پل جي عام چينين سان ملڪ ۾ ڪين
سياسي تعليم ڏيڻ جو وجهه مليو.“

منهنجو ڪم جڏهن پورو ٿيو تڏهن آءٌ به سفر لاءِ
تيار ٿيس. ترنهه جي ديوٽي به ختم ٿي. اسين
گڏجي وطن روانا ٿياسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءٌ ڪويلن ڪان نانڪنگ ٽائين ڪار ۾ ويس. اتان ٽيان تنگ ٽائين ٻيڙيءَ ۾ چڙهي وياسين. ٻيڙي ماڻهن سان ڀريل هئي، ٿنهن ڪري مون پنهنجو ويس بدلائي ڇڏيو ۽ ماڻهن کي ٻڌايم ته ”آءٌ اخبار نويس آهيان. سالن جا سال فرانس ۾ رهيو آهيان. تنهنڪري هاڻي رڳو فرينچ ٻولي ڳالهائي ٿو سگهان. پنهنجي مادري ٻولي ذري گهٽ وسري وئي اٿم.“ بونگ منهن جو ترجمان هو. هرڪو ماڻهو مون سان ائين ٿي هليو، ڄڻ آءٌ سچ پچ اخباري خاطو هوس. مون سڄي ڳالهه ٻولهه فرينچ ٻوليءَ ۾ پئي ڪئي. پر اتفاق سان هڪڙي ڪامريڊ سگريٽ جو قلو منهنجي ڪوٽ تي اڇلائي وڌو، مون تڪڙ ۾ ويٽنامي ٻوليءَ ۾ چئي وڌو ”ميان سنڀال ساڙينم ٿو!“ چوڻ کي چئي ويٺم پر هڪدم پڇتايم ته وڏي غلطي ڪري ويٺو آهيان. منهن جا ساٿي ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳا ۽ آءٌ ڏاڍو ڦڪو ٿيس. چڱو ٿيو جو مون اهي اکر ڏاڍيان نه چيا ۽ ٻين ماڻهن نه ٻڌا! جيڪڏهن ڪو ٻڌي وٺي ها ته اسان جي سڄي محنت مٽيءَ ۾ ملي وڃي ها ۽ منهن جي ويس بدلائڻ جو راز وچ رستي ۾ ڦاٽي پوي ها.

ڊسمبر ١٩٤٠ ۾ آءٌ تينسي پهتس. مون ترني جي حوالي هي ڪم ڪيو ته هو اڳتي وڃي ۽ اهڙي جاءِ ڳولي، جتي پنهنجو انقلابي اڏو ناهيون. هڪڙو غار ڳولي ڪڍيو، جيڪو ڏاڍي حفاظت واري جاءِ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. انهيءَ غار کي "پيڪ بو" جي نالي سان سڏيو ويندو هو*- پيڪ بو ۾ اسين هميشه جايون پيا بدلائيندا هئاسين. اسان جي حفاظت ڪرڻ لاءِ ته انقلابي پهريدار دستا پهرو ڏيندا هئا. لي ڪوانگ ۽ ڪووان انهن دستن جا ڪمانڊر هئا. ڊڪ ٿن منهنجو ذاتي باڊي گارڊ هو. هو پوءِ اتر ويتنام ۾ شهيد ٿي ويو.

آءٌ روز صبح جو سوير اُٿي سڀني جا جدا جدا ڪم جاچيندو هوس. وڏي توڙي ننڍي هر ڪم جي نظرداري ڪندو هوس. پيو ته ٺهيو پر جتين جي مرمت ۽ ڪپڙن سبڻ جي ڪم تي به نظر رکندو هوس. مضمون وقت ڪنهن نه ڪنهن ڪم ۾ رڌل هوندو هوس. مضمون پڙهندو هوس- ڪتابن جا ترجما ۽ پيا ڪم ڏسندو هوس. آءٌ ساٿين کي انقلابي راز سانڍڻ لاءِ خاص نصيحت ۽ تاڪيد ڪندو هوس- ڪين چوندو هوس ته هر ڪو ڪم- خبرداريءَ ۽ احتياط سان ڪريو. هڪڙي ڏينهن هڪڙي جوان مون کان پڇيو "رازداري جي معنيٰ ڇا آهي؟" مون چيو "رازداري جو مطلب آهي ته نه ڪجهه ٻڌو نه ڪجهه رکو ۽ نه ڪجهه چائو- جيڪڏهن ڪو به توهان کان ڪو سوال پڇي ته توهان هي جواب ڏيو ته "نه مون وٽ ڪجهه آهي، نه ڪجهه ڏنو آهي ۽ نه وري مون کي ڪا خبر آهي."

---

* ڏسو "پڇاڙي" ۾ (ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل) احوال نمبر ١٢ کان ٤

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ آءِ ڪارڪنن کي انقلابي تبليغ ڪندڙ هٿياربند دستن قائم ڪرڻ جو احساس ڏياريندو هوس ۽ چوندو هوس "اسين حڪومت قائم ڪرڻ کان پوءِ سڀ کان پهريائين هٿياربند فوج کي تيار ڪنداسين. پر انهيءَ کان به پهرين اسان کي انقلابي تبليغ ڪندڙ فوج ناهڻي پوندي، جا اسان جي نظرين ۽ ڪم بابت عوام کي آگاهه ڪري." آءِ ڪين روس جي انقلاب جو مثال ڏيندو هوس ۽ چوندو هوس "روس ۾ جڏهن انقلاب جو سج چمڪيو، تڏهن ان زار جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو. لينن تن ڏينهن ۾ انقلابي تبليغ ۽ سکيا جي فوج قائم ڪرڻ جو عزم ڪيو هو. هن پنهنجين تقريرن ۾ حد کان وڌيڪ ڏيان انهيءَ ڳالهه تي ڏنو ته انقلابي ڪارڪنن کي کپي ته انقلابي خيالن کي عام ڪريو ۽ پکيڙيو. پنهن جي نظرين جو پرچار ڪريو. اهي ٻئي ڳالهيون بنيادي ڳالهيون آهن. تنهنڪري سڀ کان پهريائين انقلابي تبليغ جو هٿيار کڻو!" تنهن کان پوءِ آءِ چوندو هوسان "اسين ٻيسٽائين جپان ۽ فرانس کي شڪست نه ڏيئي سگهنداسين، جيسٽائين عوام سندن خلاف هٿيار نه کڻندا، عوام اهي هٿيار ڪيئن کڻندا؟ اهي ڪيئن قدم قدم ۾ ملائي هلندا؟ اهو سڀ انقلابي تبليغ ۽ سکيا جي وسيلي ئي سگهي ٿو. عوام جي دلين ۽ ذهنن ۾ اها ڳالهه وهاريو ته اسين جيڪي ڪجهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪربون پيا سو واجبي آهي. سامراج ڪوڙو آهي.
حق جي لاءِ تلوارون اپيون ڪرڻ ۽ ميدان ۾ نڪري
اچڻ سڀني فرض آهي. منهنجا ساٿيو! توهان کي به
لينن جي تعليم تي عمل ڪري پروپيگنڊا جو ڏاتو
هٿ ۾ کڻڻ گهرجي- سون اڪثر سٺ جوان انهيءَ
ڪم لاءِ چونڊيا، جيڪي گهر گهر وڃي جپان ۽
فرانس خلاف انقلابي تبليغ ڪندا هئا ۽ ساڻن کي
تيار ڪندا هئا." "اسان جي تحريڪ لاءِ هاڻي عوامي
مدد حاصل ڪرڻ جو وقت پهچي ويو هو، اڄ عوام
سان لاڳاپو پيدا ڪرڻ تي گهڻو ڌيان ڏيندو هوس،
آءٌ چوندو هوس "جيتوڻيڪ اسين لڪي لڪي ۽ ڇپي
هنن تي رهون ٿا، تڏهن به اسان کي عوام سان
لاڳاپو رکڻ تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي. اسان کي
اهڙن ساٿين جي ضرورت آهي جيڪي اسان جي
حفاظت ڪري سگهن ۽ اسان جي چوڪيداري- گهيرو
ڪاهي پيهن ۽ اسان کي دوست دشمن جي خبر پهچائي
سگهن."

اسين چانور ۽ سڪايل جو بوسو کائي، رات جو
پٽ تي گاهه وڇائي سمهي رهندا هئاسين. منهنجي
صحت تي ڏينهن نيڪ نه هئي- تنهن جي ڪري انقلابي
ڌِڙي دوست سون کي چوندا هئا ته "تون سٺو ڪاڙهو

ڪاڻ ۽ احتياط سان هل.“ پر مون کي اها ڳالهه ڪڏهن به نه وڻي. آءٌ ڪيئن چوندو هوس ته ”توهان اهي مصيبتون خوشيءَ سان سهو پيا، باقي آءٌ ڪو ملائڪ سڳورو آهيان ڇا؟ منهن جو هڏ چم ۽ بدن به اهڙو آهي جهڙو توهان جو! جيڪڏهن توهين آزاديءَ لاءِ هيڏيون سختيون پيا سهو ته منهنجي دل ۾ به آزاديءَ لاءِ ساڳي اوهان جهڙي باهه پيئي ٻري! آءٌ به انهيءَ قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. مون کي اها ڳالهه اصل نٿي وڻي ته ليڊر پنهنجي ليڊريءَ جو رعب ڄمائي، سک ۽ آرام سان رهي. پوءِ ته زميندار، نواب، سرمائيدار، ليڊرن ۽ اسان ۾ ڪوبه فرق نه رهندو. اهي ڳالهيون زميندار، نواب، سرمائيدار ۽ ليڊرن لاءِ آهن. اسين وڏي زميندار، سردار ۽ سرمائيدار طبقن جي پيڙهه کي ڊاهي، نئين سر نئين تعمير جو جهنڊو ڇاڙهيندا سين. تنهن لاءِ اسان کي پنهنجن مقصدن کي خيالي ۾ رکي پهرين پاڻ کي عمل ڪرڻ کپي. منهن جي خيال ۾ اڳواڻ جو فرض آهي ته هو عام ڪارڪنن وانگر حياتي گذاري، پاڻ ئي سکهي ته انهن کان وڌيڪ قرباني ڏي. جو ته اهڙن عملي مثالن منجهان ئي پنهنجي اصولن جي سچائي ثابت ٿيندي.“

ٽئين سال جي شروعات جي موقعي تي ڪيترائي هاري ساٿي مون لاءِ تحفا کڻي آيا، ويٽنامي هاري ٻڌ مذهب جا مڃيندڙ آهن، سو مون هڪ وڏي پتر“

تي مهاتما گوتم ٻڌ جي تصوير ٽينگياري رکي ۽ هاري ساٿين کي چيم ته ”توهان کي پارٽيءَ طرفان هي سوکڙي ڏيان ٿو.“ تنهن کان سواءِ هڪڙو رهيو چالڪنڊڙ رنگين ڪاغذ ۾ ويڙهي مهاتما ٻڌ جي مورتي پيرسان رکيم ۽ هاري ساٿين کي چيم ته ”هي رهيو پارٽيءَ طرفان توهان کي خرچي آهي. هن رهيئا جي ٿوري رقم ڏانهن نه نهاريو پر توهان کي جيڪا انقلابي وطن دوست پارٽي اهو رهيو ڏيئي ٿي، ان جي اهميت ۽ شان کي ڏسو.“

انهن ڏينهن پارٽي جي مرڪزي اجلاس ۾ اسان هڪ اهڙو گڏيل قومي محاذ ناهڻ تي ويچار ڪيو، جنهن ۾ اسان جي قومي دشمن فرينچ سامراج خلاف جدوجهد ڪرڻ وارا سڀيئي ٽولا ۽ پارٽيون پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي، گڏجي ورهن. مون هن ڳالهه تي خاص ڌيان ڏنو ته انهيءَ محاذ جو نالو اهڙو هجي، جنهن مان وطن جي حب ۽ پيار ظاهر ٿئي ۽ ڪنهن به ماڻهوءَ کي انهيءَ نالي مان ڌاريائيءَ جي بوءِ نه اچي. تنهنڪري انهيءَ محاذ تي ”ويٽنام جي آزاديءَ جو محاذ“ جو نالو رکيوسون.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ نازي حيوانن روس تي حملو ڪري ڏنو. اسان سڀني جي دلين ۾ ڏک ۽ ويچار جون لهرون ڊوڙڻ لڳيون پر مون سڀني کي چيو ته ”دل وڏي ڪريو! زار جي زماني ۾ روس وڏن زميندار،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاگيردارن ۽ نوابن جي قبضي ۾ هو ۽ تمام گهڻو
ڪمزور هو. پر انهيءَ وقت به جڏهن نيپولين جهڙي
زبردست شهنشاهه ۽ هاڪاري سپهه سالار روس تي حملو
ڪيو، تڏهن روسي عوام انهيءَ کي شڪست ڏيئي ڇڏي.
اڄ جڏهن روس هيڏي ترقي ڪري سوشلزم جي رتبي
کي پهتو آهي ۽ جڏهن وٽس هڪ اعليٰ درجي جي سياسي
پارٽي ۽ ليڊرشپ آهي ۽ باشعور ماڻهو آهن، تڏهن پڪ
سان روس نازين کي شڪست ڏيندو."

انهيءَ وچ ۾ اسان جي تنظيم سڄي ملڪ ۾ ڏاڍي
مقبول ٿي ويئي هئي، هاڻي اسٽن فرانس سان مقابلي
ڪرڻ جهڙا ٿي ويا هئاسين* تنهنڪري اسان کي پيڪ چو
جا غار ڇڏي ڪاڊوبينگ صوبي ڏانهن قدم وڌايا.
اسين رات جو اونداهيءَ ۾ روانا ٿياسين. مون کلي
"ستڪتين کي چيو "هاڻي پاڻ فرينچن کان بچڻ جو
طريقو سمجهي ويا آهيون." انهيءَ جملي تي سڀئي
ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. هتي اچي مون روس جي
ڪميونسٽ پارٽيءَ جي تاريخ جو ترجمو ڪرڻ شروع
ڪيو. منهن جي پرائيويٽ سيڪريٽري منهن جو سات ڏنو ۽
ٿورن ڏينهن ۾ مون سڄي ڪتاب جو ترجمو ڪري
ورتو، جڏهن آهو خير سان پورو ٿيو تڏهن مون خوشيءَ

* ڏسو "پچائي" ۾ (ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل) احوال نمبر ٥ ڪان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ پنهن جي سگتين جي دعوت ڪئي ۽ ڪين گوشت ۽ پاڃيءَ جا ٻوڙ ڪارايم.

فرينچ اسان جي ڳولا ۾ هئا ۽ اسان جي لڪڻ جون جايون پئي ڳولايائون. سندن جاسوس هر هنڌ هر ڪنهن پاسي موجود هئا. اسان جي ٻن مجاهدن لي ڪونگ يا ۽ هونگ فيصلو ڪيو ته جنهن تي به شڪ پوي ته هي فرينچ جاسوس آهي انهيءَ کي جيئرو نه ڇڏجي. آءٌ سندن انهيءَ ارادي کي سمجهي ويس. پلا اهو به ڪو انصاف چئبو ته رڳو ٿوري شڪ پوڻ تي ماڻهو کي ختم ڪري ڇڏجي- مون کين روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي تاريخ پڙهڻ لاءِ ڏني ۽ سختي سان چيو مان ”اسان جي عظيم انقلابي استاد ۽ اڳواڻ لينن ماڻهن کي خواهه مخواهه قتل ڪرڻ جي باري ۾ جيڪي چيو آهي، اهو ضرور پڙهجو!“ سندن انهيءَ تاريخ پڙهڻ جو اهو نتيجو نڪتو جو هنن پنهنجو اهو ارادو بدلائي ڇڏيو. جولائي ١٩٤٢ ۾ مون کي ”ويٽنامي آزاديءَ جي محاذ“ جو نمائندو ڪري چين موڪليو ويو ته آءٌ اتي چين جي حاڪم مارشل چيانگ ڪائي شيڪ سان ملاقات ڪريان. پر اهو رڳو هڪڙو بهانو هو. اصل مقصد هي هو ته چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ سان لاڳاپو قائم ڪجي منهنجي سچائپ واري ڪارڊ تي هي اکر لکيل هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"هوچي منهه — اخباري خاطو — ويتنام — چين جو رهاڪو."

نه ملي تونگ يا منهن جو لاڳاپو پيدا ڪندڙ آفيسر هو. مون هڪ نابين جو ويس ڪيو هو. منهن جي هٿ ۾ هڪڙو لڪڻ هو، جنهن کي جهلي لي تونگ مون کي وٺيو پي ويو ۽ آءٌ سندس پٺيان پٺيان پيو ويس سرحد پار ڪرڻ کان پوءِ مون هڪ چيني دوست کي پنهنجو نمائندو مقرر ڪيو ۽ پر وٽس سڃاڻپ جا ڪاغذ هئا ئي ڪونه، تنهنڪري پڪڙجي پيو. انهيءَ سان گڏ آءٌ به جيل ۾ پيس. اهو چيني دوست جيل ۾ مري ويو ۽ ٻاهر هل پئجي ويو ته هوچي منهه مري ويو (۱). پر پوءِ انهيءَ ڳالهه جي ترديد ڪئي ويئي. مون جيل مان به ڪنهن نموني پيغام موڪلڻ جي واٽ ڳولي ڪڍي. ڪيترن ئي جيل جي ملازمن جي دل ۾ انقلابي خيال پيدا ٿي ويا. پر مون کي ترت ٻوري ٻي جيل ۾ موڪليو ويو. اهي ڏينهن منهنجي زندگيءَ جا سخت ڏينهن هئا (۲) چيانگ ڪائي شيڪ جي عملدارن جيل ۾ به مون کي آرام سان وهڻ نه ڏنو. ليوشو ۾ سخت نظربندي وارن ڏينهن گذارڻ کان پوءِ سيپٽمبر ۱۹۴۳ع ۾ آءٌ وري پيڪ ٻاڪو پهتس. اسان جي گوريلا

(۱) ڏسو "پڇاڙي" ۾ (ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل) احوال نمبر ۸

(۲) ڏسو "پڇاڙي" ۾ (ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل) احوال نمبر ۹

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جدوجهد تن ڏينهن زور ورتي وئي هئي. انهيءَ جدوجهد جو
بنياد دراصل اسان ۱۹۶۲ع ۾ ئي رکي ڇڏيو هو.
مون تن ڏينهن ئي گوريلا جنگ ڪيئن ڪجي؟ تنهن
بابت ڪتاب پڙهيا هئا ۽ روس ۽ چين جي ڪميونسٽ
گوريلا مجاهدن جا انقلابي اڏاءُ ڏٺم. انهيءَ تجربي ۽
علم جو احوال سادن اکرن ۾ ننڍڙن ڪتابڙن ۾ لکيم.
ٻي جنگ عظيم فرينچ سامراج لاءِ موت جو پيغام کڻي
آئي. اهي ويٽنام مان مجبور ٿي پنهنجي ويساهه پُٺر ٻنڌن
جاءِ تي ورتي جپان، ويٽنام تي قبضو ڄمايو. پر اسين
هاڻي ڪنهن ڪان ٻه ٻچڙا وارا ڪونه هئاسين. اسان جون
سرگرميون ويون ڏينهون ڏينهن تيز ٿينديون، اسين پنهنجن
فرينچن تي پوري طاقت سان حملو ڪندا هئاسين ۽
ويٽنامن ڪافي هٿيار ڦريندا هئاسين. اسان جي ٽن ڏينهن
پاليسي اها هئي ته فرينچن تي حملو ڪري ڪانئن هٿيار
ڦريون. انهن هٿيارن سان جپانين تي حملو ڪجي. آمريڪا
سان ٽن ڏينهن اسان جو ڪو به جهيڙو ڪونه هو.
هڪڙي ڏينهن ڪائو بانگ ۾ اسان جي ساٿين هڪڙي
آمريڪي هوا باز کي گرفتار ڪيو. اهو هوا باز جهاز جي
انجڻ خراب ٿيڻ ڪري، اسان جي علائقي ۾ لهي پيو
هو. جپانين کي انهيءَ جو اطلاع ملي ويو هو. تنهن
انهيءَ هوا باز کي هٿ ڪرڻ لاءِ هنن چوٽيءَ جو زور
لڳايو. جنهن ڪري گوليائون پر هواباز هٿ

* ڏسو "پڇاڙي" ۾ (ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل) احوال نمبر ۹

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوٺ آيو. آمريڪي هوائباز جو ٽالو ليفٽيننٽ "شا" هو.
اسان جي مجاهدن سندس ڪجهه ڏينهن حفاظت ڪئي.
پوءِ هن کي نيڪ هائي جي علائقي جي انچارج پارٽي
ڪارڪن ڦام وان ڊونگ * وٽ پهچايائون. پوءِ
ڦام وان ڊونگ کيس مون وٽ موڪليو. اسان ليفٽيننٽ
"شا" کي مهمان ڪري رکيو ۽ سندس خاطري ۾
ڪا به ڪسر ڪانه ڇڏيسين. هو مون سان ڏاڍو خوش
ٿيو. هن اسان جي مهرباني ۽ مهمان نوازي جا ٿورا
مڃيا ۽ چوڻ لڳو "مون ٻڌو هو ته ويٽنام جا انقلابي
گوريلا ڏاڍا دهشت پسند ۽ ظالم آهن، جن ته انسان
ناهن، جانور آهن، پر اڄ مون کي خبر پئي آهي ته
اها سڀ يورپ ۽ آمريڪا جي اخبارن ۽ خبرن پهچائيندڙ
ايجنسين جي پروپيگنڊا هئي، توهين ته انسانن جي ويس
۾ فرشتا آهيو. مون اڄ سمجهيو آهي ته اسانجا يورپي
۽ آمريڪي پادر پنهنجن ظلمن کي لڪائڻ لاءِ ٻين
جي مٿان ڪوڙا الزام ٿا مڙهين ۽ پنهنجن گناهن تي
پردي وجهڻ جي لاءِ پروپيگنڊا جي هٿيارن سان مظلومن
مٿان بيرحمي ۽ سان وار ٿا ڪن." مون جڏهن ليفٽيننٽ "شا"
جون اهي ڳالهيون ٻڌيون ته کلي ڏنم. مونکي سامراجي
ڏاڙيلن جي بيحيائي واري پروپيگنڊا تي کل اچي ويئي.
کيس چيم "منهنجا پيارا ليفٽيننٽ! اسين ته پاڻ مظلوم
آهيون. اسان جون زمينون، اسان جا گهر، اسان جا

---

* ڦان وان ڊونگ هاڻي اتر ويٽنام جو وزير اعظم آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهنگ ۾ ميدان سيني تي تنهنجا پائر قبضو ڪري
ويٺا آهن. هنن قربت ۽ ظلم جي حد ڪري ڇڏي
آهي. اسين تنهنڪري ڪين ڪيڻ لاءِ سندن پويان
هت ڌوئي پيا آهيون. اسان ڪين چيو آهي ته ”توهان
پنهنجن ملڪن ڏاهن هليا وڃو. وڃي پنهنجي وطن
سڌاريو ۽ پنهنجي سڀ ڪن مضبوط ڪريو اسان جي
پچر ڇڏيو ته اسين ڏبڙيل مسڪين ماڻهو پنهنجن جو
گهر سڌاري هن ظلم، بک، بيماري ۽ غلامي مان
نڪري ڪو سک جو ساهه کڻون!“

ليفٽيننٽ ”شا“ جي دل تي منهنجين ڳالهين جو
ڏاڍو ٿڙ ٿيو. ڪيس ڪيترائي ڏينهن سون وٽ رهڻو پيو.
جڏهن حالتون سازگار ٿيون، تڏهن اسان ڪيس عزت،
آبروءَ ۽ حفاظت سان سندس آمريڪي دوستن جي حوالي
ڪيو. موڪلائڻ مهل ليفٽيننٽ جي دل شڪرگذاريءَ
جي جذبي سان ٽمٽار هئي ۽ سندس اکين ۾ سمجهه
۽ احساس جي چمڪ هئي.

فرانس ويو ته جپان آيو ۽ اٽڪل پنج سال ويٽنام
جي سر زمين تي قبضو ڪريو ويٺو رهيو. پر اسان جي
آزاديءَ جي مجاهد گوريلن جپانين کي هڪڙو ڏينهن
به آرام سان ويهڻ نه ڏنو. اهي مٿن اوچتو وچ وانگر
وچي ڪڙڪندا هئا. سندن هٿيارن ۽ بارودن جي
گدامن کي باهيون ڏيندا هئا ۽ تمام گهڻو نقصان
پهچائيندا هئا. جپانين جي خلاف اسان جي مجاهدن

جهڙي نموني جنگ ڪئي ۽ جهڙي جهڙي نموني کين نقصان رسايو، انهن جو ڪجهه تفصيل مون هڪڙي پريس ڪانفرنس ۾ ٻڌايو آهي. اهي تفصيل ٻڌي ماڻهن وائن ۾ آڱريون وجهي ڇڏيون. ڪن ڪن هنڌن تي گوريلا مجاهد اڪيلي سر سون سپاهين کي ماري وجهندا هئا. هڪڙي ڀيري هڪڙو گوريلو مجاهد اڪيلي سر هڪڙي رات هڪڙي جپاني چانوڻي، جنهن جو خبر چار ورتي ويو. انهي ۽ چانوڻي ۾ پنج سؤ ڪان مٿي جپاني سپاهي مورچا ناهيو ويٺا هئا. هڪڙي پهريدار چانوڻي تي پهرو پاي ڏنو. اتفاق سان هن کي ڪنهن مهل ننڊ وٺي ويئي. گوريلي مجاهد جو اهو سونهري وجهه ڏنو، سو تپ ڏيئي ڪٽي پهريدار کي نڙي ۽ تي ننهن ڏنائين. ڪيس پڙڪو به ٻاهر ڪين نه ڏنائين ۽ پوءِ ڪيس پورو ڪري يڪدم سندس ڪپڙا لاهي ۽ اهي ڪپڙا پاڻ ڪٽي پاتائين. چانوڻي ۽ جي جپانين کي خبر ڪانه پيئي ته مٿن پهرو ڪير پيو ڏئي! هو بيخبر سُتا پيا هئا. گوريلي مجاهد اڪ چنپ ۾ چانوڻي ۽ جي چوڌاري بارود پکيڙي انهي ۽ کي ڪٽي باهه! ڏسندي ڏسندي سڄي چانوڻي هڪ ڌماڪي سان اڏامي ويئي. ڪي به تي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڪي جپاني مس بچيا! اهو هو به هڪڙو ننڍڙو مثال پر اهڙا واقعا ته روز پيا ٿيندا هئا. نيٺ جپاني پڳا. پر جپاني وڃا ٿي مس ته پوري

فرينچن اچي نڪاءُ ڪيو! پر اسان فرينچن سان ٻه ساڳيا چپائين جهڙا حال ڪيا. آخرڪار فرينچ جي وڏي وزير مون کي صلح جي ڳالهين لاءِ پيرس ۾ سڏايو (١). اُتي ويس ڳالهيون ٻوليون ٿيون. فرينچ ويٽنام خالي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا پر وچ وقت اسان جي ملڪ کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيائون. اترئين حصي تي انقلابي عوام جي حڪومت جو جهنڊو ڦڙڪڻ لڳو. پر ڏاکڻو حصو سامراجين جي سازش جو اڏو بڻجي ويو. مون کي اترئين حصي جو صدر چونڊيو ويو (٢). پر ڏسان پيو ته اڃان آسمان صاف ناهي. سامراجين سان اڃا ٻه ٽڪر ٿيندو ۽ تڏهن نيٺ ويٽنام کي ملائي هڪ ڪري سگهبو. اڃا اسان جي راهه اڳيان مشڪلاتون ۽ مصيبتون آهن. پر مون ۽ منهنجي انقلابي قوم پنهنجي ڪلهن تي جيڪو آزاديءَ جي هٿيار بند جدوجهد جو بار کنيو آهي، سو ڪونه ڇڏينداسون. مون سڄي حياتي جدوجهد ۾ گذاري آهي. پيان کي عوام جي حقن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو اٿم ۽ ايندڙ وقت ۾ به ائين ئي ٿيندو. مون پنهنجي زندگيءَ جو جيڪو رستو اختيار ڪيو آهي، تنهن تان ڪير جيترو به هٽائي، سو سوال ئي

(١) ڏسو "پڇاڙي" ۾ (ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل) احوال نمبر ١٠

(٢) ڏسو "پڇاڙي" (ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل) احوال نمبر ١١

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئو پيدا ٿئي. منهن جي رستي جي رڪاوٽ مون کي نئون ولولو، نئون حوصلو ۽ نئين همت بخشي ٿي. اسان جو رستو برابر ڪنڊن ڀاڳن ڀريو پيو آهي- پر منهنجي بهادر ۽ مظلوم قوم ۽ ان جو انقلابي عوام انهن ڪنڊن کي هڪڙو هڪڙو ڪري هٽائي ڇڏيندا! فتح ويٽنام جي ٿيندي!! فتح دنيا جي سمورين مظلوم قومن ۽ مظلوم طبقن جي ٿيندي!!!

[جبل ڀاري جڪڙ، جو آڏو عجيبن کي
توڙي لتڪين لک، ست لنگهديس سڪمان!]

(شاهه)

(هيءَ هوچي منهه جي ٻاڻ لکيل
منهنجي ڪهاڻي پوري ٿي.)

پڇاڙي

۲۹ صدر هوچي منهه پنهنجي حياتي ۾ انقلابي قومي جدوجهد جو احوال فقط ۱۹۲۹ تائين لکيو آهي- يعني پاڪستان قائم ٿيڻ کان هڪ سال اڳ تائين. فرينچن ۱۹۴۴ ۾ ويٽنامي عوام سان سندن اڏ ملڪ خالي ڪرڻ جو معاهدو ڪيو. پر هو ان وعدي تان جلدئي ڦري ويا. هنن ۱۹۴۵ ۾ دغا سان آزاد اتر ويٽنام تي حملو ڪيو ۽ ويٽنام جي مجاهدن ۽ سندن عظيم اڳواڻ صدر هوچي منهه کي وري به اترئين آزاد اڌ ملڪ جو تخت گاهه هنوئي ڇڏي جبلن جا غار ۽ ٻيلا وسائڻا پيا.*

پر هنن پنهنجي آزاديءَ جي هٿيار بند انقلابي تحريڪ جاري رکي ۽ ڊگهي عوامي جنگ جي حڪمت عمليءَ تي عمل ڪري، نيٺ ڊين ٻين ڦوءَ جي جابلو ميدان جنگ ۾ فرينچ دغاباز سامراجين کي عبرتناڪ تاريخي شڪست ڏناؤن- پر ننڍا سامراجي يعني فرينچ اجا نڪتا ئي مس ته سڄي دنيا جي ظالم سامراجين جي لٺ سردار آمريڪا اچي ڪپ ڪوڙيا.

---

* ڏسو احوال نمبر ۱۲

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويٽنامي قوم، سندن انقلابي اڳواڻ، پارٽي ۽ مجاهد ڪارڪن اِن اجگر جهڙا ڪاڻ ٻه نه ڏنا ۽ سائنس- مقابلو ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ ٽپي پيا، تان جو آمريڪا اهڙي شڪستون کاڌيون آهن جن سندس ڇيلهه ڇني ڪري وڌي آهي ۽ خود ملڪ اندر ۾ گهوٽالو ۽ واويلا پئجي ويئي آهي ۽ هو سڄي دنيا ۾ خوار خراب ٿي ويئي آهي.

آزاديءَ جي چئمپئن هلندي، صدر هوچي منهه ١٩٦٩ ۾ وفات ڪري ويو:

[آءٌ نرڳنڌي پرين کي تون ٿيو لهين سڄ،
آءٌ جي ڏٺين سينها ڏئين پريان کي ڏج،
وجي ڪيچ چئج، ته ويچاري وات مئي. (شاهه)]

هو وصيت ڪري ويو ته:

"جدوجهد جاري رکجو ۽ وطن جي هڪڙي ٻاڙي به دشمنن جي حوالي نه ڇڏجو."

صدر هوچي منهه اڄ نه آهي ويٽنام جو نه پر سمورين مظلوم قومن جو هيرو ۽ اڳواڻ ڪري ليکيو وڃي ٿو. صدر هوچي منهه جي اڳواڻي هيٺ دلير ويٽنامي قوم، سندن انقلابي پارٽي، سندن جانباز فوج، ويٽنامي مردن، عورتن، ٻارن ۽ ٻارڙين جيڪي شاندار تاريخي ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن، تنهن سڄي دنيا ۾ رهندڙ مظلوم ۽ ستايل قومن کي سڪ سيکاريو آهي ته ڪا به قوم ڪٿي ڪهڙي به هيٺي هجي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيڙيل، ماريل هجي ۽ پوئتي پيل ۽ اڻ پڙهيل هجي پر جيڪڏهن ان ۾ اڻ ورچ انقلابي عوامي جدوجهد ۽ هٿيار بند عوامي جنگ جو جذبو موجود آهي، ته اها زور زمين جي وڏي ۾ وڏي ۽ هر قسم جي مظلوم قوم ۽ ظالم طاقت کي شڪست ڏيئي، پنهنجي آزادي حاصل ڪري سگهي ٿي.

روءِ زمين جا مظلوم ۽ مجاهد ماڻهو ۽ قومون تنهنڪري هو چي منهه ۽ سنڌ انقلابي قوم کي انقلابي امام ۽ مرشد ڪري مڃين ٿا، جيستائين حق جي ناحق سان جنگ جاري رهندي، تيستائين صدر هو چي منهه ۽ سنڌ دلير ۽ دانا قوم جو نالو پيو ڳائبو.

(رسول بخش پليجو)

احوال نمبر: ١

- ، فرينچ مصنف زان لاڪوتيور هو چي منهه جي وطن موٽي اچڻ ۽ ويتنام جي آزادي لاءِ جدوجهد ڪرڻ بابت جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته:

”جنوري ١٩٤١ ۾ تگواين اي ڪوڪ جنهن کي ماڻهن ”چاچا هو“ سڏڻ شروع ڪيو هو، سو ٽيهن سالن کان پوءِ پنهنجي وطن موٽي آيو. هن پنهن رجحو هيڊ ڪوارٽر پاڪبو سرحد تي قائم ڪيو، جيڪا ڪاؤبانگ ۽ ٿسٽسي چن جي جبلن جي وچ ۾ هئي. هن هڪڙي

جيل ۾ هڪڙو غار کوليو ڪيو، جنهن جي ويجهو
ندي به هئي. هو هن چنڊواري گرم علائقي ۾ وٽن
سان گڏ گڏيل جيلن جي وچ ۾ سچوا سال رهيو. هتي ان
جيل جو نالو ڪارل مارڪس ۽ نديءَ جو نالو لينن
رکيو ويو هو. تمام گهٽي محنت ڪري، پنهنجن ساٿين
کي سياسي تعليم ڏني. هو نيري رنگ جي ڪپڙن ۾
جيڪي انهي علائقي جا ماڻهو پائيندا هئا، پنهنجن ساٿين
جون سائيڪلو اسٽائيل ڪيل اخبارون ورهائيندو هو ۽
ان علائقي ۾ هر هنڌ گهميو. ” ..

انهيءَ هنڌ هوچي منهه ٢٩ آگسٽ ١٩٤٢ع ۾ هند
چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو
اٺون اجلاس سڏايو ۽ ان جي صدارت ڪيائين. اهڙي
طرح دنيا جي مشهور انقلابي قومي تحريڪن مان
هڪڙي تحريڪ ”ويٽ منهه“ تحريڪ جو، تارين جي
ڇانو هيٺ هڪڙي جهوپڙي ۾ بنياد وڌو. ان جهوپڙي ۾
رڳو بانس جي ٺهيل هڪڙي ميز هئي ۽ سڀ ميمبر ڪاٺ
جي بندن تي ويهندا هئا.“

احوال نمبر: ٢.

ڪيٿولڪ شاگرد ايسوسيئيشن جو صدر ”نگوائن مانهه“
جيڪو پوءِ ويٽ منهه جي انقلابي قومي حڪومت جو
وزير ٿيو ان زماني جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:
”هوچي منهه لاءِ چيائون ٿي ته هو انقلابي قومي

بغاوت جي اڳواڻي ڏيندو ڪري. اسان سمجهي ويا سون ته هي اهو سنا ڳيو انقلابي نڪو اين اي ڪو ڪ آهي، جيڪو جواني ۾ اسان جي ذهن تي سوار هو ۽ جنهن اسان جي خيالن کي حقيقت بڻائي ڇڏيو......"

"جنرل گياپ جنهن بغاوت جي فوجي اڳواڻي ڪئي، سو روز شام اٺين کان ٻارهين بجي تائين وزارت جو، ننڍڙو اجلاس ڪندو هو. هن ڪڙي اجلاس ۾ ڇيو ته هو ماڻي پنهنجي اجلاس ۾ هو جي منهن ۾ ايندو......"

"ٻئي ڏينهن اجلاس ۾ اسان هڪڙي ننڍين ماڻهو کي پاڻ ڏي ايندو ڏٺو. هن کي بدن تي بشرٽ هئي ۽ پيڪنگ هو ۽ مٿي ۾ هڪڙي يوري رنگ جي عجيب غريب ٽوپي سنل هيس. انهن ٻي لڳو جڇ ڪو ڳونائو ڀاري اڇهو هينئر هڙ وهائي، ڏڪيا ڇوڙي گهر آيو آهي."

احوال نمبر ٣

فرانس سان جنگ ڪرڻ جو اعلان ڪرڻ لاءِ هڪڙو عام جلسو سڏايو ويو. جنرل گياپ انهي جلسي جو احوال ڏيندي لکي ٿو:

"جيڪي به ماڻهو انهي جلسي ۾ موجود هئا تن کي ياد هوندو ته ڇا ڇاڻ هو. انهي جلسي ۾ ڪجهن پهتو. ڪيترن ڏينهن کان لڳاتار مينهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوٽ پئي پيئي. درياءُن جي اٿل هئي. جهر جهنگ ٻڏو پيو هو. رستا پاڻيءَ سان ڀريل هئا. جنهن پاسي ڇاڇا هو پئي آيو، تنهن پاسي کان پيا ٻڌڻ ڪيترا هاري ناري جلسي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پئي آيا ته وات ۾ ڏنائون ته هڪڙي ڪنان تار نٿي گهوگهٽ ڪندي پئي وهي! ماڻهو ويهي رهيا ته ڀل پاڻي ڪجهه گهٽ ٿئي. پاڻيءَ جي گهٽ ٿيڻ جي انتظار ۾ ويٺا هئا، پر هن ٻڪا ڪئي هم نه ڌم، هڪ ته ڄاڄي اٿان ڏوڪي نٿي ۾ گهڙي پيو. ٻيا ماڻهو اهو ڏسي لاچار آهستي آهستي سندس پٺيان نجڻي ۾ گهڙيا. اسان جو خيال هو ته انقلابي قومي مجاهدن کي تقريرن ۾ ٻڌائيندا سين ته خطرن جي پرواهه نه ڪجو ۽ ٻوڏ هجي، ڇاهي سوڪ، اڳتي وڌندا رهجو. پر ڇاڇا جنهن صحيح وقت تي اچي ٻڪاءُ ڪيو، تنهن کان پوءِ ماڻهن کي اهو سبق ڏيڻ جي ضرورت ئي ڪانه رهي ته ڪو خطرن جي پرواهه نه ڪجي."

(حوالو: نومبر ١٤)

هوچي منهه جي هڪڙي ساٿيءَ هوانگ ڪوڪ هن ريت لکيو آهي:-

"جن ڏينهن انقلابي قومي مقابلي جي تحريڪ شروع ٿي، تن ڏينهن هو هارين سان گڏ رهندو هو. انهن جهڙا پوري رنگ جا ٿلها سوٽي ڪپڙا پائيندو هو ۽ جيڪي به ٻنڌشون پين سان لاڳو هيون، پاڻ به

انهن جي پوئواري ڪندو هو. جڏهن به ڪو بمبار هوائي جهاز ڳوٺ جي مٿان لنگهندو هو ته هو ٻه هارين وانگر انهن سان گڏ ڊوڙي، وڃي ٻنين ۾ لڪندو هو. ان ڪان پوءِ هو انگ ماپ ناليءَ ڳوٺ ۾ ٻيلي جي وچ ۾ هڪ جهوپڙيءَ ۾ رهندو هو، جيڪا هڪڙي دڙي تي ٻيٺل هئي. جهوپڙيءَ جي ڇت تمام هيٺ هئي ۽ چئني پاسي کليل هئي. هن وٽ هڪ ننڍڙي ٽائيپ رائيٽر، ٻن ٽن پٽلونن، لکڻ جي ڪاغذن کان سواءِ ٻيو ڪوبه سامان سڙو يا شيءِ شڪل ڪانه هوندي هئي. هن جو ساٿي هڪڙو ڪتو به هوندو هو. پر ان کي به شينهن کائي ڇڏيو، جيڪي رات جو ان ٻيلي ۾ پيا چڪر هڻندا هئا."

احوال نمبر ٥

هوچي منهه جپان خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ چين جي ليباچو ڳوٺ مان ويٽنامي عوام ڏانهن ٦ جون ١٩٤١ع تي هي بيان نشر ڪيو.

"محترم بزرگو، محب وطن شهريو، دانشورو، هاريو، مزدورو، واپاريو، سپاهيو ۽ پيارا ساٿيو!

جرمني هٿان شڪست کائڻ کانپوءِ فرانس ۾ ڦرڦوٽ پئجي ويئي .... هن بزدل تي اسان جو وطن جپانين جي حوالي ڪري ڇڏيو .... اڳي اسان جي قوم کي فرينچ ڦورو ڦريندا لٽيندا هئا. هينئر اسان جي ساڳي بدقسمت قوم جپاني ڦورون جي غلام تي ويئي آهي.

اسان جي قومي سورمن ۽ سرويچن لاءِ ۽ هونگ جي اولاد جي، ۾ ڪروڙ ماڻهن پڪو پهه ڪيو آهي ته هاڻي اسين اها ذلالت هرگز برداشت ڪانه ڪنداسين. آزاديءَ جو وقت اچي سوَيو آهي.... اڳئين زماني ۾ جڏهن اسان جي ملڪ لاءِ منگولن جي حملي جو خطرو پيدا ٿيو ته اتان جي گهراڻي جا بزرگ مقابلي لاءِ ميدان ۾ نڪري پيا. هيئنر اسان کي به پنهنجن وڏن جي نقش قدم تي هلڻو آهي.

”دولتمند، سپاهيو، مزدورو، هاريو، دانشورو، واپاريو، نوجوان مرد ۽ عورتو!

اڄ توهين حب الوطني جي جذبي سان تمتار آهيو. هيئنر قومي آزاديءَ لاءِ پاڻ هر شيءِ قربان ڪري سگهون ٿا. اچو ته فرانسي ۽ جپاني فاشسٽن ۽ سندن چاڙتن کي تباه ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي وڃون!

آزاديءَ جا مجاهدو! وقت اچي ويو آهي! بغاوت جو جهنڊو اوچو ڪريو! توهانجي امن ويتنام جو سڄو توهانجي ڪن ۾ پيو....

ڀلي فتح ويتنام جي انقلاب جي ٿيندي!

ڀلي فتح دنيا جي انقلاب جي ٿيندي!!

احوال نمبر ٦

١٩٤٢ع ۾ هوچي منهه چين ويو جتي اتي جي حڪومت گرفتار ڪيس ۽ پوءِ اهڙا ڳالهه مشهور ٿي وئي ته هو جيل ۾ مري ويو. انهيءَ واقعي جو ذڪر ڪندي“ سندس ساٿيءَ ويتنامي وزير دفاع ۽

جنگ مشهور گوريلا ماهر ۽ سپهه سالار پروفيسر گياپ لکي ٿو:

هڪڙي ڏينهن مون کي وان ڊونگ جو خط مليو جنهن ۾ چاچا هو جي چين جي ڪومنتانگ سرڪار جي جيل ۾ مرڻ جو اطلاع ڏنل هو. اها خبر ٻڌي صدمي کان اسان جا حواس خطا ٿي ويا. اسان چاچا جي ياد ۾ تعزيتي جلسو ڪيو. جنازي جو خطبو لکڻ لاءِ ڪامريڊ ڊونگ کي مقرر ڪيوسين. اسان چاچا جي پيتي کولي، سندس يادگار نشانيون ڳولي ڪڍيون. هڪڙي پيساني کي چين موڪليوسين ته سندس قبر ڳولي لهي ۽ پڻ تڏهن کان پوءِ اسان کي هڪڙو خط مليو جيڪو چين مان موڪليل هو. انهيءَ ۾ هي مصرائون لکيل هيون، جي اسان سمجهيون ته چاچا هو جون چيل هيون.

”هي جيل جي چوٽي! ٻي جڳ مڪب ڪنڊ ڪرن جا ولر، هي ڪڪرن جي ٽولين کي ڇهندڙ اوچي گهاٽ وارا جبل، اڪيلو ٿي هلندو وتان. بس هڪڙو جذبو سان ڪيو هردم لڪيني اڳيان پيو ڦريم ڏکڻ (يعني پنهنجي وطن ويٽنام) جو آسمان ۽ دل ۾ سڄڻ تجي ياد جون لهرون ترڻي آيون اٿم.“

اسين ڏاڍا خوش ٿياسين ۽ ڏاڍا حيران به ٿياسين. نيٺ اسان ڄاتو ته جيڪو چاچا جي قبر ڳولڻ ويو هو سو موٽي آيو ۽ اچي ٻڌايائين ته ”چاچا هو برابر

گذاري ويو آهي!“ اسان چيس ”ڀليو آهين! چاچا جيئرو آهي. هي خط لکيو اٿس.“ هن چيو ته ”خود چيني گورنر مون کي چيو: ”سوليو! سوليو!“ (مري ويو! مري ويو!)“ اسان سمجهايس ته ”تون ڀليو آهين! گورنر چيو هوندو ”چوليو! چوليو!“ (بلڪل تندرست آهي بلڪل تندرست!)

احوال نمبر ۷

هوچي منهه ان پيري چين جي قيدخانن ۾ جيڪي سٺو، تنهن جو احوال فرينچ مصنف لاڪوتيواز هيئن ڏنو آهي:

”هوچي منهه ۱۵ مهينا زنجيرن ۾ جڪڙيل، خارش ۽ ڦٽن سان ڀريل، عادتي ڏوهارين سان گڏ، ڦاسيءَ جي سزا مليل قيدين سان هڪڙي هٿڪڙيءَ ۾ ٻڌل، چين جي هڪڙي جيل مان ٻئي جيل ڏانهن ۽ ٻئي مان ٽئين ڏانهن گهلبو رهيو....

”هڪڙي قيدي جنهن کي هوچي منهه سان گڏ ساڳي بيڙي لڳل هئي، سو هڪڙي ڦهر سياري جي رات هوچي منهه مٿان ٽيڪ ڏيئي ليٽندي ليٽندي ٿڌ وگهي مري ويو. هو نانگ جيل کان ٽس ٽسي جيل ڏانهن ۽ ڪومين ڪان ليوچو جيل ڏانهن، ڪوهن جا ڪوهه سيءَ واري طوفان ۾ گهلبو رهيو. ڪيس سدائين پيرن ۾ بيڙيون ۽ هٿن ۾ هٿڪڙيون پيل هونديون هيون. اڪثر ڪيس ڳچيءَ ۾ لوهي ڳٽ

وجهي گهليندا هئا ۽ هو رڳو پنهنجي ارڏائي ۽ فولادي ارادي جي ڪري جيئرو رهيو ۽ ايڏيون اٿانگيون ۽ موتمار منزلون ڪهي، ۽ ايڏا عذاب سهي به جيئرو رهجي ويو."

قيد واري زماني هن ڪيترا بيت ۽ نظم لکيا.

احوال نمبر ٨

هڪڙي بيت ۾ چوي ٿو ته

"توهان اسان جا جسم قيد ڪيا آهن، پر اسان جا ذهن توهان کان هرگز قيد ٿي ڪو نه سگهندا."

ٻئي گيت ۾ چوي ٿو ته

"جانور اڪرين ۾ مهرين جا ڪيڏا نه ڏک سهن ٿا، پر ان عذاب سهڻ کان پوءِ به سنديق منهن ڪيئن نه اجريو اڇا ٿيو پوي. ساڳئي طرح ماڻهو ۽ قومون به بدنصيبي ۽ مصيبت جون مهريون سهي، چڙهي ڇنڊجي ۽ سهڻا ٿيو پون."

جونئن سان پيريل قيدي ساٿين، ڪي نمئي ۾ بيٺل ڏسي چوي ٿو ته

"اڪ پڙڻ کان پوءِ جنهن ڪي ڏسو سڄو نوڪ! نيڪ ۽ بد جو فرق جاڳڻ کان پوءِ ڏسي ٿئي ٿو، انسان ڄائي ڄمر کان نه نيڪ آهي نه بد، سماجي ماحول ئي انسان کي سٺو يا برو ڪري ٿو. قيدخاني جي سختيءَ جو احوال هن شعرن ۾ ڪيو اٿس:-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هي قيد خاني جي وحشت! هي اڪيلو قيد!!
هتي مون کي جيڪي چار مهينا گذريا آهن سي ذهن
سالن جي تڪليف ڪانءِ ڪُرا تا لڳن!!“

ڪڏهن جيل ۾ ٻاهرين گلن جي خوشبوءِ سرهاڻ
ايندي هئي، ان باٻت لکي ٿو.

”گل ٽڙن ٿا ۽ ڪومائجن ٿا. ڪين خبر ٿي
ڪانهي ته ڇا ٿيا سون ۽ ڇا ٿي وياسون! خوشبو
قيدخاني ۾ به گهڙيو اچي ٿي ۽ قيدي جي ڏکويل ۽
مصيبت جي ماريل دل ۾ اهي سگنديون ۽ مهڪارون
ڦريون ڏانهون ڪوڪون بڻجيو پون!!“

انقلابي قومي شاعرن کي چوي ٿو.

”پنهنجي شعرن کي رڱ جو لباس پهرايو!
شاعرو! پنهن جي شعرن کي بحر ۽ وزن ڏني
ورتو، هاڻي انهن کي جنگ جو فن سيکاريو، ته توهان
جا شعر گوليون بڻجي، قوم جي ۽ عوام جي دشمنن
جون دليون چيرين!!“

احوال نمبر ٩

٢ سيپٽمبر ١٩٤٥ع تي فرانس خلاف اعلان جنگ
جي موقعي تي ٿيل جلسي ۾ هوچي منهه هيٺين تقرير
ڪئي.

”٨٠ سالن کان به مٿي اسان جي ملڪ کي غلام
بڻائيندڙ فرينچ سامراجين آزادي برابري ۽ ڀائپي
جي نشان (يعني ڏيڍ صدي اڳ جي فرينچ جمهوري

انقلاب جي) ته رنگين جهنڊي جي آڙ ۾ اسان کي ڦريو ۽ اسان جي قوم تي ظلم ڪيا. اسان کان اسان جون سياسي آزاديون کسيون، وحشي قانون ناهيا، اسڪولن بدران قيد خانا ٺهرايا، اسان جي آزاديءَ جي بغاوتن کي رت جي درياءَ ۾ ٻوڙيو. اسان جي نسل کي آفيم ۽ شراب رستي بيهوش ڪيو. اسان جا مال ملڪيتون اسان جا گهر، گوٺ، ٻنيون ٻارا، جهنگ ۽ پيلا ڦريا ۽ اسان تي گهريون ڍلون ۽ ٽيڪس مڙهيا. اسان جي واپارين کان واپار کسيو، اسان جي نوڪرين وارن ملازمن کان غيرانساني ڪم ورتا. تان جو اسان جي قوم جو رت، چم، ماس، ڪوري کائي ويا آهن ۽ اسان جو رڳو هڏائون پڃرو وڃي ڇڏيو اٿن.

انهيءَ ڪري اسان، نئين ملڪ ويتنام جي عارضي حڪومت جا وزير ۽ عوام جا نمائندا اعلان ٿا ڪريون ته اسان فرينچ سامراجين کي تسليم نٿا ڪريون. هنن اسان جي قوم ۽ وطن تي جيڪي معاهدا زوري مڙهيا آهن، تن کي نٿا مڃيون. فرينچ اسان جي مدد تي جيڪي دعوائون ٿا ڪن ۽ حق ٿا چئين، تن کي قبول نٿا ڪريون. اسين ويتنامي هڪ زبان ۽ هڪ دل ٿي فرينچ قبول نٿا ڪريون. اسين غلاميءَ جي گهٽ خلاف محڪم آزادي سان لڙائي جاري رکڻ جو اعلان ڪريون ٿا.“

احوال نمبر ١٠

فرينچ مصنف لکي ٿو:

"١٩٤٦ع ۾ "هو" فرانس جي سرڪاري مهمان طور فرانس ويو. اتي هن کي فرانس جي صدر ورنول، هوٽل "دوويول ۾ دعوت ڏني. شروع ۾ هن ڪابه شيء کائڻ کان انڪار ڪيو پر پوء هن هڪڙو سهڻو صوف کڻي پنهن جي کيسي ۾ وڌو، صدر ورنول واڪڙو ٿـي ڏسڻ لڳو. ايتري ۾ هوچيمنهه هوٽل مان ٻاهر نڪري ويو ۽ تڪڙو تڪڙو اهي جيڪي ماڻهو سندس استقبال ڪرڻ لاء آيا هئا ۽ هوٽل جي ٻاهران نعرا پئي هنيائون تن مان هڪڙي ننڍڙي ڇوڪريء کي وڃي صوف ڏنائين......"

احوال نمبر ١١

١٩٤٥ع ۾ ويٽنام جي صدر ٿيڻ کان پوء سندس پهرين تقرير ۾ هن ٻارن کي خطاب ڪيو.

"منهنجا پيارا ٻارؤ!

اڄ سرء جي وچ جو ميلو آهي. توهان جي ماء پيء توهان کي لالٽين، رهل، ڦٽاڪا ۽ ٻيا ڪيترائي رانديڪا وٺي ڏنا هوندا ۽ توهان تمام خوش ٿيا هوندا. توهين خوشيون پيا ڪريو ۽ توهان جو چاچو به توهان سان خوشين ۾ ڀائيوار آهي. ڀلايو ته ڇو؟ پهرين ته انهيء ڪري جو مون کي توهان سان تمام گهڻو پيار آهي. ٻيو هي ته انهيء ڪري جو اڳئين سال هن سال گڏيل جي ڏينهن ۾ اسان جو ملڪ ظلمن جو شڪار

هو ۽ منهنجا پيارا پيارؤ توهين ننڍڙا ننڍڙا غلام هئا. هينئر هن سال ويٽنام وري هڪ دفعو آزادي ورتي آهي ۽ توهين هينئر هڪڙي آزاد ۽ خودمختيار ملڪ جا ننڍڙا وارث آهيو. اڄ جيتريون گهڻو خوشيون ڪريو. مون کي اميد آهي ته سڀاڻي توهين پڙهڻ ۾ مشغول ٿي وينداؤ. ڇا توهان سڀني کي ويٽنامي ٻولي ۽ جي الف ب اچي ٿي؟ جن کي نٿي اچي سي جلد سکي وٺن...... ايندڙ سرءُ جي ميلي ۾ اسين ٻارن ۽ ٻڍن ٻنهي جي ميلي ملهائڻ جو بندوبست ڪنداسين. توهان جو ڪهڙو خيال آهي؟....

.... هن سال آءٌ توهان کي ڪا به سوکڙي ڪونه ٿو ڏيان، جهجها جهجها سلام ۽ پيار ٿو موڪليان....

احوال نمبر ۱۲

فرينچن ناهه جا واعدا نه پاڙيا ۽ ۲۰ ڊسمبر ۱۹۴۶ع تي هنن دغا سان اوچتو ويٽنامي مجاهدن ۽ سندن آزاد حڪومت تي حملو ڪيو. هوچي منهه ۽ سندس ساٿي جنرل گياپ ذري گهٽ گرفتاري کان بچي وري پراڻن پيلن ۽ ٻنين ۾ وڃي لڪا. اُن موقعي تي هوچي منهه پنهن جي قوم ڏانهن هي پيغام موڪليو.

”منهنجا همه وطنو! انساني ڪوس کان بچڻ ۽ صلح ڪرڻ لاءِ اسان ڪيتريون ئي رعايتون ڏنيون آهن پر جيتريون رعايتون ٿيا ڏيون، اوترو هو انهن جو ناجائز فائدو ٿا وٺن ۽ اسان جي حقن کي ڪچلين ٿا.

.... هاڻ اٿين ته ٽيندو ملڪ انهن جي حوالي ڪري پيهر غلامي ۽ خواري جي ڪڏهن به ڪرڻ کان بهتر آهي ته جيڪو اٿون سو سڀ وطن تان صدقو ڪري ڇڏيون.

منهنجا همٿ وطنو! اٿي ڪڙا ٿيو!

جنهن وٽ رائيفل آهي، اهو رائيفل کڻي، جنهن وٽ تلوار آهي اهو تلوار کڻي، جنهن وٽ تلوار به ڪانهي، اهو ڪهاڙيون ۽ ڏنڊا کڻي اٿي کڙو ٿئي!....

.... اسان جي آڏو ڪيتريون ئي مشڪلاتون ۽ رڪاوٽون اچن ته به اسان کي هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ کپي. فتح اسان جي ٿيندي...."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سورهيہ قوم جو سدا حيات سورمو!

ڪـرڪـٽا لاهـي سڪ نـہ ستا ڪڏهن
اوسيڱڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو. (شاه)

"....منهنجي زندگيءَ ۾ ڪيتريون ئي لاهيون چاڙهيون آيون. بکون ڪاٽيم، رولڙا سٺم، هوٽل جي بيراگيري ڪيم، بورچي ٿيس، رستي تان برف ڏوئڻ وارو ٿيس، ريل جي انجڻ ۾ ڪوئلن وجهڻ جو ڪم ڪيم، فوٽو گرافري سکيم، اهڙي ريت مون زندگيءَ جي ڏکن سڪن مرڪندي اکيون اکين سان ملايون آهن. آءٌ سچ جي ڳولا ۾ ڳوٺ ڳوٺ رليس ۽ ملڪن جا ... پيرن هيٺان لتاڙيم....

".... آءٌ خالي صاف شفاف دل ۽ ٻن سڪڻن هٿن سان ازلي سچ ۽ ابدي حقيقتن جي ڳولا ۾ روانو ٿيس....

".... آءٌ هنڌ هنڌ ويس، آفريڪا بہ ويس، انگلينڊ بہ پهتيس ۽ آمريڪا ۾ بہ قدم رکيم....

".... جنهن بہ تحريڪ ويٽنام جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ٿي ڪئي، تنهن شڪست ٿي کاڌي. آءٌ جڏهن بہ انهن ڳالهين جي باري ۾ سوچيندو هوس تہ منهنجي دل لهي ويندي هئي.... تنهن هوندي بہ منهنجي دل ۾ آزاديءَ حاصل ڪرڻ جي جيڪا آڳ پئي جلي، تنهن جي لاٽ ڪي مون ڪڏهن بہ وسامڻ نہ ڏنو...."

صدر هوچي منهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڪِ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَڙهَندَڙ نَسُل) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي ورې پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سڀني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم-گولو،

جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ

پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.

- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)